# پُوربي پهاڪا

(Proverbs of East)

## Part 1-حصو پهريون

## سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون

(Sindhi Proverbs & Sayings)

(Compiled by) تاليف و تصنيف

الطاف شيخ

Altaf Shaikh

# فهرست


ساداا کر – انجنيئر عبدالوهاب سهتو

مؤلف پاران، رڻي آهي گهوٽ سان، ڪتاب تان ورتل – الطاف شيخ

سنڌي پهاڪا ۽ چوٽيون (متن ) – الطاف شيخ

ڏسٽي –

هرفن مولا – الطاف، رڻي آهي گهوٽ سان، ڪتاب تان ورتل – قمر شهباز

مهاڳ/ پيش لفظ، رڻي آهي گهوٽ سان، ڪتاب تان ورتل – آفتاب ابڙو

مهاڳ، رڻي آهي گهوٽ سان، ڪتاب تان ورتل – قاسم ٻگهيو

# سادا اکر

سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون گڏ ڪرڻ لاءِ ڪيترن آڳاٽن اديبن ۽ محققن هٿ پير هنيا آهن. جن منجهه پهريون نالو ديوان ڪوڙومل کلناڻي (1844-1916) جو اچي ٿو. ان صاحب سنڌي پهاڪا جي نالي سان 1888ع ڌاري ڪتاب ڇپايو هيو، جنهن ۾ اٺ سو پهاڪا الفا بيٽ ترتيب تحت ڏنا ويا هيا. اهوڪتاب، پهاڪن جي مڙني ڪتابن کان، ڇپائيءَ جي لحاظ کان آڳاٽو تسليم ڪيو وڃي ٿو. سندس هم عصر ليکڪن ۾ ٻيو نالو ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻيءَ جو اچي ٿو. ان صاحب، 1869 ع ڌاري پهاڪن جو ڪتاب، گلشڪر نالي ترتيب ڏنو هيو، جنهن ۾پنج سو ستر پهاڪا ڏنل آهي. جيڪو سنڌ تعليم کاتي وارن وٽ ڇپائيءَ جي انتظار ۾ رهيو ۽ 1905ع ڌاري ڇاپي هيٺ آيو. ان کان علاوه ان وقت ڌاري، جناب روچيرام گجومل (A Hand Book of Sindhi Poverbs) نالي پهاڪن جو ڪتاب 1895 ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي: پهرئين حصي ۾ چار سؤ سنڌي پهاڪا، سندن انگريزي نعم البدل سان گڏ ڏنل آهن ۽ ٻئي حصي ۾ ٽي سؤ ويهه سنڌي پهاڪا انگريزي معنيٰ سان ڏنل آهن. مرزا قليچ بيگ صاحب (1853-1929) پڻ 1925ع ڌاري پهاڪن جي حڪمت نالي ڪتاب جوڙيو، جيڪو ٽن مکيه حصن: ايرندي ايشيا جا پهاڪا، الهندي ايشيا جا پهاڪا ۽ مذهبي ڪتابن جا پهاڪا، تي مشتمل هيو. پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ (1875-1950) پڻ، 1925ع ڌاري اصطلاحن ۽ ورجيسن جو ڪتاب، گلقند نالي سان لکي ڇپايو هيو. ان صاحب 1942ع ڌاري پهاڪن جي پيڙهه نالي ڪتاب ڇپايو، جنهن ۾ 143 پهاڪا ڏنل آهن.

ورهاڱي کانپوءِ به هند سنڌ ۾، سنڌي پهاڪن جا ڪيترا ئي ڪتاب لکيا ۽ ڇپايا ويا آهن. چند ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. سنڌ اندر ڇپيل ڪتاب:
   - 1.1. پهاڪن جي پيڙهه، الله بخش ٽالپر
   - 1.2. پهاڪن جي پاڙ، عبدالڪريم سنديلو
   - 1.3. پهاڪن جي پروڙ، شمس الدين ٽونيو لاڙڪاڻوي
   - 1.4. رڻي آهي ڳهوٽ سان، الطاف شيخ
   - 1.5. اترادي پهاڪا ۽ چوڻيون، انجنيئر عبدالوهاب سهتو
   - 1.6. موزون آکاڻين تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون، انجنيئر عبدالوهاب سهتو
   - 1.7. ننيڍڙي روپ وارا چوڻيون ۽ پهاڪا، انجنيئر عبدالوهاب سهتو

2. هند اندر ڇپيل ڪتاب:
   - 2.1. پهاڪن جي پابوهه، پيسومل تيرٿداس

2.2. درن جي دٻلي ۾ ياڳا، سترامداس جڙياسنگهاڻي
2.3. سنڌي پهاڪا ۽ محاورا ڪوش، سنتداس پنهومل سنتل ڪشناڻي
2.4. چونڊ سنڌي چوڻيون، ڪيرت مهرچنداڻي

هيءُ سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون، الطاف شيخ صاحب جي ڇپيل ڪتاب، رني آهي گهوٽ سان، منجهان ڪنيا ويا آهن.

الطاف شيخ صاحب، ميرين انجنيئر هئڻ سان گڏ، سنڌي سفرناما پڻ لکندو رهيو آهي. ان ڪان علاوه، ترجمي ۽ تاليف جو ڪم پڻ ڪيو اٿس. ڏاهي جهرڪي، انااميڪا ۽ ٽوڪيو جي گيشا گرل ترجما اٿس. جڏهن ته جپان جن جي جيءَ سان، ڪتاب ۾ جپان جي لوڪ ادب کي متعارف ڪرايو اٿائين.

پهاڪن بابت سندس ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن: Proverbs of Far East ۽ رني آهي گهوٽ سان. جڏهن ته ڪيترن ڪتابن ۾ پهاڪا پڻ ڏنا اٿائين. جهڙوڪ: الطاف شيخ جي نوٽ بڪ تان، ماستر هريام جو ٻئنڪاڪ وڃڻ ۽ جپان جن جي جيءَ سان وغيره.

هتي سندس پهاڪن جي ڪتاب، رني آهي گهوٽ سان، منجهان سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون، ڪانئس اجازت وٺي، پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ ساڳي ترتيب هيٺ ڏجن ٿا. متن ۾ اصلاح ۽ صورتختيءَ جون درستگيون ڪيون ويون آهن. البته پوءِ به ڪي اوڻايون رهجي ويون آهن، جيڪي ايندڙ اشاعت تائين درست ڪيون وينديون. متن جي پويان، اردو الفابيٽ تحت ڏسٽي يا Index ڏني وئي آهي ته جيئن ڪا به داخلا ڳولڻ ۾ آساني ٿئي. ان ڪان علاوه، سمورين داخلائن جي آخر ۾ داخلا جي جنس بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي ته: آيا اها چوڻي آهي يا پهاڪو، ورجيس آهي يا اصطلاح. ڏسٽيءَ اندر سمورين داخلائن جي پڇڙيءَ ۾، متن اندر داخلا کي ڳولڻ لاءِ، داخلا جو جريان نمبر پڻ ڏنو ويو آهي.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو
ٽيھ جنوري ٻہ هزار نو
ڪنڏڪوٽ

# مؤلف پاران

(رني آهي گهوٽ سان، ڪتاب تان ڪنيل)

هي پهاڪا ۽ چوڻيون، گهڻ ۾ گهڻ 1965ع کان گڏ ڪندو پيو اچان. ڪٿي ڪو پهاڪو پڙهيو يا ڪنهن کان ٻڌو تي ته نوٽ ڪيم ٿي. خاص ڪري، پوڙهن هندو-سنڌي دڪاندارن کان ڏاڍا ٻڌا اٿم. وچ ۾ ڪجهه عرصو ڇڏي به ڏنم. شايد هي اهو دور هو، جڏهن منهنجو جهاز بندرگاهه ۾ گهڻ بيهندو هو ۽ سمنڊ تي گهڻو هلندو هو. ان بعد ڏور اوير جي ملڪن ۾ رهڻ دوران _ خاص ڪري جپان، چين ۽ ملائيشيا ۾، اتي جي ڳوناڻن ڪي ڳالهه ڳالهه ۾ ڪا چوڻي استعمال ڪندو ٻڌي انهن زبانن جون چوڻيون ۽ پهاڪا پڻ گڏ ڪرڻ لڳس.

جيتوڻيڪ شروع ۾ ڇپائڻ جو خيال نه هو. ائين ئي پنهنجي لاءِ گڏ ڪندو ويس پر پوءِ ملائيشيا ۾ يڪا سارا ست اٺ سال رهڻ واري دور ۾ اتي جي ملئي ادبي دوستن صلاح ڏني ته اهي پهاڪا ڇپرايا وڃن، خاص ڪري ملئي زبان جا. ڇو جو ان وقت ملائيشيا ۾ ڪوبه ملئي پهاڪن (ملئي زبان ۾ پهاڪن کي ”پِري بهاسا“ Prebahasa چئجي ٿو) جو ڪتاب نه ڇپيو هو.

ملئي پهاڪن کي ڇپائڻ وقت اهو سوال پيدا ٿيو ته انهن کي ڪهڙي طرح سان ترتيب ڏنو وڃي. الفابيٽ جي حساب سان يا مختلف عنوانن هيٺ رکيو وڃي. پهاڪن جي معنىٰ ۽ اصل نسل به ڳولي ڏنو وڃي يا نه. ان بحث ۾ سال ٻه ٻيا به نڪري ويا. آخر اتي جي (ملائيشيا جي) اديبن اها صلاح ڏني ته في الحال جيئن آهن تيئن ڇپايا وڃن. ڊڪشنرين وانگر پهاڪا به ڪنهن جي ملڪيت نه آهن. دير سان يا نه ڇپائڻ کان بهتر آهي ته جيڪي آهي اهو ڇپجي وڃي ته سنو، پوءِ بعد ۾ ٻيا اديب ان کي سڌاريندا ۽ تبديليون آڻيندا رهن. اهڙي طرح اهو ڪتاب ”Proverbs of Far East“ جي نالي سان ڇپيو جنهن جا پيش لفظ ملائيشيا جي جهوني ۽ مشهور افسانه نگار ڪرس ماس ۽ ”Daughter of East“ جي ليکڪا بينظير ڀٽو لکيا.

مٿيون ڪتاب نه فقط ملائيشيا ۾ بلڪ جپان، چين ۽ ڏور اوير جي ٻين ملڪن ۾ ڪافي پسند ڪيو ويو. پاڪستاني انگريزي اخبار Dawn ۽ هيرالڊ ۾ ان تي Review پڻ آيا. ان ڪتاب ۾ ملئي پهاڪن سان گڏ جپاني ۽ چيني پهاڪا پڻ شامل ڪيا هئم. ان ڪتاب بعد منهنجي ڪيترن سنڌي اديب دوستن ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي صلاح ڏني. مون سوچيو ته نه فقط ان ڪتاب جا ملئي، چيني ۽ جپاني پهاڪا پر سنڌي پهاڪا پڻ ان ۾ شامل ڪيا وڃن. اهو سوچي ڪتاب ”رني آهي گهوٽ سان.........“ تيار ڪيو ويو، جنهن جو نالو ”رني آهي گهوٽ سان، ڳالهائي نٿي ڳوٺ سان“ ورجيس تان ڪنيو ويو.

هن ڪتاب ۾ سنڌي يا ٻين زبانن جا مڙيئي پهاڪا نه آهن. بس ائين ڪٺي ڇئجي ته هيءَ ذاتي Collection آهي. ان کي اڃا به وڌائي سگهجي ٿو. اڃا به بهتر ڪري سگهجي ٿو. اعلىٰ کان اعلىٰ شيءِ جي تخليق جي چڪر ۾ ائين ئي وينو رهجي يا لاڏاٽو ڪري وڃجي، ان کان بهتر آهي ته جيڪي حال حبيبان تي سگهي، في الحال اهو پيش پريان ڪيو وڃي.

هن ڪتاب جي صورتحال ۽ گرامر جي چُڪن جي درستيءَ لاءِ هڪ دوست تاج بلوچ کي عرض ڪيم. هو مٿي تي هٿ رکي ويهي رهيو ته هن ۾ ايتريون اوٽايون پوٽايون آهن جو صحيح شڪل ۾ آڻڻ لاءِ وڏو وقت کپي. بهرحال منهنجي چوڻ تي هن ۽ آفتاب ابڙي صاحب، جيڪا ٿورو گهڻو متاچري ميڪ اپ ڪئي ان لاءِ سندن ٿورائتو آهيان. باقي غلطيون رهيل آهن. انهن کي برداشت ڪرڻ لاءِ پڙهندڙن جو ٿورائتو آهيان.

مٿيون ڪمزوريون منهنجن ٻين ڪتابن ۾ جام آهن، جن لاءِ منهنجا اديب دوست ۽ مهربان پڙهندڙ ٻڌائيندا رهن ٿا. جڏهن ته ان معاملي ۾ منهنجي سڌرڻ جي اميد گهٽ ئي آهي. آئون سنڌي ٻوليءَ جو اهو اديب آهيان جنهن جو 1963ع کان وٺي گهڻو وقت سنڌ کان ٻاهر گذريو آهي. جتي سنڌي ڳالهائڻ يا ٻڌڻ جو ورلي ڪو موقعو مليو ٿو. ان کان

علاوه آئون اهو اديب آهيان جنهن جو گهڻو وقت، جهازن توڙي بندرگاهن ۾، اديبن ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن سان ملڻ بدران پاڻ جهڙن جهازي مسترين ۽ ماچين مهاڻن ساٿين سان گذري ٿو. اهڙي صورت ۾ سنڌي جي صورتخطي ۽ گرامر وغيره ڪيئن ٿي سڌري سگهي. سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمنٽ ۾ چانهه پيارينڌڙ پٽيوالي جي زبان سڌرڻ جي اميد ضرور ٿي سگهي ٿي پر جهازجي ٻارهن هزار هارس پاور جي هلنڌڙ انجڻ واري ڪمري ۾ يونانين، چينين، پناڻن ۽ مڪرانين سان گڏ ڪم ڪنڌڙ مون جهڙي جي گرامر ڇا سڌري سگهي ٿي. سا به هن عمر ۾! سوچڻ جي ڳالهه آهي.

هڪ ٻي ڳالهه ته ناهي ناهي ۽ سوچي سوچي، لکڻ سان شايد، پڪ نه اٿم، ڪجهه بهتر لکي وڃان. جنهن رفتار سان مونکي لکڻ لاءِ ڳالهيون ڏيان ۾ اچن ٿيون، ان حساب سان ايترو وقت نه اٿم جو زبان جي Cosmetics ڪي ڏئي سگهان. بس اهوئي سوچي مطمئن ٿيندو آهيان ته هي رنڊا روڙيندي جيڪڏهن پڙهندڙ تائين منهنجو Message پهچي ٿو ۽ هو ان کي سمجهي به ٿو ته مون لک ڪتيا. نه ته اڄ جي Electronic Media ۾ ڪنهن کي وقت آهي، ڪتاب يا اخبار پڙهڻ جو.

الطاف شيخ
ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 12292
ڊفينس سوسائٽي، ڪراچي 75500

# سنڌي پھاڪا ۽ چوڻيون (متن)

## SINDHI SAYINGS AND PROVERBS

1. مئو مري نه نٿو، مئي ڪانسواءِ سري نه نٿي. ورجيس
ڪنهن ڳالھ مان بيزار نه ٿجي، ڇڏي نه سگھجي.
2. دائيءَ ڪان ڏُن ڳُجھوناهي. پهاڪو
دائي جيڪا عورت جي هر اوگھڙ ڏسي ٿي، ان ڪان جسم جو هڪ عام حصو ڇا لڪل رهي سگھي ٿو
3. ڏڪڻ مينهن نه وسڻو، وسي ته ٻوڙي، هيڻو ڏڪ نه هڻڻو، هڻي ته جهوري. پهاڪو
هيڻي ۽ ناتوان کي ڪمزور نه سمجهجي
4. خالي چڙو، وڃي گھڻو. پهاڪو
هي مثال انهن ماڻهن لاءِ ڏئي سگھجي ٿو، جن کي علم يا معلومات ٿورو هجي پر گھڻي ٻڪ ٻڪ ڪندا رهن
5. سُڃا هليا پيينگين وٽ، چي: "عيد مبارڪ." پهاڪو
هڪ ڪُٽل ماڻهوءَ جو ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنجوس وٽ پهچڻ، جيڪو پاڻ تي به خرچ نه ڪري
6. ڄنگهون يارن وٽ، هلي آهي گمبٽ. ورجيس
ڄنهنجون ڄنگهون يارن وٽ، سا ڪيئن ويندي گمبٽ. پهاڪو. ويجھ جن جي وچ تي، سي گمبٽ ڪيئن گھارين.
چوڻي. هڪ اڻ ٿيڻي ڳالھ لاءِ ڪوشش ڪرڻ
7. ڄٽ جي ڄمار؛ ٻه ڪٽا، ٽين مار. چوڻي
ڄٽ جي ڄمار: ٻن ڪٽن جي مار. اهو پهاڪو رسول بخش پليجو ڪان ڪيترائي دفعا ٻڌو اٿم جيڪو هو تقريرن ۾ استعمال ڪندو آهي. هڪ ڳوناڻي غريب ۽ اڻ پڙهيل جي ڇا هلندي چلندي ۽ حيثيت آهي. اسان جو سياستدان ان ڪان ووٽ ته وٺي ٿو پر هن سان ڪيل وعدن تي عمل نٿو ڪري. هو سندس ڪمزوري ۽ هيڻائيءَ جو ناجائز فائدو ٺي ٿو
8. ٿتونءَ کي ٿارو، تازيءَ کي اشارو. پهاڪو
عقلمند ۽ خانداني ماڻهوءَ لاءِ اشارو ڪافي آهي. "عاقلان را اشارا بس است". عقلمند ماڻهوءَ کي اشاري ۾ ڳالھ سمجهي وڃڻ کپي. هڪ فرمانبردار مڙس زال کي چيو: "ڪجھ ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن جيڪي پاڻهي سمجهڻ کپن. آخر تون سمجهين ڇو نٿي؟"
"بس بس، آئون سمجهي ويس!" زال وراڻيو: "اڄ توهان جو موڊ ٿانوَ ۽ ڪپڙا ڌوئڻ تي ناهي."
9. ڇتو ڪتو به ڏٽي سڃاڻي. پهاڪو
ڪتي جو مالڪ اهو آهي، جيڪو هن کي ٽڪر پور ڪائڻ لاءِ ڏئي ٿو. انسان کي به پنهنجي مالڪ يعني رب پاڪ کي سڃاڻڻ کپي. جيڪو ڪيس سڄي زندگي ڪارائي ٿو. جيڪو رازق ۽ رحيم آهي
هڪ دفعي حضرت با يزيد بسطاميءَ نماز پڙهي بس ڪئي. مسجد جي امام چيس: تون نه ڪنهن ڪان گھرين ٿو ۽ نه ڪو ڪم ڪار ڪرين ٿو، پوءِ تنهنجو گذر سفر ڪهڙيءَ طرح ٿئي ٿو؟
بسطاميءَ فرمايو: "ٿوري دير صبر ڪر ته آئون وري نماز پڙهي وٺان، پوءِ توکي جواب ڏيان ٿو. ڇو ته اهڙي ماڻهوءَ جي پٺيان نماز پڙهڻ صحيح ناهي. جيڪو رزق ڏيڻ واري کي نه سڃاڻي!"
10. سچ ته بينو نچ، ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ. چوڻي
ڪي سچ ته مڙسن جون وايون بتال ڪري ڇڏيندا آهن. هڪ همراھ روز رات جو نه فقط زال کي گھر ۾ اڪيلو ڇڏي ويندو هو پر ڪيس اهو به طعنو ڏيندو هو: "خدا حافظ! ٽن ٻارن جي ماءُ."

هڪ دفعي زال تنگ ٿي جواب ۾ چيس: ”الله نگهبان! هڪ ڀار جا پيءُ.“
ان بعد مڙس رات جو نڪرڻ ڇڏي ڏنو.

11. حقيقت ڪڙي ٿئي ٿي. پهاڪو

پر ڪڏهن ڪڙي لڳي ٿي؟ شايد اکيون کُلڻ تي
پولنڊ جي هڪ ٻار ڪلاس ۾ پنهنجي استاد کي ٻڌايو:
”سائين! اسانجي ٻليءَ چار ٻچا ڏنا آهن. سمورا پڪا ڪميونسٽ آهن.“
استاد کيس شاباس ڏني. هفتي کن ڪانپوءِ جڏهن اسڪول جو انسپيڪٽرمعائني لاءِ آيو ته استاد هن ٻار کي ٻليءَ جي ٻچن واري ڳالهه وري ٻڌائڻ لاءِ چيو. ٻار چيو: ”اسانجي ٻليءَ چار ٻچا ڏنا آهن. سمورا پڪا جمهوريت پسند آهن.“
استاد وائڙو ٿي چيو: ”هفتو اڳ ته اها ڳالهه نه ڪئي هيئي!؟“
ٻار وراڻيو: ”بلڪل صحيح تا چئو! پر هاڻي پونگڙن جون اکيون کلي ويون آهن.“

12. مئا به ڪڏهن مساڻ مان موٽيا؟ پهاڪو

مساڻ: اها جاءِ جتي هندو مُردن کي ساڙيندا آهن. ساڳيو پهاڪو هن ريت به چئي سگهجي ٿو: مئا به ڪڏهن مقام مان موٽيا آهن! يا مئا ڪڏهن به مقام مان نه موٽيا آهن. مطلب: هڪ دفعو مرڻ بعد ڪوبه وري نٿو موٽي.
هڪ جهيڙاڪار عورت جي ڳالهه ٿا ڪن ته سندس جنازي کي جڏهن ڪانڌي ڪٽي پئي ويا ته رستي تي ٻجليءَ جي هڪ ٿنڀي سان سندس ڪائي ٽڪرائجي وئي. جهٽڪي تي هوءَ اٿي ويني. کيس جيئرو ڏسي سڀ وائڙا ٿي ويا. خاص ڪري سندس مڙس، جيڪو جهيڙن مان سخت بيزار هو. ڪانڌين مان ڪيترن ٻڌايو ته ڪڏهن ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي. قبر ۾ لاهڻ بعد به ڪي لاش جيئرا ٿيا آهن. بهرحال کيس واپس گهر وني آيا. ان بعد ٻيا به ڪيترا سال جيئرو رهڻ بعد، ٻيو دفعو مٿس موت آيو. غسل ۽ ڪفن بعد جڏهن جنازي کي قبرستان ڪٽي پئي ويا ته ڪانڌين مان ڪو چوي ته ڪلمو پڙهو، ڪو چوي ته درود پڙهو. مائيءَ جو مڙس سڀني وات تاڪيد ڪندو پئي هليو: ”بابا! رڳو ٿنڀي کان بچائي هلجو!“

13. ستين لنگهڻين، ڪتو به حلال. پهاڪو

لنگهڻ معنىٰ ويلو ويهڻ، بک مرڻ. گهڻن ويلن جي بک بعد، جياپي لاءِ ضروري آهي ته انسان ڪجهه کائي. ان حالت ۾ صحيح ۽ خراب ڏسڻ ضروري ناهي! اسلام ۾ به ٽي ڏينهن فاقا ڪاٽڻ بعد، حرام شيءِ مان ايتروکائڻ روا آهي، جنهن سان جان بچي سگهي.

14. لَڇمي، ڪُلڇڻ ڍَڪٽي. پهاڪو

لڇمي معنىٰ دولت. ڪُلڇڻ معنىٰ خراب لڇڻ يا بدافعال. دولت اها شيءِ آهي، جيڪا ماڻهوءَ جا عيب ثواب لڪايو ڇڏي. جيڪڏهن غريب ڪتا پاليندو ته چوندا: خوار خراب ٿيو آهي. جيڪڏهن امير ساڳيو ڪم ڪندو ته چوندا: ”شوق ڪيواٽس!“ انهيءَ ڪري چوندا آهن: جنهن جي ڳنديءَ ۾ داڻا، تنهنجا چريا به سياڻا.

15. دال روٽي، ڪڏهن نه ڪوٽي. پهاڪو

سادگيءَ ۾ رهڻ سان، انسان ڏکيا ڏينهن نٿو ڏسي

16. لِکيون لوهارن کي، ڇَڏن منجهه ڇٽڳون. پهاڪو

اهو ڪهڙو لوهار يا ويلڊر آهي، جيڪو ڇٽڳن کان بچي سگهي. لوهار جو خاص ڪم، لوهه جي ٽڪر کي باهه ۾ تپائي ڳاڙهو ڪري مٿس مترڪن سان ڌڪ هڻي مختلف شڪل ۾ آڻڻ آهي. لوهه تڏهن ئي شڪل بدلائي سگهي ٿو، جڏهن ٽانڊي وانگر گرم هجي. ڌڪ هڻڻ سان لوهه جا سنها ذرڙا ۽ ڇٽڳون اڏامن ٿيون ۽ وينل لوهار جي ڪڇ ۾ ڪرن ٿيون.

17. اٺ چڙهئي به ڪڏهن نانگ کائي! پهاڪو

اٺ تي سوار، جيڪڏهن نانگن کان ڏجي ته اها سندس بيوقوفي آهي. نانگ زمين تي سرندڙ شيءِ آهي ۽ زمين تي هلندڙ، خاص ڪري پيرن-اگهاڙو، نانگ جي ڏنگ جو شڪار ٿئي ٿو. اٺ جي سوار کي کهڙو خوف خطرو. بهرحال اهو پهاڪو هند، سنڌ، پنجاب تائين ته ڏئي سگهجي ٿو پر ملائيشيا، انڊونيشيا پاسي اهڙا به نانگ آهن جيڪي وڻن تي ته چڙهيو وڃن پر موٽر لارين ۾ به گهڙيو اچيو ڏنگين. ان کان علاوه اڏامندڙ نانگ به آهن، جيڪي هڪ پٽ کان ٻي پٽ يا ڇت تي اڏاميو وڃن. ڪيترا نانگ اهڙا آهن، جيڪي ڏنگ بدران زهر جو ڦوهارو هڻن ٿا ۽ ماڻهو انڌو ٿيو وڃي. ان ڪري چوندا آهن: نانگ پڃري ۾ هجي، ته به پري ٻيهجي. ڪيترن نانگن کي مسمريزم Hypnotism جو هنر آهي ۽ جنهن ماڻهوءَ يا جانور سان اکيون ملائين اهو اچيو سندن اڳيان ڦهڪو ڪري.

18. اماڙ ڏنل ڪتي، تارا ڏسي رُوڙي. پهاڪو

اماڙ يا اماڙي: سنهي دڪيل ڪانيءَ سان سڙيل ڪتي، تارن کان به پئي ڏجندي آهي. جيئن اڙدو ۾ چوٽي آهي: کير جو ڪانيل، ڇاڇ به ڦوڪي پيئي. جپاني زبان ۾ چوٽي آهي: سج جي سڙيل مينهن، پاٽيءَ ۾ چنڊ جو اولڙو ڏسي ڏکي ويندي آهي

19. اکھ ۽ ڳپ جي سڌ، رب کي. پهاڪو

ڳپ معنیٰ پيٽ. عورت جي پيٽ ۾ ڌيءَ آهي يا پٽ، اها هڪ ڳجهي ڳالھ آهي. الٽراسانڪ ۽ سي ٽي اسڪئنگ بعد به ڪو سؤ سيڪڙو پڪ نٿو ڏئي سگهي. اهڙيءَ طرح ٻئي ڏينهن شيءِ جو اکھ ڇا رهندو، ان لاءِ خاطري سان چئي نٿو سگهجي. انهن ڳالهين جي رب کي ئي خبر.

20. رن چشڪي هري، رکي آرت وار. پهاڪو

21. اکھ ڪٽيو ڪائجي، وَٽ ڪٽيو نہ ڪائجي. چوٽي

وٽ معنیٰ تورو. تور گهٽ نہ ڏجي يا تور ۾ هيرا ڦيري نہ ڪجي. واپار ۾، اکھ گهٽ-وڌ وٺي سگهجي ٿو.

22. شينهن نہ ڏيکيا، ڏيک ٻلاڙا، چور نہ ڏيکيا، ڏيک سونارا. چوٽي

هن پهاڪي ۾ سونارن تي چوھ چنڊيل آهن تہ سندن ڪم، چورن وانگر آهن. صحيح ماپ يا سون نہ ڏئي هو ماڻهن کان پئسا ڦرين ٿا.

23. سڄڻ ڏئي سڄي ٻانهن، تہ سڄي نہ ڳيهجي. پهاڪو

ڪن ماڻهن جي عادت هوندي آهي: جيڪڏهن ڪو ساڻن همدردي ڪندو آهي تہ مٿس صفا لاهي پاهي ويهندا آهن ۽ ناجائز فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيئن چئبو آ: ڇت کي ڏي عزت تہ جتيءَ سوڌو ڳلم تي

24. شينهن اڳيان ڪاني اڇلڻ سولي، ڪٽڻ اولي. پهاڪو

ڪي ڪم چوڻ يا هڪ طرفا ڪرڻ سولا آهن. انهن کي هلائڻ يا قائم رکڻ ڏکيو آهي. پري کان بيهي شينهن ڏي ڪاني يا پٿر اڇلڻ سولو ڪم آهي پر سندس ويجهو وڃي ڪٽڻ ڏکيو ڪم آهي. جو جو شينهن دنيا جو خطرناڪ جانور سمجهيو وڃي ٿو. ڪن جي نظرن ۾ شينهن کان به وڌيڪ خطرناڪ ٻيا جانور آهن. سرڪس ۾ ڪم ڪندڙ هڪ همراھ کي رات جو گهر موٽڻ ۾ دير ٿي وئي. زال جي دڙڪن جي ڊپ کان گهر وڃڻ بدران اها رات شينهن جي پڃري ۾ سمهي پيو. زال جي جڏهن صبح جو اک کلي ۽ مڙس کي نہ ڏٺائين تہ ڪاوڙ ۾ اٿي سندس ڳولا شروع ڪيائين. ڳوليندي ڳوليندي اچي شينهن جي پڃري وٽ نڪتي ۽ شينهن جي پرسان مڙس کي سکون سان ڪونگهرا هڻندو ڏسي رڙ ڪري چيائينس: ”اُٺ! ڊڄڻا ڪنهن جاءِ جا!“

25. ويهي ويهي مڙس ڪري، سا وَهي جو وڃائي. چوٽي

جڏهن مڙس ڪرڻو ئي آهي تہ پوءِ جوانيءَ ۾ ڪجي. ويهي جواني نہ وڃائجي. ڇو جو پوڙهپ ۾ شادي ڪرڻ سان اولاد نہ ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو ۽ مڙس جو بہ ڪراڙي زال ڏانهن لڳاءُ گهٽ رهي ٿو.

26. اُٺ پوڙهو ٿيو تہ بہ مُتڻ نہ سکيو. پهاڪو

اُٺ جي مٽڻ وقت سندس پيشاب پنيان وڃي، سندس سڄيون ٽنگون آليون ڪري ٿو

27. ناٿو، نَرَ چُتو ڪري. پهاڪو
دولت: خراب شيءِ پڻ آهي، جيڪا ڏسڻ وائسڻ کي به ڪاريو چڙي

28. گڏهه پنهنجي سانوٽي هينگڻ ۾ وڃائي. پهاڪو

29. نه ڪنهن جي ڪتي کي هٿ لائجي، نه پنهنجو پَٽُ پٽائجي. پهاڪو
بين سان چرُچ ڪري، پاڻ کي نقصان ۾ نه وجهجي، جيئن چوندا آهن: شيشي جي گهر ۾ رهندڙن کي، واٽ ويندن تي پتر نه اڇلڻ کپن.

30. پڙهي پاڻ نه جاڻي، ماري ختابي. پهاڪو
ختابي معنىٰ شاگرد. خاص ڪري مذهبي اسڪول يا مدرسي جا. ڪيترا معلم/ ماستر گهٽ ڄاڻ هجڻ ڪري، ٻارن کي چڱيءَ طرح پاڙهي يا سمجهائي نه سگهندا آهن. پوءِ زور هوندو اٿن موچڙي مار تي جيڪا سجو ڏوهه شاگردن تي پيا تاڦيندا آهن.

31. ناٿو ڏجي آڪرو ته گيهه چو ونجي ٻاڪرو. پهاڪو
ٻاڪرو گيهه، ماهئي کان گهٽ سمجهيو وڃي ٿو. ٻاڪري کير مان مکڻ گهٽ نڪرندو آهي ته گيهه کهڙو ملندو. سني شيءِ جي قيمت ۾، سادي چو ونجي.

32. درياءَ پر ويهي، وجهجي نه واڳن سان وير. پهاڪو
طاقتور هستيءَ جي هٿ وس رهي، ساڻس جهيڙو نه ڪرڻ گهرجي. ساڻس پنگو اٽڪائڻ کان، ٻيجي پاسو ڪجي يا ماٺ ۾ گذارو ڪجي.

33. جنهن ڪاڻ اڳتي هلي بيهجي، تنهن سان گڏيو چو نه وججي. چوٽي

34. واڳڻ ڪِن کي وائي، ڪن کي بادي. پهاڪو
ڪي شيون يا ڳالهيون ڪن کي هڪڙو ڏک پهچائين ٿيون ته ڪن کي ٻيو. يا هڪڙن کي تڪليف ڏين ٿيون ته بين کي فائدو. ويندي زهر به ڪن لاءِ نقصان ڪار آهي ته ڪن لاءِ ترياق.

35. جنهن جي واٽ نه وڃجي، تنهن جو پنڌ چو پڇائجي. پهاڪو
جيڪا شيءِ حاصل ڪرڻ جو ارادو نه هجي، تنهن لاءِ خوار چو ٿجي

36. ڪُتو به ڪاڙو، ڪک به نه پري. ورجيس
ڪتو حرام، پليد ۽ نجس شيءِ آهي. خراب ڪم به ڪجي ۽ فائدو به نه ٿئي ته اها ٻيٽي غلطي ٿي. جيڪڏهن ڪو لالچ ۾ اچي ڪو غلط ڪم ڪري ۽ ڪجهه هڙ حاصل ٿيڻ بدران جهلجي پوي يا سزا مليس ته ان لاءِ مٿيون مثال ڏبو آهي.

37. نچڻ بيني ته گهونگهٽ کهڙو. پهاڪو
گهونگهٽ معنىٰ پڙدو ڪرڻ. پنهنجو حياءُ يا لڄ قائم رکڻ. نچڻ لاءِ بي حيا ۽ بي شرم ٿيڻو پوي ٿو. هاڻ جيڪو نچڻ لڳو آهي، ان کي پڙدي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت. جيڪڏهن ڪا ناچڻي عورت پردو ڪري ٿي ته ندس ان ادا کي ڪير به حياءُ ۽ شرم نه سمجهندو، پر سندس اجايو نخرو سمجهندو.

38. اُٺ تڏهن ٿي رڙيا، جڏهن بورا ٿي سبيا. پهاڪو
جن تي بار اچڻو هو، انهن ان تڪليف لاءِ اڳهين دانهون ٿي ڪيون. ڪيترن ماڻهن کي پنهنجن يا پراون جي غلط ڪمن جا سور اڳيئي پيا سُجهندا آهن.

39. عاشق جهڙا عيد تي، تهڙا منجهه مقام. پهاڪو
عاشق کي هر وقت محبوب جي جهوري لڳل رهي ٿي. هن لاءِ عيد يا موت، برابر آهن. قبر ۾ به محبوب جو پچائي ٿو. شاهه صاحب چواٽي:

اچي عزرائيل، ستي جاڳائي سسئي،

پئي ڊوڙائي دليل: پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

40. ڏنو پُٽ چٽي جو، ذات جو آسودو. پهاڪو

اسانجي ملڪ ۾ رشوت ايتري عام ٿيندي پئي وڃي جو ماڻهو ان کي حرام/ خراب سمجهڻ بدران، پنهنجي اندر کي مطمئن ڪرڻ لاءِ مٿيون پهاڪو ڏين ٿا. يعني ڪم يا انصاف ان جو نه ٿيندو، جيڪو حق تي آهي، پر ان جو ٿيندو، جيڪو رشوت ڏئي ٿو. ائين به چئبو آهي: ڏنو پُٽ چٽي جو، ٻئي پٽ قرار جا، ذات جا فرحتي.

41. ڪٿي چور سُڄا، ڪٿي ڍور سُڄا. پهاڪو

42. گهوٽ ڪنوار راضي: ڪوهه ڪندو قاضي. پهاڪو

ٻه واسطيدار ڌريون، جڏهن پاڻ ۾ راضي آهن ته ٽين ڌر جو اثر چا ٿو هلي سگهي. اڄ ڪلهه جي عملي زندگيءَ ۾ پنهنجي مفاد لاءِ قاضي سندن زندگي زهر ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪري ٿو. جيئن ٻه ننڍيون قومون يا ملڪ پاڻ ۾ نهڻ جو سوچين ٿا ته ڪا وڏي طاقت منجهن ڦيٽاڙو وجهيو ڇڏي.

43. اڳلو سؤدو نه سنبري، چي: اُٿل ڏي. پهاڪو

يا جيئن اڙدو ۾ چوندا آهن: ديتا نهين، چي: پورا تول.

هو وڪڻڻ جي نه ڪري هي چويس ته پورو تور. ان جهڙو ٻيو پهاڪو آهي: هو ساڻ نه نيندا، هيءَ چوي: ڏاند تي چڙهندس!“

44. پير ڪان ويساهه پَلو. پهاڪو

پير ڪٿي ڪيترو به ڪاني ڪرامت وارو هجي يا ڊاڪٽر ڪٿي ڪيترو به هوشيار هجي، پر ڪانئس وڏيڪ مريد يا مريض جي دل ۾ وينل سندس لاءِ اعتماد آهي. اها انسان جي ڪمزوري ۽ اندر جو ويساهه آهي جو هن ملڪ ۾ روز نوان نوان پير پيدا ٿي رهيا آهن. نڙڪو ڊاڪٽر سنن ڊاڪٽرن ڪان وڌيڪ ڪمائي رهيا آهن. ائين به چئبو آهي: پير پَلو ڪن ويساهه.

45. نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪتا لاهي، ڊونهيون ٻاريون. پهاڪو

مچرن ڪي پچائڻ لاءِ، چيٽن بدران ڪتيون ٻاريون. هي پهاڪو ان وقت ڪم آڻبو آهي، جڏهن ڪو نئون شوق ڪري ۽ هوش مان نڪري وڃي. خسيس شيءِ لاءِ قيمتي شيءِ قربان ڪري ڇڏي. ٻيا به اهڙا انيڪ پهاڪا آهن. جيئن: نئين نائڻ بانس جو نهيرڻ. نئين ڪدڙي، طبلي جو زيان. نئون ملان، زور سان بانگ ڏئي.

46. پنهنجي ٿوري، پئجي گڏهه کي پيري. پهاڪو

ڪي وري چون: غرض لاءِ، گڏهه کي به پيءُ ڪونجي.

47. گهوٽ ماءُ ڪان اهنئر ماءُ تڪڙي. پهاڪو

48. لوڀيءَ سندي راڄ ۾، نوڳي مري نه بک. پهاڪو

جتي لوڀي هجن، اتي نوڳي بک نه مرن. نڳ ماڻهو اتي ئي خوش گذاري سگهن ٿا، جتي لالچي ماڻهو هجن.

49. ڏوڙ پائجي ته وڏي ڍير مان پائجي. پهاڪو

جيڪو معمولي فائدي لاءِ ڪو غير اخلاقي ڪم ڪري پنهنجو ننگ ناموس وڃائي ان کي ٺوڪ طور ائين چيو وڃي ٿو. ڪارو منهن ڪرڻو هجي ته چڱيءَ طرح ڪجي، نه ته نه ڪجي.

50. ڏنيجي گڏهه ، سور ٿئي سانيءَ کي. پهاڪو

سور واقعي سانيءَ کي ٿيڻ کپي، جنهن غريب جو گڏهه آهي. ان جي مرڻ يا عيب دارسان سندس روزگار تي اثر پوندو. هي پهاڪو ان لاءِ ٺوڪ طور چيو ويندو آهي، جيڪو اجايو ٻين پاران وچ ۾ پوي.

51. هڪ ٽنگئي جي ملڪ ۾ وڃجي، ٻي ٽنگ ورائي ڪلهي تي رکجي. پهاڪو

جيڪو جنهن ملڪ جو وهنوار هجي اهو ڪجي. جيئن انگريزيءَ ۾ آهي.

- While in Rome, do as Romans do.

52. اهائي زبان اُس ۾ وهاري، اها ئي ڇانوَ ۾. پهاڪو

هر انسان کي ساڳي زبان آهي، پوءِ جيڪو منو ۽ سنو تي ڳالهائي ٿو، اهو پنهنجي عزت پيدا ڪري ٿو. ٿڌي دلي وانگر هن کي ڇانوَ ۾ جاءِ ملي ٿي

53. جيءُ خوش، جهان خوش. چوڻي

54. جوا ۾ کٽڻ واري جو اڌ منهن ڪارو، هارائڻ واري جو سڄو منهن ڪارو. پهاڪو

اصل چوڻي ابتي آهي: جوئا ۾ هارائڻ واري جو اڌ منهن ڪارو، کٽڻ واري جو سڄو منهن ڪارو. ڇو جو هارائڻ کان پوءِ ٻچڙو ٿي بس ڪندو. يا مٽ مائٽ جي ٽڪ ٽڪ ٿيندس ته مڙي ويندو پر کٽڻ وارو ڪنهن جي جهل پل ۾ ئي نه ايندو.

55. ٻڪن ۾ واري جهلي نه سگهبي. پهاڪو

ڏکيو ۽ ناممڪن ڪم، سنهي واريءَ وانگر آڱرين جي وِٿين مان وهيو وڃي.

56. ڪاڏي تي ڪڙڪن، ڄاڙيون ڄاموٽن جون. چوڻي

57. ويري هڪڙو به گهڻو، سڄڻ سؤ به ٿورا. چوڻي

دشمن هڪ به گهڻو، دوست گهڻا به ٿورا

58. ڪوڙي سڄڻ کان سچو ويري ڀلو. چوڻي

جيئن چوندا آهن: نادان دوست کان دانائُ دشمن ڀلو. ڪوڙي سڄڻ جي آسري تي نلهو وهجي، ان کان بهتر آهي ته پنهنجي همت پاڻ ڪجي

59. گهٽين زالين گهر نه هلي، گهٽين ڏاندين هر نه هلي. پهاڪو

جيئن انگريزيءَ ۾ آهي: گهڻين بورچئين ٻوڙ نه ٺهي

60. منهن ۾ موسيٰ اندر ۾ ابليس. ورجيس

61. هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڪاتي. ورجيس

نقصان ڪار ماڻهو

62. ڀلن ڀيتان ڀلا، ڀلن ڀيتان ڀلا. چوڻي

ضروري ناهي ته سٺن جو اولاد سٺو ٿئي ۽ خراب ماڻهن جو اولاد خراب.

63. جيڪو ڳڙ سان مري، تنهن کي زهر ڇو ڏجي. پهاڪو

جيڪو ڪم، سولي طريقي سان ٿي سگهي ان لاءِ وڏا ڪتراڳ نه ڪجن. ٺهن سان ڇجي ته ڪاتي نه وجهجي

64. ڀلي ٻڪ ڀرم جي، شال مَ وڃي شان. چوڻي

جان کان وڌيڪ ماڻهوءَ کي عزت جو خيال ڪرڻ کپي

سڄو پهاڪو يا شعري مصرع، هن طرح آهي:

ڀلي ٻڪ ڀرم جي، شال مَ وڃي شان،
الله ڏئي ايمان، گوڏا ڏئي گڏ گذارجي.

65. ٻه يائر، ٽيون ليکو. چوڻي

ڏيتي ليتيءَ ۾ حساب ڪتاب ضرور رکڻ کپي پوءِ ڀلي اها ٻن يائرن وچ ۾ ڇو نه هجي. ٻه يائر ٽيون ليکو، ليکو آهي چوکو، چوکي آهي پريت.

66. پائيواريءَ جو پَٽ ئي گهوريو. چوڻي

پائيواريءَ جو ڪم ڏکيو رهي ٿو. سنا دوست يا يائر به جڏهن ڪنهن ڏنڌي ڌاڙيءَ ۾ پائيواري ڪن ٿا ته ڪجھ وقت بعد گهڻو ڪري وڙهي جدا ٿين ٿا. ڪي تمام گهٽ ماڻهو آهن، جيڪي پائيواريءَ ۾ سوچي هلن ٿا.

67. ڪني رن جا، ٻار به گهڻا ته يار به گهڻا. پهاڪو

هڪ اهڙي زال، پنهنجو اڪيلو يار ۽ مڙس به وڃائي ويٺي.
مرڻ بعد هڪ دوست پئي کان مرڻ جو سبب پڇيو.
”آئون سرديءَ وگهي مئس. ۽ تون؟“
”مونکي منهنجي زال تي شڪ هو ته ساڻس ڪو ملڻ اچي ٿو.“ پهرئين ٻڌايو: ”هڪ ڏينهن گهر ۾ گهڙيس ته مونکي لڳو، سندس يار گهر ۾ موجود آهي. مون هڪ هڪ شيءِ ۾ ڪيس ڳوليو، وهنجڻ جي جاءِ، اسٽور روم، رڌڻو، ڪٻٽ، ڪٽن هيٺان پر هو ڪٿي به نه مليو. منهنجو وهم اجايو هو، مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ضمير ملامت ڪئي ته مون پنهنجي نيڪ زال تي ايڏو وڏو شڪ ڇو ڪيو. ان غم جي صدمي ۾ منهنجي دل ٻيهجي ويئي.“
اهو احوال ٻڌڻ بعد، سندس دوست ٿڌو ساهه کڻي چيو: ”ڪاش! ريفريجريٽر به کولي ڏسين ها! نه صدمي کان تون مرين ها ۽ نه ٿڌ کان آئون!“

68. جي ويا جاوا، سي ول نه آيا، جي ول آوا، ته پال ٻچا ڏاوا. پهاڪو

جاوا انڊونيشيا جو مشهور ٻيٽ آهي. عاج، لونگ، ڦوٽا، ڪارا مرچ، دالچيني ۽ ٻين مسالن جي ڪري صدين کان مشهور آهي. انهن شين لاءِ سنڌ ۽ عرب جا واپاري ته ڇا پر يورپ ۽ انگليند ڪان به ماڻهو ايندا هئا. ڊچ ته ڪئين سال هن ٻيٽ تي قبضو ڪري، رهي پيا. اهي علائقا، اڄ به خوشحال سڏجن ٿا. سنگاپور ۽ ملائيشيا جا هندو-سنڌي واپاري سُکيا آهن پر جاوا جي واپارين کي اجا به وڏيڪ خوش نصيب سمجهن ٿا. اڄ به جاوا جا مثال ڏيندي مٿيون پهاڪو ورجائيندا آهن

69. پري ٻيڙيءَ ۾، واٽئي جو ڪولو ڳرو. پهاڪو

سڄي ماڻهوءَ جي تور جي مقابلي ۾ اڌ انچ چمڙيءَ جو ڇا وزن ٿي سگهي ٿو، جنهن سان ٻيڙي ٻڏي سگهي. اهو ڪنهن کي هرويرو ڏوهاري نهرائڻ لاءِ هيٺانهين درجي جو بهانو ناهڻ آهي. پري ٻيڙيءَ ۾، واٽيو ڳؤرو. پهاڪو

70. ڪُتل واٽيو، وهيون ساري. پهاڪو

هر انسان ڏکئي وقت تي ڪندون پاسا جانچي ٿو. من نه من، ڪٿي رهيل سهيل مال هٿ اچي وڃي. ڪٿو يا ٻي ايمان، ڪنديون واڇي. چوٽي

71. واٽئي جي ڪاهه، پٽڪي تي. چوٽي

ڪنهن کي هرو پرو ڏوهاري بنائڻ جو ٻيو مثال. وڙهڻ وقت، واٽيو ڌوتيءَ جا ور ناهي. چوٽي

72. چمڙي وڃي، دمڙي نه وڃي. ورجيس

دمڙي: ننڍي ۾ ننڍو سڪو، جيئن اڄ ڪلهه پئسو آهي يا اڄ کان مني صدي ڪن اڳ پائي هئي. ڪنجوس ماڻهو پنهنجي جسم کي تڪليف ڏيندو پر معمولي دولت به خرچ نه ڪندو. اهڙو ڪنجوس، چي: چمڙي وڃي، دمڙي نه وڃي. ورجيس. اهڙو ڪنجوس جو ميڻ ٻتيءَ بدران آڱر کي ساڙي. ورجيس

73. ڪاڻ جي ڪاوڙ، اڪ مڪڙ تي. پهاڪو

هرڪو ڏاڍي کان ڊڄي ٿو ۽ پنهنجي ڪاوڙ جو نشانو ڪمزور کي بنائي ٿو. هيٺي تي هر ڪنهن جي ڪاهه. چوٽي.
هيٺي تان ڪاوڙ لهي ڪانه، ڏاڍي تي چڙهي ڪا نه. چوٽي.

74. لوڪ لڏڻ ۾، چري اڏڻ ۾. پهاڪو

غلط ۽ بي وقتائتو ڪم ڪرڻ واري کي ٽوڪ طور ائين چئبو آهي. لوڪ لڏڻ ۾، چري اڏڻ ۾.

75. جاڏي اٺ، تاڏي پڇ. پهاڪو

دنيا ۾ نااميد ٿيڻ نه کپي. جتي وڏا ڪم ٿين ٿا، اتي ننڍا به ٿيو وڃن. جت اٺ ترندو، اتي پڇ به تري ويندو. پهاڪو

76. رڍ اڳيان رباب، وڄائيندي ورهه ٿيا. ورجيس

رڍ هڪ موڳو جانور آهي. هونءَ به جانور کي ڪهڙي سڌ ساز جي، خاص ڪري رڍ جهڙي جانور کي. هڪ دفعو نه پلي سوين دفعا رباب جهڙو ساز وڄائيندا رهو، پر مٿس ڪو اثر نٿو ٿئي.

77. سر منڊل جي ساز ڪي، ساندو ڇا سمجهي. پهاڪو

ساڳيو مٿيون مثال. ڪيترا ساز انسان ئي نٿو سمجهي سو جانور ڇا سمجهندا. ڪنهن ڳائڻي ڳائي بس ڪيو ته ٻڌندڙن مان ڪنهن شوقين ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪندي چيس:

”ادا سُر پيروي به ته ٻڌاءِ!“

”من!“ ڳائڻي وراڻيس: ”اهوئي ته سُر پيروي هو.“

”سچ ٻڌاءِ! جي اهو سُر پيروي هئو ته پوءِ واهه واهه.“

78. پئسي جا پڪا، ٽڪو لنبڊ ڪياڻي. چوڻي

پڪا: ڪرڙ جي وڻ ۾ڻيندڙ ڏيلهو آهن، جيڪي منا پر قبضي ڪندڙ آهن. هيءُ پهاڪو ڪنجوس ماڻهوءَ لاءِ ڏنو آهي، جيڪو هڪ هنڌ ڪنجوسي ڪري پئسو بچائيندو آهي ته ٻئي هنڌ، ان ڪان وڌيڪ وڃائيندو آهي. اٺ آنا اٺ، بارهن آنا گهلاڻي، ڪري ڪوهه ۾ ته ڏيڍ روپيو ڪياڻي. پهاڪو

79. وڏو ٿئي جڏو ته ننڍن تي ڪهڙي ميار. چوڻي

قوم جو ليڊر ئي صحيح نه هوندو ته قوم جو ڪهڙو ڏوهه. گرو ٿئي گپ جو پاڙي، چيلا ڪهڙي واٽ وهن؟

80. ڄڄ ۾ سڄاڻيس ڪير نه، چي: گهوٽ-پڦي آهيان. ورجس

زوريءَ پاڻ وٽائڻ

81. مولا مينهن وساءِ، ڪانئر ڇٽن ڪم ڪان. چوڻي

سُست ماڻهوءَ کي ڪم ڪان پڇڻ لاءِ بهانو گهرجي.

82. ناني رڌڻ واري، ڏُهٽا ڪائڻ وارا. پهاڪو

پنهنجن کي ئي فائدو رسائڻ. جيئن اڙدوءَ ۾ چوندا آهن: ”انڌا بانٽي ريوڙيان، اپنون ڪو ديوي.“

83. گونگي گاريون ڏنيون، دل ۾. پهاڪو

ان مان ڪهڙو فائدو. ڪنهن زال جي مڄو مڙس کي چيو ويو:

”عورت تي ڪري تنهنجي زال توکي دڙڪا ڏيو وڃي ۽ تون ڪيس ڪجهه به نٿو چئين!“

”آئون به ڪيس گهٽو ئي چوندو آهيان.“ مڙس وراڻيو: ”جڏهن پيڪي ويندي آهي، ته آئون سندس هڪ هڪ ساڙهيءَ، هڪ هڪ سئيڊل کي گاريون ڏيندو آهيان.“

”ان مان ڪهڙو فائدو؟“ دوست چيس: ”جڏهن پاڻ موجود هجي، پوءِ ڪيس چڱي طرح ٻڌاءِ!“

”بيوقوف سمجهيو اٿئي ڇا؟“ ڦڪي ڪل ڪلندي چيائينس: ”منهن تي گاريون ڏيئي، مار ڪائڻي اٿم ڇا؟“

84. گنجي ڪي، نه جوڻءَ جو فڪر نه ليڪ جو. پهاڪو

جنهن وٽ ڪجهه نه هوندو، ان کي گهٽ وڌائي يا چوريءَ جو ڪهڙو فڪر. سڄي کي نه هينين واٽ پؤ، نه مٿين واٽ.

85. ڍڳو نه دور، آڱوٺو ڪاهيندو چور. پهاڪو

ساڳي مٿي جاڻايل معنيٰ. چور به پريل پڪيل گهر ۾ ڪاٽ هڻندو آهي. ٺلهن نڪرن تي ڪير به ڌڪا نه ٿو جهلي. پهاڪو

86. اُٺ، پنهنجي مُٽ ۾ ترڪي. پهاڪو

قدرت اُٺ جا پير وڏا ۽ لسا، واريءَ تي هلڻ لاءِ ٺاهيا آهن. هو توري پاڻيءَ تي به ترڪي سگهي ٿو. اٺ پٽ ڏي پيشاب ڪندو آهي، جنهنڪري سندس ڇڏا سدائين آلا هونسا آهن، جنهنڪري اٺڻ وقت موٽانگي ۾ پيو ترڪندو آهي.

87. بار ڪٽڻ باري، ناهي ڪم ڪچن جو. چوڻي

همت وارا ۽ مڙس ماڻهو ئي ڏکيا ڪم ڪري سگهن ٿا. جهڙن تهڙن جون، رڳو ڳالهيون هونديون آهن.

88. جت وڻ ناهي، ات ڪانڌيرو بہ درخت. پهاڪو
درخت اتاهين وڻ ڪي سڏجي ٿو ۽ ڪانڌيرو ٻوٽي نما ننڍو وڻ آهي. جتي سچ ئي سچ هجي، ڪو سنئون سبتو وڻ بہ نہ هجي، اتي ڪانڌيرو بہ وڏي ڳالهہ سمجهيو وڃي ٿو. جيئن چوندا آهن: انڌن ۾ ڪاڻو راجا.
89. واڳڻ چيو بصر کي: ادا ڪُني ۾ ملنداسين.
ٻنهي جي آخرت ائين ٿيڻي آهي. ڳجهارت آهي: ٽنگيو چوي پوريئي کي: ادا ڪڏهن ملنداسين؟ چي: ادا ڪُني ۾ ملنداسين. پيچٽي: واڱڻ ۽ بصر.
90. جت پڄڻ ناهي پهت، ات پڄڻ ڪم وريام جو. پهاڪو
مصيبت مان پڄي جان ڇڏائڻ بہ مڙس ماڻهوءَ جو ڪم آهي.
91. ڪنجوس مان ڪوڙي ڪيڻ؛ ڏاند ڏهڻ آهي. چوٽي
ڪنجوس مان ڪم ڪڍڻ، اڻ ٿيڻي ڳالهہ ڪرڻ آهي
92. جَوَ ڍيري، گڏهہ رکوال. پهاڪو
ڪنهن شيءِ تي اهڙي ماڻهوءَ کي چوڪيدار رکڻ جنهن مان سڀ کان وڏو خطرو هجي. آنڊن جا واهي، گدڙ.
هونءَ گڏهہ بدران گهوڙو يا ٻيو جانور بہ لکي سگهجي ٿو، پراسان وٽ خواريءَ جي ڪمن، چرچن ٽوڙي پهاڪن ۾، گڏهہ ئي گهڻو ڳايو وڄايو وڃي ٿو. ”گهوٽ کي سرگس وقت گهوڙي تي گهمايو وڃي ٿو، گڏهہ تي ڇو نہ؟“ ڪنهن سوال ڪيو.
”ان ڪري تہ جيئن خبر پوي تہ ڪهڙو گهوڙو آهي ڪهڙو گڏهہ. ٻي صورت ۾ ٻئي گڏ ٿي پوندا.“
هڪڙو سونارو ڪم ۾ مشغول هو. هڪڙو گراهڪ دڪان ۾ گهڙيو ۽ پڇيائينس: ”توهان جي دڪان ۾ ڇا ٿو وڪامي؟“
”گڏهہ ٿا وڪامن!“ سوناري ڪاوڙ مان وراڻيس.
”توهان اڪيلائي رهجي ويا آهيو يا ٻيا بہ آهن.“
سو اسان جي ملڪ ۾ گڏهہ جانور ٽوڙي ماڻهو بہ گهڻا تہ انهن تي نهيل چرچا بہ گهڻا. هنن صفحن گڏهن بابت ٻيا بہ ڪوڙ مثال نظر ايندا.
93. واتئون خرار ڪاڇن، نڪئون ڪٽو بہ نہ ڪاڇي. پهاڪو
94. اپ ڦاٽي ڪي بہ ڪا اگڙي پوي؟ پهاڪو
ڪو اهڙو راز جيڪو صاف ظاهر هجي، ان کي ڪيترو لڪائي ڪيترو لڪائي سگهجي ٿو؟ سچ ڪاريءَ هيڻان ڪين لکي سگهندو. هٿ ڪنگڻ کي، ڪهڙي آرسي؟
95. مُلو مئو، مهابو لٿو. پهاڪو
ان، ماني يا خيرات ڏيڻ جي ٻنڌڻ مان، جڻ جان ڇٽي
96. لهي لوهہ بہ نہ، چي: منهنجو نالو سون ٻائي. پهاڪو
ان لاءِ چيو ويندو آهي، جيڪو پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ پاڻ پڌائيندو آهي
97. انڌو ۽ اڻ سونهون، هڪ جهڙا. چوٽي
اڻ سونهون: اڻ واقف ڪار کي چئجي ٿو. اهو انڌي وانگر ڇا ڏس پتو ڏئي سگهي ٿو؟ انڌو: اڻ سونهون
98. لکين ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾. پهاڪو
راڄا وٽ، هيرن جو ڪهڙو ڪال. اميرن وٽ، ڪنهن شيءِ جي ڪو ٿي ناهي.
99. ماءُ ڄڻيندي پٽڙي، پاڳ نہ ڏيندي ونڊ. چوٽي
چوندا آهن تہ پنج ئي آڱريون برابر نہ ٿينديون آهن. هڪ ئي ماءُ جا پلي ڪيترائي پٽ هجن پر هر هڪ جو پنهنجو پنهنجو نصيب ۽ پاڳ ٿئي ٿو

100.ماڻهو پٽيهه لڇڻو، موچڙو ڇٽيهه لڇڻو. چوڻي
ماڻهوءَ ۾ گهڻا ئي لڇڻ آهن. موچڙي ۾ ان کان به وڌيڪ طاقت آهي، جو ڪيترن ئي لچن لفنگن کي صحيح ڪريو ڇڏي. موچڙي ۾، سوپ آهي.

101.سرمو سيڪا پائي، پر اک جو ڦير. پهاڪو
ضروري ناهي ته سُرمي سان هر ماڻهو سهڻو لڳي. ڪو ماڻهو اوچا ڪپڙا ۽ گهڻ گهڻا پائڻ بعد به ايترو سهڻو نه لڳندو آهي، جيترو سهڻي سرير وارو سادن ڪپڙن ۾.

102.اڻ ڏٺو چور، پيءُ برابر. چوڻي
بنا پڪ جي ڪنهن تي به بهتان نه هڻجي. جنهن تي جرم ثابت نه ٿيو آهي، سو پيءُ وانگر عزت لائق آهي.

103.ميان جي مڏي، به ڏنڊڻ ٽين تڏي. پهاڪو
تمام گهٽ ملڪيت وارو.

104.پرئي اٺ تان، وڃڻي لتي ته به چڱي. پهاڪو

105.ٿُهن سان ڇجي ته ڪاتي نه وجهجي. پهاڪو
جيڪڏهن هڪڙو ڪم، آسان طريقي سان ٿي سگهي ته ڏکيو طريقو ڇو اختيار ڪجي؟
ڪي ڪم ڏکين طريقن ۽ دڙڪن دهمانن سان به نٿا ٿي سگهن. قسطن تي فرنيچر مهيا ڪندڙ ڪمپنيءَ پنهنجي هڪ گراهڪ ڏي، قسطن جا پئسا نه ڏيڻ سبب، هڪڙو نوٽيس موڪليو. جنهن ۾ ڇتاءَ طور لکيائونس: "سائين! توهان ڪڏهن ان تي غور ڪيو آهي ته اسان فرنيچر ضبط ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن پنهنجي ٽرڪ توهان جي گهر موڪلي ته توهان جا پاڙيسري ڇا سوچيندا؟"
ڪجهه ڏينهن بعد ڪمپنيءَ وارن کي جواب مليو، جنهن ۾ لکيل هو: "جناب! توهان گذريل خط ۾ جيڪو مسئلو ڪنيو آهي، ان بابت مون پنهنجي پاڙيسرين سان صلاح ڪئي. سڀني يڪراءِ فيصلو ڏنو آهي: جيڪڏهن توهان، فرنيچر ضبط ڪرڻ لاءِ، ٽرڪ منهنجي گهر موڪلي ته اهو توهان جي ڪمپنيءَ جو بيحد ذليل ۽ ڪميٽائپ وارو قدم سمجهيو ويندو."

106.ٻن ٻيڙين تي جو چڙهي، ڇڏا تنهنجا چيرجن. پهاڪو
ٻيڙي، پاڻيءَ جي ڇولين تي اڳيان پويان ٿيندي رهندي آهي، ان ڪري هڪ پير هڪڙيءَ ۾ ۽ ٻيو ٻيءَ ۾ رکڻ خطرناڪ آهي.

107.ناڻو جنهن تاوَ سان اچي، تنهن تاوَ سان وڃي. چوڻي
جيڪو محنت سان چار پئسا ڪمائي ٿو، سو خرچي به وڏي خيال سان ٿو. جيڪڏهن ڪنهن وٽ سولائيءَ سان پئسو اچي ٿو ته وٽس ان جو قدر به نٿو ٿئي . جلد ئي خرچ ٿيو وڃيس. ان لاءِ انگريزيءَ ۾ به مشهور چوڻي آهي ته:

Easy cosme, Easy goes

108.نڪي پاراتن ۾، نڪي منجهه دعا. چوڻي
ڪيترا ماڻهو ايترو خاموش طبع ۽ پاسو وٺي رهن ٿا جو ڇڻ نه ڪنهن جي ٻن ۾ آهن نه ٽن ۾. جيڪڏهن ڪنهن کي ڏين نه ٿا ته ڏکوئين به نه ٿا. اهڙن ماڻهن لاءِ چيو ويندو آهي: هنن مان نه ڪو خوش آهي جو دعا ڏئين ۽ نه وري ڪو ناراض اٿن جو پٽ پاراتا ڏئين. هر ڪنهن کي نصيب آهر ملي ٿو، ڪنهن جي پٽ پاراتي سان گهٽ وڌ نه ٿو ٿئيس.

109.ڪانگ کي لُڙ ۾ مزو. پهاڪو
لڙ معنیٰ گوڙ، آواز. ڪانءَ کي سڀ کان مزو ڪان ڪان ڪرڻ ۾ اچي ٿو. هن جي ڪنهن پائيڙي جو نالو وٺي ڏسو. ڪانئن ٻي ڪا مدد نه پڄندي، نلهي ڪان ڪان لڳائي ڏيندا. چور ۽ ڦورو چاهيندو آهي ته بازار بگڙيل هجي. ڪانءُ به ٻارن جي هٿن مان لولا ڦري ڪڻڻ لاءِ اهڙا وجهه تاڙيندو آهي.

110.ڪم لٽو، ڍڪڻ وسريو. پهاڪو
ڪم پورو ٿيڻ تي ڪم واري کي وساري ڇڏڻ. جيئن انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي ته مانيءَ کانپوءِ چمچن کي وساري ڇڏڻ. ڪم لٽو، ڪاڳر ڦاٽو.
111.اڌارو ڏجي ان کي جنهن کان گهرجي نه، اڌارو ونجي تنهن کان، جيڪو گهري نه. چوڻي
اوڌر ڏيڻ بعد موٽائڻ بئي جي هٿ ۾ ٿئي ٿو. ڪيترا دفعا سنا دوست ۽ ويجها مائٽ به اڌار موٽائڻ کان انڪار ڪن ٿا يا ٽال مٽول ڪن ٿا. ان ڪري چوڻي مشهور آهي ته Lend Money, Loose friend. ساڳئي وقت پوءِ-ڏيائي ۽ هلڪڙي قسم جي ماڻهوءَ کان به اڌار نه ونجي جو پوءِ هو جتي ڪٿي ڳُهر ڳُهر ڪري خوار ڪري ٿو.
هڪ دست کي بئي سان گڏ دعوت ۾ وڃڻو هو. ڪيس ٽوپي نه هئي. سندس دوست ڪيس اڌاري ڏني. دعوت ۾ پهچڻ تي سندس دوست سندس تعارف ڪرائيندي چيو:
”ادا هيءُ آهي منهنجو دوست. جيڪا مٿي تي ٽوپي اٿس سا منهنجي آهي.“
دوست دل ۾ ڪندي چيس: ”ٽوپيءَ لاءِ ائين چوڻ سنو نه آهي“. ان بعد ٻيو همراهه ملين. ساڻس دوست جو تعارف هن ريت ڪرايائين.
”ادا! هيءُ منهنجو دوست آهي. سندس مٿي تي جيڪا ٽوپي پيل آهي، سا هن مونکان اڌاري نه ورتي آهي پر پنهنجي اٿس.“
112.ستل شينهن کي، آڱر نه ڏجي. پهاڪو
خوفائتن ڪمن ۾، اجايو هٿ نه وجهجي.
113.گدڙ گدڙ جي ڪوڪ تي نه اونائي ته ڪوڙهيو ٿئي. پهاڪو
114.نيچ نوڪري، اتم ڪيتي، وڌنڙ واپار. چوڻي
نوڪريءَ ۾ ماڻهو ٻڌل ۽ ٻئي جي قبضي ۾ رهي ٿو ۽ هڪ مقرر ڪمائيءَ تي چاڪيءَ جي ڍڳي وانگر هلندو رهي ٿو. ان ڪري نوڪريءَ کي ٺوڪري ٺهل ٺڪور سمجهيو وڃي ٿو. واپار ۾ ماڻهو قابليت ۽ محنت مطابق وڌي ٿو.
اسانجي ننڍي کنڊ ۾ ماڻهن کي مطيع ڪرڻ لاءِ انگريزن ڪجهه اهڙو نمونو رکيو جو هرڪو سندن ڪمپني / حڪومت جي نوڪريءَ لاءِ واجهائڻ لڳو ۽ ان کي وڏي ڳالهه سمجهڻ لڳو. انگريز سرڪار ڪمپني پنهنجي نوڪر/ پٽيوالي کي به زميندار سيٺ کان وڌيڪ مان ڏيندا هئا. نتيجي ۾ هرڪو نوڪريءَ جي لاءِ آتو رهڻ لڳو. هندوستان جي ڪيترين زبانن توڙي تهذيب ۽ ڪلچر تي سرڪاري نوڪريءَ جو بيحد گهڻو اثر آهي. تامل زبان ۾ چوڻي آهي: ”ڪولي مي ايتا آلوم. ڪمپنيڪ ڪومي اي.“ معنيٰ ”سرڪاري نوڪريءَ ۾ چاهي ڪڪڙ پالڻ جو ڪم هجي ته به اها بهتر.“ هڪ ٻيو پهاڪو آهي: ”ارا ايڪ ڪا آچو، وي ايلا ايا انالوم، آرا چا اناڪا.“ يعني: ”سرڪاري نوڪر جو پگهار، چاهي اڌ پئسو هجي، ته به اهو پلو.“
اها چوڻي هيئن به آهي:
اتم ڪيتي، وڌنت واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار.
چون ٿا ته واپار، سڀ ۾ وڌنڙ آهي. ڪيتي وري به نوڪريءَ کان سٺي آهي پر ان ۾ پڪ نٿي رهي ته چا فصل لهندو ۽ چا سندس اگهه ٿيندو. ان بابت هيٺيون پهاڪو مشهور آهي
115.ان پوکئي تي ناهي پر لٽي تي آهي. چوڻي
يعني پوکڻ تي ته ماڻهو ڪٽي ڪيترو به پوکي پر ڪيترو ڦٿندو ۽ وڌندو اها قدرت کي خبر آهي. ٽي سگهي تو گرمي سردي، مينهن طوفان، بوڏ بيماريءَ ڪري هڪ ڪٽو به نه لهي. اهو جوکم نه فقط ڪيتي، ٻني ٻاري / زمينداريءَ ۾ آهي، پر: واپار ۾ پڻ آهي، جنهن لاءِ پڻ هيٺيون مثال مشهور آهي
116.اَن جو واپار: هس مان چلو ۽ چلي مان هس ڪري ٿو. چوڻي

اهو نہ فقط ان جي واپار جو حال آهي پر هر واپار جو ساڳيو حال آهي. واپاري ڪڏهن ماٺهو امير ٿيو وجي تہ ڪڏهن ڏيوالو نڪريو وجيس ۽ قرضي ٿيو وجي

117.پير عيسىٰ، پير موسىٰ، وڏا پير پئسا. چوٽي

دنيا ۾ ڪيترائي پير آهن، پر پئسو اهڙي شيءِ آهي، جنهن کي براين جي پاڙ سمجهندي بہ، ساڙس نفرت ڪرڻ بجاءِ محبت ڪجي ٿي.

118.ڪٽيو ڪائي مڙس جو، چي؛ جيئي ابو. ورجيس

ڪيترائي ماٺهو سخت بي قدر ٿين ٿا. جيڪو ساٺن سنو هلي ٿو ان جا تورائتا نتا ٿين

119.اٺ جي چوري، پڪي ۾ چا لڪندي. پهاڪو

120.غريب جي جوءِ، جڳ جي ڀاڄائي. چوٽي

121.نئن بہ تڪي، ڳڙ بہ منو. پهاڪو

هڪ طرف درياهہ جو تڪو وهڪرو، ٻئي پاسي ڳڙ دولت کي حاصل ڪرڻ جو لوبھ

122.زالون، زالن جو ڪاچ. چوٽي

عورت جي سوشل زندگي، عورت سان آهي

123.ماءُ جٽي بار بار، زبان جٽي هڪوار. چوٽي

زبان جو هڪوار جٽڻ معنىٰ زبان جو وعدو هميشہ هڪ ۽ پڪو هئڻ کپي. زبان مان نڪتل گفتو، مانهوءَ جي اندر جو اهڃاڻ آهي. ٻڌندڙن جي دل ۾ جوڳو اثر ويهري ٿو. زبان جي قيرين گهيرين سان، ماٺهو جڻ بار بار روپ بدلائي نئون جنم ٿو وٺي.

124.زور جي ميندي، ڪڏهن بہ ناهي لڳٽي. پهاڪو

رضا منديءَ ڪانسواءِ ڪو بہ ڪم سرانجام نہ ٿو ٿئي

125.ساري رات سور ڪائي ڪوئو جٽڻ. اصطلاح

وڏي محنت ڪانپوءِ تمام ٿورو فائدو ٿيڻ.

ساري رات سورن ۾ _ جبل مفت مئو،

صبح ٿي سوير جو _ ڄائس هڪ ڪئو.

اڙدو ۾ چوندا آهن: ”کودا پهاڙ، نڪلا چوها، وہ بهي مرا هوا!“

126.ساڳيا سڱ سڄاڻ، ڏاتو پنهنجي ڏاند جا. پهاڪو

127.سانوٽيءَ جي انڌي کي، رڳو ساوڪ نظر ايندي آهي. پهاڪو

128.ست ڪئا ڪائي ٻلي، حج تي هلي. پهاڪو

ظلم ۽ ستم ڪرڻ ڪانپوءِ پرهيز گار ٿيڻ

129.اڻ سرنديءَ سپ کو ٽري، ڪروڪو سرنديءَ ٽري. چوٽي

130.سراءِ جو ڪتو، جتي آيو اتي ڪتو. پهاڪو

سراءِ جو ڪتو هئڻ معنىٰ هر ڪنهن جو يار هئڻ. سپ سان گستاخ رهڻ

131.شڪار مهل ڪتي هنگائڻ. اصطلاح

شڪار جي ڳولا ۾ يا انتظار ۾ ڪا دير ترسڻو پوي ٿو. مس مس شڪار نظر اچي تہ ان وقت شڪاري ڪتي کي هنگڻ اچي تہ ان ڪان وڌيڪ بي کهڙي بدقسمتي؟ نياڳي مڱٽهار کي، گهور مهل ٿورو اچي.

132.مري ويو مردود، نہ ختمو نہ درود. چوٽي

133.ڪابل ۾ بہ گڏهہ ٿين ٿا. پهاڪو

نالائق ماٺهو جتي ڪتي آهن. چا ڪابل ۾ فقط، قابل ئي رهن ٿا؟ سمورا محمد لائق، لائق نہ هوندا آهن.

134.ڪاٺ جو ٻُبُو ڏيڻ مان ڇا هٿ حاصل. پهاڪو
رڳو دلاسو ڏيئي خوش ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟
135.ڪانياري ٻلي، ڪُئي جي جوءِ. پهاڪو
136.ڪتو پنهنجو قابو ڪر، اسان پنڻ پچر ڇڏي. ورجيس
137.انڌو ڪُڌ تي ويهي هنگي، چي: مونکي ڪير نٿو ڏسي. پهاڪو
138.ڏيڻ سڀ چڱو، ٻچڙي هڪڙي گار، وٺڻ سڀ ٻچڙو، چڱي هڪڙي ڏل. چوٽي
139.راڻي ساءِ جا راءِ ڪي وٽي. پهاڪو
شيءِ اها سني، جيڪا فيصلو ڪندڙ ڪي وٽي
140.رات توري، سات گهٽا. ورجيس
141.ڪچيءَ ڪنا نہ وريا، پڪيءَ ڇا ورندا؟ پهاڪو
جيڪو ننڍي هوندي نہ سڌريو سو وڏو ٿي ڇا سڌرندو؟
142.گڏي اڏجي، يا لڏي ڇڏجي. چوٽي
143.گڏهہ جو ڇا وس، جو ٻيڙيءَ ۾ نہ چڙهندو. پهاڪو
هيٺي ۽ ڪمزور ڪي ڪهڙي طاقت جو ڏاڍي جو حڪم نہ مڃي
144.ناناڙڪي ٻلي تي گذر ڪرڻ. اصطلاح
بيحد ضدي ٿيڻ. ناناڙڪي ٻلي، ناناري جي نڪاون تي هريل آهي. پهاڪو
145.لڇمي وڃي، لڇڻ بہ وڃن. پهاڪو
پئسي وڃڻ ڪانپوءِ، ماڻهوءَ جون سنايون بہ خراب لڳن ٿيون.
146.لوڀ، سيني پاپن جي پاڙ آهي. چوٽي
لالچ سيني براين ڪي جنم ڏئي ٿي
147.هارئي ڪان، پيتو پلو. پهاڪو
اجايو ڪنهن شيءِ ڪي ضايع ڪري ڇڏڻ کان بهتر آهي تہ ڪنهن ضرورت مند ڪي ڏئي ڇڏجي
148.ڪچان تہ پنجن مچان. گفتو
149.وندڙ ورهاءِ، ايمان پاءِ. چوٽي
150.پنهنجيءَ ۾ هٿ، پرائيءَ ۾ اکيون. چوٽي
پرائي شيءِ فقط ڏسي سگهبي، استعمال فقط پنهنجي ڪري سگهبي.
151.پورهيو: خدا چور جو بہ نٿو وڄائي. چوٽي
152.پورهيت، يار خدا جو. چوٽي
153.ڏٻريءَ تي، مچر بہ گهٽا. پهاڪو
ڪمزور ماڻهوءَ ڪي ڪيترين ئي تڪليفون ٿين ٿيون
154.گهڻ پُٽياري ٻڪري، ڪائي ويئي جهار. پهاڪو
ٻڪري معنيٰ وڪري يا پوڪ. گهڻ-پُٽياري معنيٰ گهڻن پٽن واري جي. جهار معنيٰ پڪي پڪڻ. ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي شيءِ آهي تہ هو وڌيڪ خيال رکي ٿو. گهڻي پائيواريءَ ڪري جوابداري ورهاجيو وڃي. هرڪو اهو سوچي ٿو تہ ڏکيو ڪم ٻيو ڪندو. پيٽيو: گهڻين زالين گهر نہ هلي، گهين ڏاندين هر نہ هلي.
155.تڪڙو ماڻهو بہ پيرا هنگي. پهاڪو
156.ڏچ تنهين جي ڏاءِ، جنهنجي وائيءَ ۾ ور گهٽا. چوٽي
157.مهنگي روئي هڪ وار، سستي روئي سؤ وار. چوٽي

158.سُڪن سان گڏ، آلا به ٻريو وڃن. پهاڪو
زندگيءَ ۾ ڪي مصيبتون اهڙيون به اچن ٿيون، جن ۾ ڏوهين سان گڏ بيڏوهي به ڦاسيو وڃن. جيئن سُڪن ڪانن سان گڏ، آلا ڪانا يا ڪاٺيون به سڙيو وڃن. تخم تاثير، صحبت جو اثر.
159.ڪکو ڪيچ ۾ ڍنڍورو شهر ۾. پهاڪو
هنديءَ ۾ پڻ چون: بغل ۾ ڇورا، شهر ۾ ڍنڍورا.
160.صافو ڪلهي تي، صافوڙي صافو. پهاڪو
بي خياليءَ ڪان ڪم ونڻ. جنهن شيءِ جي ڳولاءِ لاءِ شهر ۾ پڙهو پيو ڏيارجي اها پاڻ سان ئي هجي، تنهن لاءِ اجائي واويلا مچائڻ. اهڙن ئي ماڻهن لاءِ ائين به چئي سگهجي ٿو: پاٽيءَ متي جهوپڙا، مورک اڃ مرن.
161. گدڙ ڍاک نہ پڄي، آکي: ٿُو کٽا. پهاڪو
آکي معنیٰ چوي. گدڙ جڏهن ڍاک حاصل ڪري نہ سگهيو، تہ اهو چئي پويان پير ڪيائين: کٽي آهي. پڄي نہ سگهجي تہ ٻئي تي ڏوهہ ڏيئي ڇڏجي. جيئن هينيون پهاڪو آهي
162.ناچو نچ نہ جاڻي، آکي يونءِ سوڙهي. پهاڪو
مٿيان درج ڪيل ٻئي پهاڪا، گڏي هيئن به چئي سگهبا آهن:
ناچو نچ نہ جاڻي، آکي: يونءِ سوڙهي!
گدڙ ڍاک نہ پڄي، آکي: ٿُو ڪؤڙي!
163.اٿي پاڻ نہ سگهي، لک لعنت گوڏن تي. ورجيس
پنڌ پاڻ کان نہ پڄي، لک لعنت گوڏن کي
164.ڪِنُ ڪِنَ سان نہ ڌوپي، نيٺ پاٽيءَ سان ڌوپي. پهاڪو
165.لنگهي لاٽي لوئي، ڪيا ڪريگا ڪوئي. پهاڪو
166.ڪوئي مري ڪوئي جيوي، شتريا گهول پتاشا پيوي. پهاڪو
شتريا فقيرن جي ذات آهي، جي هميشہ بي پرواهہ ۽ خوش طبع رهن ٿا
167.تيل سهانگو هو تہ هوند گدڙن بہ پڇ مکيا. پهاڪو
168.ڏائڻ هلي مڙدا کيڻ، مڙدن ڪپڙا بہ لاهي ورتس. پهاڪو
169.ڪاٽي وسوڙي، چي: مڙسم ويو اک ڪي. پهاڪو
170.نہ ڪَتي، نہ ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪيي. ورجيس
ڪتڻ معنیٰ سٽ يا ڪپڙو ناهڻ. ڪوري معنیٰ جيڪو ڪپڙو اُٽي، وڪٽي ٿو.
171.ٿورو ڏسي ارهو نہ ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نہ ٿجي. چوٽي
دولت اچٽي وڃٽي شيءِ آهي. ڪڏهن آهي ڪڏهن ناهي. نہ هجڻ جي حالت ۾ ڏک نہ ڪجي ۽ گهڻي اچڻ تي مغروري نہ ڪجي
172.ڪم قوت، آکڙ بهت، مار ڪاوڻ ڪي نشاني. پهاڪو
جنهن ماڻهوءَ ۾ طاقت گهٽ آهي ۽ قوندجي گهڻو ٿو، سو ڪٽي نہ ڪٽي موچڙا ضرور ڪائيندو. ڪم قوت، آکڙ بهت، مار ڪاوڻ ڪي نشاني. سرائڪي
173.ڪاٽيءَ جي وهانوَ ۾ سنگت بہ گهڻا. پهاڪو
رولي ۾ رولو. هڪ ڪاٽي جنهن لاءِ مڙس مس مس مليو. مٿان وري گرهن ۽ تارن جي ڦيرگهير ڪري تاريخ نہ ٻڌي سگهجي. اڳئين زماني ۾ ۽ هينئر پڻ، ڪيترن هنڌن تي ويندي ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ شاديءَ جي تاريخ مندر جي مهاٻائي کان ورتي وڃي ٿي. ويندي سنڌ جي ڪيترن ڳوٺن ۾ مسلمان پڻ ڪنهن پير، سيد يا مجاور کان ان نيڪ ڪم لاءِ، تاريخ پڇن ٿا. اها بي ڳالهہ آهي تہ اڳ ۾ آڇر موڪل هوندو هو تہ گرهن ۽ تارن جي حساب بعد

چنچر جي شام ۽ آچر جو ڏينهن هوندو هو ۽ هاڻ خميس ۽ جمعي جو ڏينهن
اهو پهاڪو ڪن هنڌن تي هيئن به رائج آهي: ”ڪاٺيءَ جي ڪاچ ۾، چيڏڪ به گهٽا“.

174.ڪارو منهن ڪتي جو، رب اوتري جي اوتري. پهاڪو

بي ايمان ماڻهو، نقصان پهچائڻ جي گهٽي ئي ڪوشش ڪندو رهيو، پر پهچائي نه سگهيو

175.وسي ته به ڏبري گسي، نه وسي ته به ڏبري گسي. پهاڪو

مينهن پوي ته به ڏبرو ڏاند مري. نه پوي _ يعني گاهه وغيره نه ڦٽي ته به ڏبرو ڏاند بک مري

176.ڪيتي، سر سيتي. چوٽي/ پهاڪو

بني باري لاءِ ضروري آهي ته مالڪ پاڻ موجود هجي. ڪيتي پنهنجي سر سان آهي. انڪري ته چوندا آهن ته بنيءَ لاءِ سنو پاڻ زميندار جي جتيءَ جي مٽي آهي. يعني جيترو گهٽو زميندار پنهنجي زمين تي ويندو اوترو گهٽو ڪم هلي سگهندو ۽ ڪيس سني اپت تيندي. سنڌيءَ ۾ بني باري تي ڪيترين ئي چوٽيون ۽ پهاڪا آهن. جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:

- پنهنجي بني، پنهنجو هَرُ.
- مال پنارو، اڪين جو تارو.
- جيترو هَرُ، اوترو ڦرُ.
- جتي هر، اتي گهر.
- ان پلي، ذات پلي.

177.جدي پوڪ: تنبا سنگ، گهاٽي پوڪ: سنها سنگ. پهاڪو

جيتري جدي پوڪ، اوترو فصل سنو. ضروري ناهي ته هر پوڪ جدي ڪجي. چوٽي آهي: ڪٽڪ تيلو تيلو، وونئڻ ڏاگهه ڏاگهه. ڪٽڪ پلي ويجهي ويجهي پوڪجي پر وونئڻ پري پري ڪجي

178.بني اها راٽي، جنهن جي متان پاٽي. چوٽي

179.جنهن ڪڙميءَ جي گهر ۾ داٽو، اهو آهي سيني جو راٽو. چوٽي

180.جيڪو هوندو پاڳ ۾، سو وهي پوندو پاڳ ۾. چوٽي

181.نوريئڙي جي دعوت: به بير. پهاڪو

ڪي مهمان تمام گهٽ ڪتراڳ وارا ٿين ٿا. ڪي ٿوري ۾ ئي خوش ٿيو وڃن

182.مزي جو مزو، پئنچن تي به ٿورو. ورجيس

183.نانگ ريجهائڻ سولو، انسان ريجهائڻ ڏکيو. چوٽي

184.ڪتو ٽڪر ڏسي، پچ لٽڪائيندو آهي. پهاڪو

يعني جانور به ٿورا مڃي ٿو. پچ لوڏڻ به ڪتي جي گهرڻ جو انداز آهي. بنا گهرڻ جي ڪتي ڪي به ڪير ٽڪر نه ٿو وجهي.

185.مرون چُوڻِ ڪائي، پنهنجو متو وڃائيندو آهي. پهاڪو

186.يت ڪجي: اڳلو ڪجي. ورجيس.

اهڙو ڪجي، جهڙي يت.

187.ڏي ڪٽو، ملي گهٽو. چوٽي

188.گيدي چکن موت، ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾. چوٽي

189.مردن کان پنڌ ويا، زالن کان جنڊ ويا. چوٽي

هر شيءِ گهر ويني ملڻ ڪري انسان آسائش پرست ٿي پيو آهي. جسم کي صحيح رکڻ لاءِ ورزش ڪرڻ کپي.

190.پاڙو: ابو امان. چوٽي

پاڙي جو خيال رکڻ کپي. اهو پاڙو ئي آهي جيڪو ڏکئي وقت ڪم اچي ٿو. دوست مائٽ به پوءِ پهچن ٿا
191.ڪارائجي هوتن جيان، ڏنيجي ڏائڻ جيان. چوڻي
ٻارن جو خيال ضرور رکجي پر غلطي ڪرڻ تي ڪين اک به ڏيکارجي. پيٽ پر، پني لڙ.
192.لوڻ وجهي پت پائيوار ٿيڻ. اصطلاح
ٿورو ڏئي پاڳي پائيوار ٿيڻ. پائيواريءَ جي پت ۾: دال گيهه تيرا، آگ ڦوڪ ميرا.
193.رني آهي گهوٽ سان، ڳالهائي نٽي ڳوٺ سان. ورجيس
ڪاوڙجڻ هڪڙن سان، رسڻ ٻين سان
194.پير کي خليفا ڪٽندا آهن. پهاڪو
پير پلي ٽڪو به نه لهي، پر جيڪڏهن سندس خليفا هوشيار آهن ته سندس مان متانهون ڪرائين ٿا. اٻوجهه عوام کي مريد بنائڻ لاءِ پير جون ڪوڙيون سچيون ڳالهيون، اهڙي ڊرامائي انداز ۾ ڪن ٿا جو اٻوجهه وسهيو وڃن. ساڳئي وقت، مريدن مان ڏن طور پئسو ڏوڪڙ ڪڍڻ لاءِ پڻ خليفا ڪم اچن ٿا. اٽڪلي ۽ ظالم خليفو، مريدن کي چٽ لٽ ڏيکاري، پير لاءِ گهڻو ڪري ڪجهه ڦري سگهي ٿو. آفيسر کي پٽيوالا ڪٽندا آهن.
195.هڪ وٽي نه، ٻيو جتيءَ سوڌو جهول ۾. ورجيس
196.ٻُچيءَ کي ڏاڙهيءَ جو قبر تائين آسرو. پهاڪو
ڪنهن اڻ ٿيڻي ڳالهه جو آسرو رکي وهڻ. مڪر ماءُ کي، ڪني ۾ رجهڻ تائين آسرو. مڪر-ماءُ وارو آسرو.
197.هنجن سان حرص ڪري، اڏاٽي چڙي، چٽو هوس ڇهنب ۾، سو به پيس ڪري. پهاڪو
ٻين سان حرص يا ساڙ نه رکجي. جيترو دم هجي، ان مطابق هلجي. جيئن اڙدوءَ ۾ چوڻي آهي: ڪانگ هنج وانگر هلڻ جي ڪوشش ۾ ماڳهين پنهنجي هلڻي به ڪاري وينو. ڪانءُ هليو مور جي ٽور، نه رهيو ڪانءُ نه رهيو مور.
198.هنر واري جو هنر کپي، ٻي هنر جي جِند. چوڻي
هنر واري: ڪم ڪار واري ماڻهوءَ جو جتي ڪٿي آڌر ڀاءُ ٿئي ٿو. ديس ٿوڙي پرديس ۾ کي هرڪو مانُ ڏئي ٿو. جنهن کي ڪو ڪم ڪار نٿو اچي، ٿوڙي ڪٿي پنهنجو ئي هجي، هر ڪو ڪانئس پڇي ٿو
199.عالمن جا ابا! تو جي ٽيڙيون ٽنگان! ته پوءِ ٻندا ڪيئن ڪندا؟ چوڻي
جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو به غلط ڪم ڪن ته جاهلن جو ڪهڙو ڏوهه
200.ڪڏهن ٻريءَ ۾، ڪڏهن ٻاڪر ۾. ورجيس
ڪڏهن ڏک ۾، ڪڏهن سک ۾
201.هٿ ڪنگڻ کي آرسي ڪهڙي؟ پهاڪو
ظاهر ظهور ڳالهه، پڌائڻ جي ڪهڙي ضرورت. جيڪا شيءِ نظر پئي اچي، ان جي واکاڻ جي ڪهڙي ضرورت. هڪڙي ٽيڏيءَ زال کي، پنهنجي تعريف ٻڌڻ جي ڏاڍي عادت هئي. مڙس به آفيس مان اچڻ سان اهاني ٻهاني تعريف ڪندو هوس ته تنهنجا وار ههڙا سهڻا، نڪ فلاڻي ائڪٽريس جهڙو، اکيون موتين جا داڻا وغيره.
هڪ ڏينهن پنهنجين پريشانين ۾ منجهيل مڙس گهر پهتو ته ڪانئس پنهنجي ٽيڏي زال جي تعريف وسري وئي. زال پئي اڳيان پويان ڦري ۽ نخرو ڪري.
”هونءَ ته توهان اچڻ سان منهنجي تعريف ڪندا آهيو.“ آخر زال شڪايت واري لهجي ۾ چيو.
”اهو ته اچ به چوان ٿو ته بابا تون تمام سهڻي آهين.“ مڙس ڪجهه بيزاريءَ مان ۽ ڪجهه جان ڇڏائڻ لاءِ چيو. زال انهيءَ مان مطمئن نه ٿي. ٿوري دير ترسي چيائينس: ”ڀلا منهنجا چپ؟“
”اهي به سنا آهن!“ مڙسس فائيلن ۾، جيڪي ضروري ڪم پوري ڪرڻ لاءِ گهر ڪٽي آيو هو، منهن وجهندي چيو.
”ڀلا اکيون.......؟“ ٿوري جهٽ ترسي جوٽس وري ڊسٽرب ڪيس.
”هون.......؟“ مڙس پنهنجيءَ پريشانيءَ ۾، مختصر چيو.

”مون چيو: منهنجيون اکيون؟“ زال وري سندس خيالن ۾ رخنو وڌو.
”اهي ته سنيون آهن!“ مڙس وراڻيو پر زال ان مختصر جواب مان مطمئن نه ٿي چيس: ”بس.....؟“
”بس ٻيو ڇا؟“ مڙس وڏيڪ بيزاريءَ جو اظهار ڪيو، جنهن تي زال ڪاوڙجي چيس: ”هونءَ ته هميشه چوندو آهين: منهنجيون اکيون عتيقه اوڊو سان ٿيون ملن؟“
بار بار ڊسٽرب ڪرڻ تي، مڙس باهه ٿي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ چيائينس: ”ڏوڙ ٿيون ملن عتقيه اوڊو جي اکين سان. اهي ته پنهنجو پاڻ ۾ ئي ڪو نه ٿيون ملن!“

202.چريءَ چکي ڏٺو، چي: هل ڪالهوڪي هنڌ. پهاڪو

چريي چکي ڏٺو، چي: ماما ڳڙ. چريي چکي ڏٺو، چي: هلندي ڪا ٿندي!

203.هڪ ويني هئي رني، ٻيو پيڪان آيس چني. ورجيس

جهٽ فيصلو ڪرڻ. پر ان ۾ وڏو هٿ پيڪي ڪان نياپو اچڻ ۾ نه هو. جيئن چنيسر جي لاءِ چيو ويندو آهي ته هو ليلان سان فقط هار واري ڳالهه تي نه رنو هو. بلڪ اهو ته هڪ بهانو ٿيو. روسامي لاءِ ته سندس دل ۾ اڳهين خيال هو. جيئن ڀٽائيءَ چيو:

چنيسر کي چت ۾، اڳي ئي هئو،
تنهان پوءِ ٿيو، مامرو مٽيي تان.

204.غريبن رکيا روزا، ڏينهن ته ٿيا وڏا. پهاڪو

205.مور ڇگو. پير ڏنگا. پهاڪو

هر ماڻهوءَ ۾ ڪونه ڪو عيب ٿئي ٿو. دنيا ۾ ڪا به شيءِ، عيب کان آجي ناهي. عيبن کان آجو، هڪ الله.

206.عورت کي عقل، ڏائيءَ ڪڙيءَ ۾. چوڻي

دنيا ۾ جڏهن گهڻا اديب، اخبار نويس، پرنٽر، پبلشر مرد حضرات هوندا، ظاهر آهي ته پوءِ اهڙي ڳالهه ئي، عورت لاءِ چئي ويندي. عقل ڏائي ڪڙيءَ ۾ هجڻ معنيٰ. گهٽ عقل هجڻ. تنهن هوندي به ڪيترن گهرن تي راڄ عورت جو آهي. بلڪ هاڻ ته ڪيترن ملڪن تي راڄ به عورت جو ٿيندو پيو وڃي. عورت بابت ڪيترن ئي ملڪن ۾ مختلف چوڻيون ۽ پهاڪا آهن.

- ”عورت جو پيار نهر مثل آهي: جنهن جو پاڻي ڪڏهن به سڪي نٿو“. پاڪستاني چوڻي
- ”عورت حياءَ جو گلدستو آهي. خدا جي نعمتن مان سڀ کان وڏي نعمت آهي.“ عربي چوڻي
- ”عورت بنا، گهر ۾ برڪتون نازل نٿيون ٿين.“ ترڪي چوڻي
- ”عورت جي جڏهن زبان نٿي ڳالهائي تڏهن سندس اکيون ٿيون ڳالهائين.“ ڪُويتي چوڻي
- ”سهڻي عورت کان اندي عورت، وڌيڪ ڪامياب زال ثابت ٿئي ٿي.“ بلغارين چوڻي
- ”عورت جي دل جيترو نرمائيءَ سان پيار ڪري ٿي، اوترو ئي سختيءَ سان بدلو وٺي ٿي.“ اطالوي چوڻي
- ”مرد جي ڪاميابيءَ پويان عورت جو ئي هٿ ٿئي ٿو.“ هندستاني چوڻي
- ”عورت ۽ گدري جي چونڊ ڪرڻ، تمام ڏکيو ڪم آهي.“ فرانسي چوڻي
- ”سهڻي عورت ۽ ڳاڙهي مرچ کان، هوشيار رهجي.“ جپاني چوڻي
- هڪ مرد پڙهيو، هڪ فرد پڙهيو، هڪ نارِ پڙهيو، گهر بار پڙهيو. چوڻي

جپاني، چيني ملئي زبانن ۾ ته عورتن تي ڪيترين ئي چوڻيون ۽ پهاڪا آهن. گهڻو ڪري سڀ سندن خلاف آهن. منجهانئن ڪجهه هن ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل آهن.

آفريڪي ملڪن ۾ ته ورلي ڪو پهاڪو عورت جي تعريف ۾ هجي. هر خرابيءَ جي جڙ عورت کي سمجهي وڃي ٿي. بقول پروفيسر منيڪي شپر جي.

“In African Proverbs; the women are Consistantly at the receiving end”

توهان ڏينهن به آفريڪا جي ڪنهن شهر ۾ رهو ۽ ٿي نٿو سگهي ته ڪو هڪ اڌ پهاڪو، عورتن بابت نه ٻڌو.

ڪجھ پهاڪا، جي هن وقت ياد اٿم، سي هيٺ ڏجن ٿا:

- ”عورت مرد تي نٽي سگهي“ يعني: هوءَ ڪمزور ٿي رهندي.
- ”پنهنجن پيرن ڪان، وڏن پيرن واري عورت سان هرگز شادي نہ ڪجي.“
- ”عورت ڪي وات نٽو تٽي“ يعني: سنو ڳالهائڻ نٽو اچيس.
- ”ڏاڙهيءَ وارو وات ڪڏهن بہ ڪوڙ نٽو ڳالهائي“. يعني: مرد گامون سچار ۽ عورتون ڪوڙيون آهن.
- ”بنا مرد جي عورت : ٻج بنا ڌرتي.“ يعني: اڪيلي سر عورت ڪجھ بہ نہ آهي. عورت جو شان مرد سان آهي
- ”شاديءَ لاءِ انڪار ڪندڙ ڇوڪريءَ ڪان تڏهن پڇجو، جڏهن عمر گذرڻ پڄاڻان چاتيون لڙڪي پوندس.“

  يعني: جوانيءَ ۾، عاشقن جي لوڌ ڏسي عورت ڪي مغرور ٿيڻ نہ ڪپي. ڇو جو پيريءَ ۾ ڪيس ڪير بہ نہ پڇندو ۽ ڪيس جهڙي تهڙي مڙس جي سهاري جي سخت ضرورت محسوس ٿيندي
- ”بد مزاج عورت جو علاج: موچڙو.“
- ”زال سان پيار اٿئي، تہ ڪيس ڪٽڪو بہ ڏيندو ڪر.“
- ”ڪڪڙِ ڪي ڪهڙي خبر تہ صبح ڪڏهن ٿو ٿئي. هوءَ تہ ڪڪڙ جي بانگ ڏي واجهائي ٿي.“

  يعني: ڪڪڙِ وانگر عورت ڪي بہ چئيوان ٿيڻ ڪپي. مڙس ڇوي ڏينهن ٿيو آهي تہ ڏينهن سمجهي
- سهڻي عورت سان سماجي بيماريون پيدا ٿين ٿيون.
- لابارن ۾ ئي گرم عورتون ڳورهاريون ٿين ٿيون.

حاصل مطلب تہ عورت ڪمزور آهي. ان ڪري مٿس هر ڳالھ جو الزام لڳايو ويو آهي. هر ڳالھ ۾ ڪيس نشانو بنايو ويو آهي. ڪا عورت سهڻي آهي تہ ان ڪي نيچو نوائڻ لاءِ بہ پهاڪا آهن. جيڪڏهن ڪوجهي آهي تہ بہ ڪيترائي پهاڪا آهن. پڙهيل آهي تہ بہ ان مان عيب ڪڍي سگهجن ٿا. اڻ پڙهيل آهي تہ بہ ڪيس ڄٽ چئي ڌڪاري سگهجي ٿو. ڇو جو هن دنيا ڪي، ڪيترا ”مرد جي دنيا“ سمجهن ٿا.

207.جيڪي ڪني ۾ هوندو، سوئي پاٽ ۾ پوندو. پهاڪو

208.ڪتو ۽ ڪپاٽ، ٽوڙهي سان ٽپائجي، ساڌو ۽ سپاٽ، ويهارجي وچ ۾. پهاڪو

ڪپاٽ معنیٰ ڪپتيو ماڻهو، نالائق، سپاٽ معنیٰ سپتيو، سنو ماڻهو. ٽوڙهو معنیٰ رسو. لچ ڪي ويجهو نہ آڇجي، اشراف ڪي پيار ڏجي

209.مئا پرُ، پتجن هيل. پهاڪو

گذريل ڳالهيون وري نہ دهرائجن

210.جهڙا روح، تهڙا ختما. پهاڪو

جيڪو جهڙو هوندو، ان جي اهڙي ڳالھ ٿيندي

211.ڪوڙي جي ڳالھ، ڳُڏ جي ڊوڙ. پهاڪو

ڪوڙ ڪي ڊوڙ، پير نہ ٿيندا آهن. ڪوڙو، گهڻو پڇي نہ سگهندو. ڪوڙي ڪي حافظو نہ ٿيندو آهي.

212.دولتمندن جا ڏاند بہ ويامن. پهاڪو

پئسي وارن جا ناممڪن ڪم بہ ممڪن ٿيو وڃن

213.ڪاڏي ڪوري، ڪاڏي ترار. پهاڪو

ڪوريءَ جو ڪم ڪپڙو اڻڻ ۽ وڪڻڻ آهي. هو ڇا ڄاڻي جهيڙي، جنگ ۽ بارود بمن مان

214.مردو سرڳ وڃي يا نرڳ، ڪيس ڪفن سان ڪم. پهاڪو

قبر کوٽڻ وارو جيڪڏهن هر جنازي تي ويهي منهن مٿو پٽي ۽ روئي رڙي تہ انٽو ٽي پوي. هن جو ڪم آهي پنهنجي ديوٽي ڏيڻ. يعني قبر کوٽڻ يا ڪفن غسل جو ڪم ڪرڻ. فوتي جنت ۾ وڃي يا دوزخ ۾، ان سان سندس سروڪار ناهي

215.سوڙهي جتيءَ ڪان، پيير اگهاڙو پلو، گهر جي جهيڙي ڪان، جهنگ منهن پلو. چوڻي
جهڙيءَ طرح سوڙهي جتي عذاب آهي، توڻي ٻئي ڪنهن کي محسوس نه ٿئي. تهڙيءَ طرح گهر جو جهيڙو به انسان جو ذهني سڪون چٽ ڪري ٿو. ان لاءِ بهتر آهي ته گهر ڪان پري رهجي. هڪ سب مئرين جهاز تي خلاصين جي يڪي ڇهه مهينا موڪل ته ڇهه مهينا ڊيوٽي ٻئي ٿيا. هڪ ڪان پڇيو ويو: اها ته سخت تڪليف واري ڊيوٽي ٿي. ان تي سب مئرين وارن ڪلي چيو: ”نه! اسان ان قسم جي ڊيوٽي پسند ڪيون ٿا ۽ سڀ خوش گذاريون ٿا.“
”اهو وري ڪيئن؟“ ٻئي پڇيو.
”اهو هن ريت ته جيڪي خلاصي پنهنجين زالن سان نهيل آهن، ڪين ڇهه مهينا خوش گذارڻ لاءِ مليو وڃن. جيڪي نهيل نه آهن ۽ ڪين زال ڏني به نٿي وٽي، تن جا به ڇهه مهينا، گهر ڪان پري، سنا گذريو وڃن.“
216.ڪٿي راجا پوچ، ڪٿي گنگو تيلي. پهاڪو
ڪنهن غريب جو وڏي ماڻهوءَ سان پاڻ پيٽڻ
217.اٽڪل ساڻ الله، ڪورين ڦاسايو ڪنڌ ۾. ٽوڪ
218.ابي جو موت ڏسي، مرڻ تان ارواح ڪجي وڃي. پهاڪو
ائين به چئبو آهي: نانيءَ جو موت ڏسي، موت تان ارواح ڪجي وڃي.
219.ستو ته ڪتو، جاڳيو ته جن. ورجيس
ڏنگو ماڻهو. ائين به چئبو آهي: ستي ته ڪتي، جاڳي ته جن. الله لڳ امين چئي، انهيءَ جو نالو ئي نه ڳنه.
220.وفاداري، وڙ ڪتي جو. چوڻي
ڪتو ۽ گهوڙو انسان جا وفادار دوست چيا وڃن ٿا. ڪنهن ٻار کي اسڪول ۾ وفاداريءَ تي مضمون لکڻ لاءِ چيو ويو. هن لکيو، وفاداري ڪتي جو وڙ آهي. هيءَ خاصيت، ڪن انسانن ۾ پڻ ٿئي ٿي پر تمام گهٽ.....
221.ڦودني ۾ ڦير آهي يا وٽ ڪسا آهن. ورجيس
ائين به چئبو آهي: يا ڦودني ۾ ڦير آي يا وٽ ڪوتا آهن
222.پٽر پرايو، سور پنهنجا. پهاڪو
پٽر معنیٰ ڪنهن جي قضيئي تي ان جي مائٽ سان وجي همدردي ڪرڻ. ڪٿي ڪٿي ان کي تڏو به چئجي ٿو. ظاهر آهي ته جنهن جو پٽر هجي. اخلاقي طرح ان کي ياد ڪجي. ان لاءِ دعا ڪجي. پنهنجا سور ڪٽي نه ويهجن. ان جهڙي هڪ ٻي به چوڻي آهي ته: جنهنجو تڏو، تنهنجي ڳالهه. جنهنجو راڄ، تنهن جو رڳليشن
223.ٻيبي ڏُلي، ڍَڪي پلي. پهاڪو
224.ڏوبي ڏوئي، مالڪ روئي. پهاڪو
سنگاپور ۾ هڪ هندو دڪاندار اهو پهاڪو ڏاڍو استعمال ڪندو هو. پنهنجي دڪان ۾ ڪجهه اوچيون شيون ۽ ڪجهه ٽڙڪ نڳيءَ واريون وڪٽندو هو. اسان کي رڳو کي خاص شيون وٺڻ لاءِ چوندو هو.
”موهن! اهو پلا چو. هي يوناني، جرمن، انگريز جهازي ته ٽوڪان هر شيءِ وٺيو وڃن. اسان چو نه؟“ هڪ دفعي پڇيومانس.
”بابا سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو!“ هن راز واري نموني سان ٻڌايو: ”توهان سڀ مون کي سڃاڻو ٿا ۽ جيڪا به شيءِ وٺو ٿا سا گهر لاءِ وٺو ٿا. سياڻي ڪا شيءِ خراب نڪتي ته منهنجي ڳلا تي پوندي. ان ڪري آئون توهان کي نڳيءَ واريون ۽ نقلي شيون وٺڻ لاءِ نٿو چوان. باقي هي يوناني، انگريز، آمريڪن پلي وٺن. هتان وٺندا، ٻئي پورٽ ۾ ڪنهن گرل فرينڊ کي ڏيندا. نه هنن جي گرل فرينڊ کي ياد ته ڪنهن ڏنو ۽ نه هنن کي ياد ته ڪنهن کي ڏنائون. ساڻن، ڌوبي ڌوئي مالڪ روئي، وارو حساب آهي
225.وڙهن گهوٽ ڪنوار، مار پوي وڪيلن تي. پهاڪو

جيئن چوندا آهن: وڙهن سان، لتاڙجن ٻوڙا
226.هاٿيءَ جو بار ڪٽندو هاٿي، نه گڏهه، نه گڏهه جو ساٿي. پهاڪو
جيئن چوندا آهن:بار ڪٽڻ ڀاري، ناهي ڪم ڪچن جو
227.ڪڏهن نه سُئيءَ جي ڀاڪي مان به اٺ لنگهيو وڃي. پهاڪو
ڪڏهن نه ڪوشش جي باوجود، ننڍيا ڪم به نه ٿين. ڪڏهن نه بنا ڪوشش جي وڏا به ٿيو وڃن. جيتوڻيڪ اها هڪ ناممڪن ڳالهه آهي نه سئيءَ جي ننڍڙي سوراخ مان ڪو اٺ لنگهي سگهي. ان پهاڪي سان گڏ هڪ ٻيو به چيو ويندو آهي: "سنڌ عورت ڪي ٻار ٿئي تو." اها ڳالهه اڄ جي سائنسي دور ۾ البت ممڪن ٿي رهي آهي.

- جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي، ٻک مري سوئي. پهاڪو

ضروري ناهي نه اهو هر وقت ٻک مري. ڪڏهن ڪڏهن ورهائڻ وارو ٻکيو مري نه ڪڏهن ڪڏهن ڦاٽي مري. ڪيس پنهنجي لاءِ ايترو بچي جو ڪائي ڪائي پيٽ ڦاٽيس
228.هڪ رعايت قاضيءَ جي: سؤ شهادتون. چوٽي
229.هڪ شينهن جو شڪار، سؤ لومڙيون ٿيون ڪائين. پهاڪو
230.دوست اهو، جو آئيءَ ويل ڪم اچي. چوٽي
انگريزيءَ ۾ به چوٽي آهي نه:

- A Friend in need is a friend indeed

هڪ شخص پنهنجي ڪنهن شاهوڪار دوست سان گڏ بازار ويو. بازار پهچي هن پنهنجي دوست کي چيو: "سؤ رپين جو ڪجهه سامان ونٺو هوم پر ٻٽون گهر وساري آيو آهيان. ڇا تون منهنجي مدد ڪري سگهين تو......؟"
"ڇو نه! دوست اهو جو اوکيءَ ويل ڪم اچي." شاهوڪار دوست پئسا ڏيندي چيس: "اچي هي چار آنا وٺ! بس ۾ چڙهي، گهران وڃي پنهنجو ٻٽون کڻي اچ.
231.ڏک هڻ ڏيءَ کي نه سِکي نُنهن. پهاڪو
ننهن، جيڪڏهن فضول خرچ، سست يا لا پرواهه آهي نه ڪيس سنئون سڌو چوڻ بدران، پنهنجي ڌيءَ کي چئجي. جيڪڏهن ٿورو به عقلمند هوندس نه هن لاءِ اهو اشارو ئي ڪافي آهي. سس کي ڪپي نه پٽ کي پرٽائڻ ڪان اڳ، پنهنجي ٿيندڙ ننهن ڪان پتاٽا چلرائي. جيڪڏهن هوءَ تلهيون کلون لاهي نه سمجهي وڃي نه هوءَ تمام فضول خرچ آهي. جيڪڏهن هوءَ پتاٽن جا خراب ۽ ڪارا داغ ڇڏيندي وڃي نه معنيٰ سست ۽ ڪاهل آهي. جيڪڏهن پتاٽن کي فقط هڪ دفعو چلي نه معنيٰ جلد باز آهي. جيڪڏهن رڌيندي، پتاٽا ساڙي رکي نه معنيٰ وڏي لاپرواهه آهي. اهڙيءَ عورت کي ننهن ناهي، ڌيءَ کي دڙڪا نه ڏجن نه بهتر آهي
232.هيريءَ سندي هير، تنگ پڳي نه لهي. پهاڪو
شل نه ڪا عادت پوي ۽ خاص ڪري خراب عادت. نشي پتي يا چوري چڪاريءَ جهڙي عادت نه هڪ دفعو پوڻ بعد وري نڪرڻ ڏکيو ٿيو پوي. نڪرندي نڪرندي به ڪجهه اثر ڇڏيو وڃي. جيئن چوندا آهن: چور چوريءَ ڪان وڃي، هيرا ڦيريءَ ڪان نه وڃي.
233.بگهڙن جو ڇگو مڙس: چراخ. پهاڪو
خراب ماڻهن جا اڳواڻ يا دوست/ ساٿي به اهڙا ئي ٿين ٿا. اڙدوءَ ۾ چوٽي آهي: چور ڪا پائي، جيب ڪترا
234.اٽندو اها، جا ڪوريءَ جي من ۾. پهاڪو
سني يا خراب اٽڻ، سولو يا ڏکيو ڇٽ، سنهي يا ٿلهي تند ڪٽڻ جو مدار ڪوريءَ تي آهي. جيڪو ڪپڙي جو اٽندڙ آهي. ائين به چئي سگهجي ٿو: سڀ ڪم رب پاڪ جي هٿ وس آهن. اهوئي ٿئي ٿو، جيڪي پروردگار چاهي ٿو. وتائي فقير کي جڏهن چيو ويو: "هر ڳالهه الله جي اختيار ۾ آهي!"
ٿوري دير سوچي وراڻيائين: "بلڪل صحيح ٿا چئو. پر هڪ ڳالهه اٺڙ جي اختيار ۾ به آهي: وٽيس نه ماني پچائي، وٽيس نه چانور رڌي."

235.اهو ڪي ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي. پهاڪو
ڏڪئي وقت ڪي اچڻ کان اڳ، ڪجهه ڪرڻ کپي
236.اڻ گهريو، ماءُ به پٽ کي ببو نه ٿي ڏارائي. پهاڪو.
ڏيُ جي پيٽ ۾ پٽ لاءِ ماءُ جو قرب وڌيڪ هوندو آهي. اهو به جيستائين روئي نٿو، يا گُهر نٿو ڪري يا هٿ پير نٿو هٽي، تيستائين ماءُ به کيس ٿڃ نٿي ڏئي.
وتائي فقير جڏهن ٻڌو ته رب رزاق آهي ۽ هر هڪ کي رزق ڏئي ٿو ته امتحان وٺڻ لاءِ شهر کان ٻاهر نڪري آيو ۽ هڪ وڏي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. هڪ ڏينهن گذري ويو، ڪجهه نه ٿيو. ٻيو ڏينهن به ائين گذري ويو. ٽئين ڏينهن هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ويندڙ ڄڃ، ان وڻ هيٺان اچي آرامي ٿي. ڪائڻ لاءِ پٽ جي ديگ رڌيائون. وتائي فقير جو بک ۾ برو حال ٿي چڪو هو. هنن کي پٽ کاڌو ڏسي وات پاڻي ٿيڻ لڳس. ڪائڻ گهرڻ بدران، رب جي پاڻ مرادو پهچائڻ واري صفت جو اجا به امتحان وٺڻ جي موڊ ۾ هو. جڏهن جاڃي کائي پيِ، ٻچيل پٽ ڳنڍ ۾ ٻڌي هلڻ وارا هئا ته وتائي دل ۾ چيو: هاڻ ته بک مري ويندس. گُهران ڪٽي نٿو پر سندن ڏيان ته پاڻ ڏي چڪايان. تنهنڪري ٿوري کنڪر ڪيائين.
کنگهڻ جي آواز تي جاڃين مٿي نهاريو ۽ پڇڻ لڳس: "فقير! چا پيو ڪرين؟"
"ڪجهه به نه." وتائي وراڻيو.
"پٽ ڪائيندين..........؟" جاڃين پڇيس.
"هائو."
"پوءِ اتي مٿي چا وينو توڪرين؟ لهي آءُ هيٺ!" جاڃين، پاتوڙي ۾ پٽ وڌيندي چيس.
پٽ ڪائي ڳوٺ پهتو ته ڳوٺائين ڪانئس پڇيو: "فقير! ڪر خبر! رب هر هڪ کي ڏئي ٿو يا نه.........؟"
"ڏئي ٿو! پر..." وتائي وراڻيو: "کنگهائي کُڙڪائي."
237.اٺ جي چاڙهيءَ کي به لعنت، لاهيءَ کي به لعنت. پهاڪو
اٺ تي چڙهڻ يا لهڻ ائين سولو ناهي، جيئن ڪار يا جيپ ۾ چڙهجي يا گڏهه ۽ گهوڙي تي. جن انن تي سواري ڪئي هوندي، انهن کي مٿئين پهاڪي جو احساس هوندو ته اٺ تي چڙهڻ ۽ لهڻ خواري آهي. تر جي پٽن تي لهڻ چڙهڻ وقت اٺ پڻ سفر ۾ اهنجائي ڪري ٿو.
238.اٽائي به ويئي ٽٽائي به ويئي، وري ڪپهه جي ڪپهه. ورجيس
سڄي محنت برباد ٿي وڃڻ. اٽائي به وڃڻ ٽٽائي به وڃڻ، وري ڪپهه جي ڪپهه ٿيڻ. اصطلاح
239.جنهن جي گُنديءَ ۾ داڻا، تنهن جا چريا به سياڻا. چوڻي
جنهن وٽ پئسو آهي، ان جا ڪيترائي عيب ڍڪجيو وڃن
240.ڪائڻ ويل گڏ، سمهڻ وقت مسيت ۾. ورجيس
241.ڪٽيو تو تان گهوريو، وڄائج نه مور. گفتو
242.وَڄ ڪير ڏئي ته مينهن چو ڏارجي. پهاڪو
243.انڌن آندو، ٻلن چٽيو. پهاڪو
شيءِ جي صحيح طرح نگهباني نه ڪبي ته برباد ٿي ويندي
244.جيڏي رات، تيڏو سپنو. ورجيس
245.ڪڻ ڪلو، ٽيئي پلو. گفتو
246.جنهن ايرندي تاءُ نه ڪيو، سو لهندي چا ڪندو. پهاڪو
247.وٽجن ٻير، ڪائجن ڏاڪون، تن گهرن جون، کهڙيون ساکون. پهاڪو
ڪمائجي ٿورو ۽ خرچجي گهڻو، ته پت نه رهندي

248.درياھ پر تي چوڪر ڪڏي، اڄ نہ ٻڏي سيان ٻڏي. پهاڪو
249.نہ دشمن کي پوُء، نہ سڄڻ کي آسرو. ورجيس
بي ضرر ماڻهو. مادي-پڇيي ماڻهوءَ مان، نہ دشمن کي پوُء، نہ سڄڻ کي آسرو.
250.مالڪ وڃن ٻيڙيءَ چڙهيا، شاھد وڃن گهوتا ڪائيندا. پهاڪو
251.جي وسي چيٽ، ان نہ ماپي ڪيٽ. چوڻي
252.دال روٽيءَ ڪاڏي ڏن ڪٽي تہ ڪٽڻ ڏينس. چوڻي
دال کان وڌيڪ ٻي چا سستي شيءِ ٿيندي. هڪ ڪنجوس امير ماڻهوءَ کي ان کان وڌيڪ کهڙي پڪائي ڪرڻ کپي. ائين بہ چوندا آهن:
ڏندڻ ڏيندي ڏند ڪرن، ڪرڻ ڏين،
ڦٽي ڏيندي وار کسن، کسڻ ڏين،
دال ماني ڪاڏي ڏنَ ڪٽن، ڪٽڻ ڏين.
253.ماڻهو سڀ چڱا پر ڪي ڪِن سان، ڪي ڪن سان. چوڻي
جنهن کي توهان خراب سمجهو ٿا، ان جا بہ ضرور ڪي سڄڻ ساٿي هوندا، جن کي هو وڻندو هوندو. اها ٻي ڳالھ آهي تہ خراب ماڻهوءَ جا دوست بہ اهڙائي ٿين ٿا.
254.جيئرو تہ لک جو، مئو تہ ڪک جو. ورجيس
اهو حال آهي هڪ انسان جو ۽ شايد هر پکي پکڻ ۽ جانور جو، سواءِ هاٿيءَ جي. جنهن لاءِ سندس نيشن TUSKS ڪري چيو وڃي ٿو تہ: هاٿي جيئرو تہ لک جو، مئو تہ سوا لک جو.
255.گنجو ڪنهڻ کان نہ رهي. پهاڪو
عادت کان مجبور ماڻهو، پنهنجي عادت پوري ضرور ڪري ٿو. وارن ۽ جوئنن ختم ٿيڻ بعد بہ، گنجي جو هٿ مٿي ڏي ئي هوندو آهي.
256.جيڪي لکيو آهي، سو لوڙبو. چوڻي
257.هو سوڙ پاند نہ ڏين، هيءَ وڃ ۾ سمهندي. ورجيس
پنهنجو پاٽکي زوريءَ وٽائڻ ۽ ان سان ملندڙ هڪ ٻي چوڻي آهي: هو ساڻ نہ نيندا، هيءَ ڏاند تي چڙهندي.
258.عمر نيئي نيئي مارئي نيندو، ٽرئون تہ ڪونہ ٿيلهيندو. پهاڪو.
259.وينيون نہ مگجن ۽ مگيون نہ پرٽجن تہ جڳ ڪيئن هلندو. چوڻي
260.هڙ سڪٽي، لوڏ گهٽي. ورجيس
هڙ ۾ ڪجهہ نہ، باقي آڪڙ وڏي
261.هگ سهانگي تہ بہ ڪا ٻات ۾ گهوربي. پهاڪو
گهورڻ معنيٰ ٻرڪڻ. هگ هڪ مهانگو ۽ خوشبودار وکر آهي، جيڪو چڱي/ اڇي طعام مٿان ٻرڪي ڪائڻ جهڙو آهي. جيڪڏهن سستو ٿي پوي، تہ بہ سندس اهو شان ناهي تہ سادي ڪاڏي يا ڏريل ان جي رپ مٿان، ٻرڪجيس.
262.جنهن جو تڏو، تنهنجي ڳالھ. پهاڪو
263.ذات، ڪانون کي بہ پياري آهي. چوڻي
هرهڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي ذات وارو وڻي ٿو
264.پلئہ پراٽا نہ ٿيندا آهن. چوڻي
بدلو ڪڏهن بہ وني سگهجي ٿو. معاف ڪرڻ، ان کان وڏو اجر جو ڪم آهي
265.ڏنو پير، پني مراد. پهاڪو
266.هنڌ ڏسي، هاسي ڪجي. چوڻي

هاسي؛ کل، مسخري. هر ڳالهه، مهل ۽ موقعي مطابق سونهي ٿي.

267.هٿ سان هاجون ڪري، پيرن سان ڪڏون ڪٽي. ورجيس

اندر ۾ هڪڙي، باهر ۾ بي هئڻ. منهن ۾ موسىٰ، اندر ۾ ابليس وارو حساب

268.ڪک هينان، لک. پهاڪو

269.نوڙهن کي قٽوتا چا ڪندا. پهاڪو

هر ڪوان شيءِ جي ڳولا ڪري ٿو، جنهن جي ڪيس گهرج آهي. نوڙهن کي قٽيءَ جي ڪهڙي ضرورت؟ جيڪڏهن ڪو نوڙهو قٽي رکي ٿو ته وڏو بيوقوف آهي. ڪي ماڻهو چرچا ڪرڻ لاءِ، گنجي کان پڇندا آهن: "يائو! توهان وٽ قٽي هوندي؟!" نوڙهن کي قٽوتا ئي ليندا آهن. پهاڪو

270.موتين ۾ هيرو: راڳن ۾ ڪلياڻ. پهاڪو

271.مورک سپ چمار، سگهڙ ساعت هڪڙي. چوٽي

272.بوڙن سان ڪهڙا سرباٽ ڪبا. پهاڪو

بوڙو ماڻهو، زور سان ڳالهائڻ بعد به ٻڌي نه سگهندو آهي. اهو سرباٽ يا پٽ پٽ سان ڪيئن ٻڌندو.

273.ننگ ۽ وڙ، چني نه چنجن. چوٽي

دوستي ته ختم به ٿي سگهي ٿي پر مائٽي متي چنڻ سان به نه ڇجي. مٽ مائٽ ۽ اخلاقُ، هٽان نه وڃائجن.

274.من ۽ موتي، پڳو سجو نه ٿئي، سجو ٿئي ته به منجهس سنڌو رهي. پهاڪو

سنڌو؛ جدا ٿيڻ وارو نشان. موتيءَ وانگر انسان جي دل به هڪ دفعو پڳي ته وري نهڻ ڏکي. ناهه ٿي به وڃي ته به پهريان وارو پيار ۽ اعتماد نٿو رهي

275.گهٽا هر، بنيءَ کي ڏبا آهن. پهاڪو

ڪو ماڻهو ذري ذري اڳ ٻڌي ڪا ڳالهه ڪوٺڻ جي ڪوشش ڪري ته ان کي متيون پهاڪو چئي سگهجي ٿو. بنيءَ کي جيترا هر ڏبا اوترو سنو. انسان اهو سنو، جيڪو هڪ دفعو چوڻ سان ئي ڪم ڪري.

276.ويلو نه وقت، ليلان چڙهي تخت. پهاڪو

ڪي ماڻهو نه وقت ڏسن نه مهل، هر وقت نخرا ڪرڻ ۾ پورا هوندا آهن

277.تتر ڏيڪاري پتر ڏيڻ. اصطلاح

سني شيءِ ڏيکاري خراب ڏيڻ. خاص ڪري ٺڳ دڪاندارن جو اهو وهنوار آهي

278.گڏهه به ڪڏهن گج پاتو؟ پهاڪو.

279.ڏاهو ڪانگ، ٻِ-پيرو ڦاسي. پهاڪو

لُچو ماڻهو ڦاسندو ناهي. جيڪڏهن ڦاٿو ته بريءَ طرح ڦاسندو آهي.

280.پاڙڻ کان مُڙڻ پلو. چوٽي

بدلو يا وير پاڙڻ کان بهتر آهي ته ٻئي کي بخش ڪري ڇڏجي يا مڙي وڃجي

هڪ بار پنهنجي پيءُ کان پڇيو: "بابا جڏهن توهان فيل ٿيا هئا ته ڏاڏا توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو هو؟"

پيءُ وراڻيو: "تمام گهڻي مار ڏني هئائين."

"پلا جڏهن ڏاڏا فيل ٿيو هو تڏهن.........؟"

" ڏاڏي، سندس متو ڦاڙي رکيو هو."

"آئون به فيل ٿي پيو آهيان." پٽ نصيحت ڪندي چيس: " توهان جي تورو مون سان تعاون ڪريو ۽ ضد تان مڙي وڃو ته هيءَ خانداني ويڙهه ختم ٿي سگهي ٿي."

281.جاٽي وڃونءَ جو منڊ به نه، هٿ وجهي نانگن ۾. ورجيس

جاٽي معمولي ڪم به نه هٿ وجهي وڏن ۾

282.جي جي ترڪڻ ڪان، پير جو ترڪڻ چڱو آهي. پهاڪو
283.ڏکو ڪٽجي پاءُ لڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ. چوٽي
284.اسين سنڌي نہ سمجهون، هو پارسيون پڇن. گفتو
285.چاڪيءَ ڏاند وڄايو، گهمي گهاٽي ڌاري. پهاڪو
چاڪيءَ جو ڏاند، وڄي بہ ڪيڏانهن. هن بيو ڪُس ڏٺو ئي ناهي. سڄي عمر گهاڻي جي چوڌاري ئي ڦرڻ ۾ گذري وئي اٿس.
286.چتي ڪتي جي دوا: بہ پتر. پهاڪو
جيئن چوندا آهن: ڪئي جي مهماني: بہ بير.
287.مينهن ڊائي هوري هلي، رڍ ڊائي نينگ ڏئي. پهاڪو
انهن ترڙن ماڻهن ڏي اشارو آهي جن وٽ ٿورو اچي تہ سندن حواس خطا ٿي وڃن. سنگاپور ۾ ملائيشيا پاسي ڪيترا هندو واپاري، پنهنجي اولاد کي سمجهائيندا آهن: "بابا دولت ڪيڏي بہ اچي، قناعت سان هلو. ترڙپائي نہ ڪريو". ڪين مثال ڏئي چوندا آهن: "ڍؤ جهلي هڪ مينهن، بيو پاپڙو".
288.ملن جي پريت، طبق تائين، طالبن جي پريت، سبق تائين. پهاڪو
طبق: ڪاڏي جو خومچو. ختمي يا خيرات لاءِ مجاور/ مُلي کي گهرايو وڃي ٿو. ماني موجود آهي  تہ هو بہ موجود آهن. شاگرد جي دوستي بہ سبق تائين رهي ٿي
289.وهندي، پير پوڙ بہ چڱي. بيني، تاڙ بہ خراب. پهاڪو
ٿوري ڪمائي هلندي رهي تہ بہ سٺي ڳالھ آهي. چو جو، ڪاڏي تہ ڪوھ بہ ڪٽيو وڃن.
290.هرڻي اڳي نچڻي، ويتر پيس گهنڊڻي. پهاڪو
هرڻي نينگ ٽپا ڏيندڙ جانور آهي. گهنڊڻي موڳي جانور کي بہ مستي ڏياري ٿي. هرڻيءَ جهڙي ٽهڻي جانور کي ويتر گهٽا ٽپ ڏياريندي. هي پهاڪو اڪثر انهن ڇوڪرن يا ڇوڪرين لاءِ چيو ويندو آهي، جيڪي اڳهين رولاڪ هوندا آهن. مائٽن جي وڌيڪ آزادي ڏيڻ تي هو هيڪاندو گهٽو ڇڙواڳ ٿي پوندا آهن
291.ياد جنين کي يار، سي ياد هميشہ يار کي. چوٽي
292.نير جو ٽِڪو لهي وڃي، ڳلا جو ٽِڪو نہ لهي. چوٽي
293.موت ناهي مهٽو، شادي ناهي ڳار. چوٽي
هڪ ڏينهن هر انسان کي مرڻو آهي. بهرحال ان تان ياد آيو، ميڊيسن جو پروفيسر يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي ليڪچر ڏيئي رهيو هو: "ان سان ڪو فرق نٿو پوي تہ علاج جو طريقو ايلوپيٿي آهي يا هوميوپيٿي، آريو ويدڪ يا طب يوناني...... هر هڪ جو رستو قبرستان ڏانهن وڃي ٿو."
وتائي فقير جي بہ گڏھ چوري ٿي وئي تہ هيڏانهن هوڏانهن شهر ۾ ڳولڻ بدران سڌو اچي قبرستان ۾ ويهي رهيو. ڪنهن چيس: چور کي ڳولڻ بدران هتي ڇا وينو ڪرين؟"
"چور جو اڳ ونڻ آيو آهيان." وراڻيائينس: "آخر تہ هڪ ڏينهن مري، هيڏانهن اچڻو اٿس."
294.جڏهن ڏند هئا، حلوو نہ هو، جڏهن حلوو آ، تہ ڏند نہ آهن. پهاڪو
زندگيءَ جو اهو دستور آهي. ضروري ناهي تہ هر وقت سڀ خوشيون ملن. هڪ مٺ ۾ بہ گدرا نہ اچي سگهندا. ڪڏهن ڏينهن وڏا ڪڏهن راتيون. اهو پهاڪو پڪ ملائيشيا، انڊونيشيا ۾ بين خط استوائي ملڪن جي ماڻهن نہ ناهيو هوندو، جتي جا ڏينهن ۽ راتيون هڪ جيڏيون ٿين ٿيون. انسان کي زندگي شڪر ۽ صبر ۾ گذارڻ کپي. ان روسي عورت وانگر ڪنجهندي نہ. جنهن چيو هيو: "نُنهن هيس تہ سَسُ سٺي نہ مليم. سَسُ ٿيس تہ نُنهن سٺي نہ مليم." ٿي سگهي ٿو تہ ان ۾ سندس ئي ڏوھ هجي. جيئن هڪ بيو روسي پهاڪو آهي: "هر ماڻهوءَ کي پنهنجي لڪٽي ۾ پرائي زال وڻندي آهي."

هونءَ روسي پهاڪا بہ دلچسپ ٿين ٿا. آئون گهڻو وقت روس ۾ نہ رهيو آهيان. ڪنهن زماني ۾ اوديسا ۾ رهي چڪو آهيان. هينئر تازو سئيڊن ۾ بہ سال رهڻ دوران ڪيترائي آذربائيجان، آرمينيا ۽ بيلاروس جا همراهہ مونسان گڏ رهيا هئا. ڪانئن ٻڌل ڪجهہ روسي پهاڪا/ چوڻيون هن ريت آهن:

- o محنت جي ڪمائي، اٺ جي پڇ وانگر وڏي نٿي.
- o انڌن جي شهر ۾، اکيون بند رکڻ گهرجن.
- o ڪي ماڻهو انهي وهم ۾ آهن تہ: دوزخ ۾ بہ رشوت هلي ويندي.
- o بيضا ڏيڻ واري ڪڪڙ کي رڙين ڪرڻ جو حق آهي.
- o سمهي جيئڻ کان، بيهي مرڻ بهتر آهي.
- o خچرن جي ولديت فقط پوليس ئي معلوم ڪري سگهي ٿي.
- o ڪنهن ٻليءَ جي دماغ ۾ اهوهئو تہ: سندس ڪاڪوس اڪسير آهي.
- o خوبصورت وارن واري چوڪري، ٻن چوڪرين برابر ٿئي ٿي.
- o مهمان ٻئي مهمان سان ۽ ميزبان ٻنهي سان نفرت ڪري ٿو.
- o ڏراڙ کي انهن رڍن جو افسوس هيو جيڪي هليون ويون. بگهڙ کي انهن جو، جيڪي بچي ويون.
- o بي سواد ڪيرٽي، سهٽي چمچي سان کائڻ کپي.
- o ٻليون هٿن تي جوراب پائين تہ ڪوئا ڪيئن جهلين.
- o ميڻ بتيون مهنگيون ٿيڻ جو، انڌن کي ڪهڙو ملال.
- o گهوڙي جي اڳيان ۽ ڪتي جي پٺيان لنگهڻ کپي.
- o گڏهہ کي شاديءَ ۾ جو دعوت نامو مليو. چيائين: ”سمجهي ويس! جاچين لاءِ پاڻي ڍوئڻوآهي“.
- o پريل پيٽ، ڪجهہ نہ سکندو.
- o بگهڙ جي گهر ماني کائي، ٻڪرار جي گهر افسوس ڪرڻ وارا.
- o قانون اميرن لاءِ ۽ سزا غريبن لاءِ هوندي آهي.
- o ڳرو پٿر کڻڻ سولو، هٽڻ ڏکيو. وغيره وغيره.

295.وات اڌ حڪيم آهي. پهاڪو/چوڻي

ڪڏهن ڊاڪٽر جي دوا کان وڌيڪ، سندس وات سان ڏنل تسليءَ مان مريض کي سڪون ملي ٿو. ان پهاڪي جو مطلب اهو بہ آهي تہ وات تي ضابطو رکجي يعني پرهيز ڪجي. گهٽيون ٻرايون، گهٽي کائڻ سبب ٿين ٿيون.

296.انڌن ملتان لڌو. پهاڪو

ڪوشش سان هر شيءِ ملي سگهي ٿي. رستو پڇائيندا پڇائيندا انڌا وڃي ملتان کان پهتا هوندا. پڇي پڇي ماڻهو رستو لهي ٿو، بشرطيڪ اندر جا حواس سجاڳ هجن ۽ ماڻهو صحيح گاڏيءَ ۾ سوار ٿيل هجي.

هڪ شرابي نشي جي حالت ۾ ڪيترائي دفعا غلط ريل گاڏين ۾ وينو ۽ هر دفعي ڪيس ٽرين مٿائڻي پئي پئي. آخرڪار هڪ شخص، ڪيس منزل واري ٽرين ۾ چاڙهيو. پرسان وينل هڪ مولويءَ، جڏهن شرابيءَ جي اها حالت ڏٺي تہ ڪاوڙجي چيو: ”چا توکي خبر آهي تہ جنهن رستي تي تون سفر ڪري رهيو آهين اهو وڏو خطرناڪ آهي، جنهن جي ڪا منزل ناهي“.

شرابي اهو ٻڌي منجهي پيو ۽ چيائينس: ”آئون شايد وري ڪنهن غلط ٽرين ۾ ويهي رهيو آهيان“.

297.ويئي سڳن کاڻ، ڪن بہ ڪپائي آئي. ورجيس

298.جيترو پڇ، اوترو ڍڳ. چوڻي

299.جيترو فائدو، اوترو فائدو. چوڻي

سنگاپور جو لي ڪئان يو سڄي زندگي پنهنجي قوم کي اهو سبق ڏيندو رهيو: ڊسپلينڊ زندگي سني آهي. جيئو

۽ جيئڻ ڏيو جا قاعدا قانون ناهي، ان تي عمل ڪرڻ سان انسان سکي زندگي گذاري ٿو. اڄ سنگاپور ۾ تمام گهڻا قاعدا قانون آهن. رستي تي ٿڪ اڇلائڻ تي به سخت ڏنڊ آهي. زور سان ريڊيو وڄائي پاڙي واري کي ڊسٽرب ڪرڻ تي به سزا آهي ۽ ٻيا ڪيترائي سخت قانون آهن. جنهڪري اڄ سنگاپور، سڀ کان سهڻو، پُر سکون ۽ ماڊرن سمجهيو وڃي ٿو

300.دم دال جو، آڪڙ پُلاءَ جي. ورجيس

301.سڌيءَ آڱر سان، مکڻ نه نڪري. پهاڪو

مقصد کي ماڻڻ لاءِ، محنت ضروري آهي. اردوءَ ۾ چوڻي آهي: گيهه ٽيڙي انگلي سي نڪلتا هي. ڪڏهن ڪڏهن نموني بازي ڪرڻ به ضروري ٿيو پوي. هڪ همراهه پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي گهر مان ڪڍڻ چاهيو ٿي. نوڪرياڻيءَ به ڪم نٽي ڪرڻ چاهيو. جيئن ته سندس پگهار اجا رهيل هئي، تنهنڪري بيماريءَ جو بهانو ڪري سمهي رهي، جڻ دورو پيو هجيس.

مالڪ پنهنجي فئملي ڊاڪٽر کي سڏايو. جنهن کي تپاس وقت، نوڪرياڻيءَ ڪن ۾ چيو: "ڊاڪٽر صاحب! آئون بيمار نه آهيان. گهر ڌڻيءَ، ڇهن مهينن کان پگهار نه ڏني آهي. ان ڪري مون بيماريءَ جو مڪر ڪيو اٿم.. جيسين پگهار نه ڏيندو، تيسين هتان نه ٽرنديس"

ڊاڪٽر اهو ٻڌي، ڪنڌ ڌوڻيو ۽ چيائينس: "تورو سِرُ! آئون به اتي ئي سمهندس."

"پر ڇو؟!" نوڪرياڻيءَ گهبرائجي پڇيس.

"ٻن سالن کان مونکي به فيون نه ڏنيون اٿس." ڊاڪٽر وراڻيس.

302.رت ڪٽورو ڏجي، تڏهن پت ڪٽورو ملي. پهاڪو

303.رڪ جا چٽا، آنڊا چيرين. پهاڪو

304.رت ڏسي، رُمي هٽجي. پهاڪو

هوند تي محنت ڪجي. جيئن انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي: سڪل کوهه ۾ ڏول وجهڻ مان ڇا فائدو؟

305.جهڙي سٽ، تهڙيون ٽي ويهيون. ورجيس

سٽ ۽ ٽن ويهن ۾ ڪوبه فرق ناهي. ڇو جو ٽي دفعا ويهه به، سٺ ٿيا

306.ڪُتي ڏاڙهي، هٿ نه اچي. پهاڪو

307.مئا آهن، جيئرن جي وس. چوڻي

308.منهن ڪونئري، ڳلا پٽائي. پهاڪو

309.غريب، گڏهه ٿيندو آهي. چوڻي

گڏهه کان وڌيڪ ٻيو ڪير غريب ٿي سگهي ٿو. جيڪو اڄ ٻڪ ۾، مالڪ جا موچڙا سهي به بار ڍوئڻ ۾ صبر ڪري ٿو.

هڪ ماڻهوءَ اخبار ۾ اشتهار شايع ڪرايو: "مونکي پنهنجي لاءِ هڪ اهڙي جيون ساٿيءَ جي ضرورت آهي جنهن جو بُڻ بنياد نج هجي، جيڪو وفاداريءَ، سٺي طبيعت، شرافت ۽ خدمتگاريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هجي. سهڻو هجڻ ضروري ناهي، پر سخت محنت کان نه گهبرائي. جيڪو حڪم ڏيان ان کان انڪار نه ڪري ۽ رُکي سکي کائي، خدا جو شڪر ڪري. ذات پات، نسل، فرقي جو ڪو قيد ناهي."

ٻئي ڏينهن سندس دروازي تي هڪ گڏهه اچي بيٺو، جنهن جي ڳچيءَ ۾ لڙڪندڙ ڪاغذ تي لکيل هو: "اشتهار پڙهي، توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيو آهيان."

310.منهن ڏسي، تِلڪ ڏجي. پهاڪو

311.مئي کي مارڻ، سورهيه جي ڳلا. چوڻي

مري ويل کي مارڻ، ڪنهن به پهلوان جو ڪم ناهي

312.ماريءَ جي گهر، هڏن جو ڍير. پهاڪو
ماري: شڪاريءَ/ پڪي ڦاسائيندڙ جي گهر، هڏن جو ئي ڍير هوندو. گهڻ-ڪائڪ وٺ، ڏن دولت نه ٿا مڙن.
313.اپٽي گهوٽ تہ، نشا هووئي. پهاڪو
موالين جو قول آهي. پيئڻ واري کي، ڀنگ گهوٽڻ ۾ حصو خود بہ وٺڻ کپي. ان ڀنگ جو نشو وڌيڪ ٿيندو ٿو. پنهنجي هٿ سان ڪيل ڪم، بهتر ٿئي ٿو يا بهتر لڳي ٿو. ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ رڳو پراوا ڪم ڪندا رهجن.
ٻہ ساهيڙيون ڪيترن سالن بعد، پاڻ ۾ مليون تہ يڪدم مڙسن جون گلائون شروع ڪري ڏنائون.
هڪ چيو: ”منهنجي شاديءَ کي ڏهہ سال ٿي ويا آهن پر منهنجو مڙس مانيءَ جي هر ويلي تي ڪاڏي مان اوٽايون ڪڍي ٿو.“
ٻيءَ چيو: ”اها تہ عجيب مصيبت ٿي. ان سان تہ توکي سخت مونجهارو ٿيندو هوندو.“
پهرينءَ جواب ڏنو. ”مونکي مونجهارو ڇو ٿيندو؟ جيڪڏهن ڪيس پنهنجي هٿن جو رڌل ڪاڏو نٿو وٽي تہ ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ؟!“
314.هڪ ڏينهن عيد، ٻئي ڏينهن غيد، ٽئين ڏينهن، ساڳي ماني ساڳ سان. چوڻي
315.ڳرُ ماڻهو، وڻ ٻاٻرو، ٻنهين ڏينهن ڪٽن. پهاڪو
ڳرُ ماڻهو: لچ ماڻهو. وڻ ٻاٻرو: ٻبر جو وڻ، جنهن مان ڪنڊا لڳن. ٻئي گهر ۾ نہ هجن تہ سٺو
316.چرين ڪهڙا چت، مئن ڪهڙا مامرا. چوڻي
317.شل نہ ڪنهن ڪميڻي ۾ ڪم پوي. گفتو
اهڙو ماڻهو وڏي دل ڪري مدد ڪرڻ بدران رلائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي يا سڄي ڏيهہ ۾ خوار ڪندو وتندو تہ؛ فلاڻي جي مون مدد ڪئي، نہ تہ ڪتي جو نہ رهي ها. ساڳي چوڻي گدڙ لاءِ بہ ڏني ويندي آهي؛ گدڙ جي گونهہ ۾ ڪم پوي تہ انگاس تي هنگي اچي.
318.گهَہ گيرو گهوڙو ۽ پيٽيرو ماڻهو، مهل ۾ ڪم نہ اچن. چوڻي
گهَہ گيرو گهوڙو: جيڪو هلندي هلندي بيهي رهي، اِتون هٽي. پيٽيرو ماڻهو: رڳو پيٽ تي ڪمائڻ وارو نوڪر. پيٽي، پيٽ-هٽيو. گهڻ-ڪائڪ نوڪر ۽ لتر گهوڙو، ٻئي بيڪار آهن.
319.چريءَ کي چوڙو، ڪڏهن ٽنگ ۾ ڪڏهن ٻانهن ۾. چوڻي
320.ماديا ڪڪڙ، ڪڏهن ٻانگ ڏني. پهاڪو
321.ميهار نڪتو مينهن مان، وڃن ڪهڙي پارت. پهاڪو
322.چڱا سي، جن جا پويان چڱا. چوڻي
323.مِلڪ ۾ ڏيڍ ڪجور، ميان ليٽي باغ ۾. پهاڪو
مِلڪ ۾ ڏيڍ ڪجور: ملڪيت ۾ فقط هڪ بہ ڪجيءَ جو وڻ، ان کي باغ سمجهي ڪٽ وڇائي سمهڻ
324.ميون ڳور لائق، ٻيبي سيج لائق. ورجيس
ميون ڳور لائق؛ مڙس پوڙهو قبر ۾ وڃهڻ جهڙو. سيج لائق، جوان جماڻ. جيئن اردوءَ ۾ چئبو آهي؛ ٻڍي گهوڙي، لال لغام.
- گڏهہ کي بہ ڪڏهن گابو ڄائو آهي. پهاڪو

جيڪو جنهن نسل جو هوندو، انکي اولاد بہ ان نسل جو ئي ٿيندو
325.بي حيائي: بادشاهي. چوڻي
326.هجتي: لعنتي. چوڻي
گهٽي هجت رکڻ سان ماڻهو بدتميز ٿيو وڃي ۽ تڪ ٻُجي، گار گند تي لهيو اچي. انگريزيءَ ۾ بہ ان قسم جي

چوٽي آهي: Familiarity breeds contempt: سٽريل قومن جا ماڻهو، دوستيءَ يا پنهنجائپ ۾، هڪ حد کان وڌڻ يا ٽپڻ نہ ڏيندا آهن. ڇو جو گهٽي فري ٿيڻ سان هڪ ٻئي جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي.

327.پنهنجي ڪِئي جو، ويج نہ طبيب. چوٽي

328.دل ڪوڙي، عذر گهڻا. چوٽي

ڪنهن ڪم يا پورهئي لاءِ دل نہ چوڻ تي بهانا ناهڻ. جيئن چوندا آهن: ”نچڻ نہ اچي، چي: پون سوڙهي“. انگريزيءَ ۾ پڻ هڪ چوٽي آهي تہ:

Where there is a will, there are ways.

329.اوٺتيهہ راتيون چور جون، ٽيهين رات ساڌ جي. پهاڪو

غلط ڪم ۾ ڪو بہ نتو ڦٻجي. برائيءَ جو انجام برائي ئي آهي

330.گهر جي گندِ ڪِرِ ڪِرِ ڪري، چوريءَ جو گڙ منو منو. چوٽي

331.چيچ ڪپائي، شهيدن ۾ داخل ٿيڻ. اصطلاح

توري محنت ڪري، پاڻ کي وڏين ڳالهين ۾ شامل ڪرڻ

332.منو منو هڙپ هڙپ، ڪَوڙو ڪَوڙو ٿُو ٿُو. ورجيس

آسان ڪم اختيار ڪرڻ، ڏکئي ڪم کان پاسو ڪرڻ

333.گهر جي دال پلي، توڙي ٻاهر ملي پلو. چوٽي

334.نہ خراب گهٽيءَ ۾ وڃجي، نہ ئي ڪتو ڪائي. پهاڪو

ڪِني صحبت ئي ڇو اختيار ڪجي جو بدنامي ٿئي.

335.نالي چڙهيو چور، ڦاسيءَ چڙهي، نالي چڙهيو واپاري، ڪتيو ڪائي. چوٽي

336.ماءُ سارنگي، پيءُ طنبور، پٽ ائين پيو نچي، جيئن لنڪا جو لنگور. ورجيس

337.نانگ ويو نڪري، ليڪو پيو ڪٽجي. ورجيس

338.جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا. پهاڪو

339.لوڪ پسند پائجي، دل پسند ڪائجي. چوٽي

ڪپڙا اهي پائجن، جيڪي ٻين کي وڻن، کاڌو اهو کائجي جيڪو دل کي وڻي. ائين ضروري بہ ناهي. ٻئي ڳالهيون، دل پسند بہ ڪري سگهجن ٿيون. هڪ ڪراڙو سِک، ٻير جي وڻ تي فقط ڪڇو پائي، ٻير ڪائي رهيو هو. ڪنهن پڇيس: ”سردار جي ڇا پيو ڪرين؟“ وراڻيائين: ”رٽائرڊ ٿيڻ کانپوءِ فقط بہ شوق وڃي رهيا آهن: اوچو پهرڻ ۽ اوچو کائڻ.“

340.مرد مري ماڻَ لاءِ، نامرد مري نان لاءِ. چوٽي

341.گهر واري جو هڪڙو گهر، ٻي گهري جا سَوَ گهر. چوٽي

342.لِڏ هينان لعل، لڪا پيا آهن. چوٽي

343.مڪر چڪر جي کهاٽي: اڌ کير تہ اڌ پاڻي. پهاڪو

344.مارجن تہ مير، چاڪر جا چِلائجن. چوٽي

345.نہ پاروتو ٻچي، نہ ڪتو ئي در تي اچي. پهاڪو

جيئن ٿائي زبان ۾ هڪ پهاڪو آهي: ”ڪتن کي بہ خبر پوي ٿي تہ گهٽيءَ ۾ ڪهڙا گهر غريبن جا آهن.“

ٿائي زبان ۾ بہ ڪيترائي دلچسپ پهاڪا ۽ چوٽيون آهن، جيڪي بئنڪاڪ ۾ تورا ڏينهن رهڻ وارو بہ مختلف دڪاندارن ۾ ٻاون ٻانيڻن کان ٻڌي ٿو. ڪجهہ ڪجهہ، هن وقت مونکي بہ ياد آهن.

oوارن سان ضرور پيار ڪريو، پر جُوئن سان نہ.

oننڍي سوراخ واري سئيءَ ۾ خيال سان ڌاڳو وجهو.

oسچ کي کهڙي ضرورت، ڪڙڪپيتي سان ريس ڪرڻ جي.

- جيڪو وڻ چانوَ ڏئي، ان جي آسپاس وارو پٽ صاف رکجي.
- استادن جي منهن تي ساراهه ڪجي، پورهيتن جي ڪم پورو ڪرڻ بعد ۽ دوستن جي پرپٺ.
- پئسو آهي ته پير آهن. جيئن انگريزيءَ ۾ آهي ته:
  - No money, no honey
- ڇوڪريءَ کي ڇگيءَ طرح سجاڻڻ لاءِ، سندس ڏاڏيءَ جو جائزو ونجي.
- اڏامندڙ پکين جون قطارون، پنيان ڪوبه نشان نٿيون ڇڏين.
- بئنڪاڪ ۾ پٿر اڇل، يا ڪنهن ڪتي کي لڳندو، يا ڪنهن بکشو ٻائي کي يا ڪنهن بادشاهي گهراڻي جي ماڻهوءَ کي.
- پنهنجي دوست جي لڇڻن جي تعريف ڪري سگهو ٿا، پر ڏارئي جي فقط ڪپڙن جي واکاڻ.
- گنجو ماڻهو ئي ڦڻي ليي ٿو.
- هڪ اک بهتر آهي، ڏهن زبانن کان،
  هڪ هٿ بهتر آهي، ڏهن اکين کان.
- سُتي جيڪو آسمان ڏي ٿڪون اڇلائي،
  ان کي واپس منهن ۾ لڳن ٿيون.

346.بيماري جبل جيان اچي، ماڪوڙيءَ جيان ڇڏي تي. چوڻي

بيماري آهستي آهستي جان ڇڏي تي. بيماري ايندي آهي دِڪ، ويندي آهي وک وک.

347.ڪندي کي ڪندو ئي ڪيي ٿو. پهاڪو

348.نانيءَ اڳيان هميشه ناناٽا ساراهجن. پهاڪو

349.بگهڙ ڪائي ته به وات ڳاڙهو، نه ڪائي ته به وات ڳاڙهو. پهاڪو

ائين به چئبو آهي: شينهن ڪائي ته به وات ڳاڙهو، نه ڪائي ته به وات ڳاڙهو.

350.سمجهه سمجهه ۾ فرق ٿئي ٿو. چوڻي

جم _ روڪ ڪاتي وارن، هڪ ڳوٺ ۾ به پوسٽر لڳايا. هڪ ۾ هڪ گدلو گهر ڏيکاريل هو، جنهن ۾ ڊزن کن ٻار ڦاٽل پراڻن ڪپڙن ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ اڳيان نينگ ٽپا ڏئي رهيا هئا. ٻئي پوسٽر ۾ هڪ صاف سٿرو گهر ڏيکاريل هو. جنهن ۾ زال مڙس پنهنجن ٻن ٻارن سان گڏ ماني کائي رهيا هئا.

ڳوٺ جون زالون جڏهن به پوسٽرن وٽان لنگهنديون هيون ته ٻئي نمبر پوسٽر تي نظر وجهندي، افسوس مان ٿڌو ساهه کڻي چونديون هيون: ”ابوهه! ويچارن کي فقط به ٻار آهن!“

351.وار ڪترڻ سان، مُڙدو هلڪو نه ٿيندو. پهاڪو

352.چار ڏينهن چاهه جا، پوءِ وني پاسا واهه جا. چوڻي

353.واٽيو ڳڙ ڪائي، لوڪان لڪي. پهاڪو

354.ڏيهه کي بڌائڻ ڏيرياڻيءَ کان لڪائڻ. ورجيس

355.اهڙي هجي ها ته ڏٺي به نه ڏکينس ها. ورجيسي جملو

356.دوستي رکڻ سولي، نباهڻ ڏکي.چوڻي

ماڻهو ته ڇا پر جانور به دوستي نباهي ڄاڻن. ڪتو ۽ گهوڙو پڻ انهن جانورن مان آهن. هڪ اهڙي وفادار گهوڙي جو مالڪ، منجهانئس خوش نه هو. ڳالهه هيءَ هئي، جو سواريءَ دوران گهوڙي تان ڪري پيو. ”ڪرڻ سان منهنجي ٽنگ ڀڃي پئي. هاڻ جهنگل ۾ منهنجي ڪير مدد ڪري.“ هن، هڪ دوست کي ٻڌايو.

”پوءِ ڇا ٿيو؟ گهوڙو اتي بينو رهيو يا توکي ڇڏي هليو ويو؟“ دوست پڇيس.

گهوڙي تي چڙ ڪائيندي چيائين: ”اهو مونکي ڇڪ سان ڇڪي ڊاڪٽر وٽ وٺي آيو.“

”پوءِ ته تنهنجو گهوڙو بيحد وفادار ۽ عقلمند چئبو.“ دوست چيس.

”ها. پر ايترو به نه. بيوقوف مونکي جانورن جي ڊاڪٽر وٽ وٺي آيو.“

357.گهاگهر ۾، ساگر سمائڻ. اصطلاح

گهگهيءَ ۾ سمنڊ وجهڻ جيتوڻيڪ ناممڪن ڳالهه آهي، پر ڪنهن وڏي رام ڪٿا کي مختصر ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي. جيئن اڙدوءَ ۾ چوڻي آهي: ڪوزي مين درياهه بند ڪرنا

358.دنيا: چئن ڏينهن جو چٽڪو، حياتي: موت جو لقمو. چوڻي

359.نه نڪر جا نولهڙا، ٽين ٽڏي. ورجيس

تمام گهڻ سامان، تمام گهڻ مونجهارو. چوڻي آهي: ميان جي مڏي: نه نڪر جا نولهڙا، ٽين ٽڏي.

360.ڪڏهن پريءَ ۾، ڪڏهن پاڪر ۾. ورجيس

ڪڏهن ڏک ۾، ڪڏهن سک ۾، چوڻي آهي: انسان، ڪڏهن پريءَ ۾، ڪڏهن پاڪر ۾.

361.جيڪي لکيو آهي، سوئي لوڙبو. چوڻي

362.زور اڳيان، زاري. چوڻي

363.ڪوٽ نهيا نه مڙس لئہِ، ڪيرائيندا نه مڙس. چوڻي

364.ڇُري گدري تي ڪري يا گدرو ڇُريءَ تي، هر صورت ۾ نقصان گدري کي. پهاڪو

ڪي هيئن به چون: ڇرو گدريءَ تي ڪري يا گدري ڇري تي، نقصان گدريءَ کي آهي.

گدري ۾ ڇري قاتل ڏسي چا تو چئي سگهجي ته ڪير ڪنهن تي ڪريو. هڪ تمام ٿلهي زال ڪٽ تي ستي پئي هئي. اوچتو زلزلو اچي ويو ۽ وجي پٽ تي ٺهڪو ڪيائين. مڙس نه پرسان ستل هئس. جنهنجي اک کلي پئي ۽ يڪدم پڇيائينس:

”بيگم زلزلو اچڻ تي تون ڪري آهين يا تنهنجي ڪرڻ سان زلزلو آيو آهي؟“

365.شينهن مري، ڍَپ نه چري. پهاڪو

شينهن گوشت کائڻ وارو جانور آهي. ڪڏهن به بکري، رڍ، سهي وانگر گاهه نه کائيندو آهي. مرندي مري ويندو آهي پر پنهنجو اعليٰ ”معيار“ قائم رکندو آهي. چوندا آهن: ”بک بچڙو تول، داناءَ ديوانا ڪري.“ يقين ڪريو ڪراچيءَ جي چڙيا گهر Zoo ۾ بکايل شينهن ۽ لومڙين کي پاروٽي ڊبل روٽيءَ جا ڳنا کائيندي ڏٺو ويو آهي

366.جهڙي پت، تهڙو ڇِٽ. پهاڪو

سني پت تي ئي سنو چٽ ناهڻ تي دل وري ٿي

367.قَرَ ڪان اڳ، جر نه ڪيجي. پهاڪو

368.اُٺ جي وات ۾ لوڻ وجهه ته به رڙي، کنڊ وجهه ته به رڙي. پهاڪو

369.ٻلي کائيندي ڪانه ساري، هنگندي ساري. پهاڪو

370.پائر ڪوٽ جا ڪنگرا، پُٽ گهر جي سونهن. پيا ڪن وروونهن، ڏجڻ ڏوران ئي ڏري. چوڻي

371.ڳل لڳٽيءَ ڪان وججي، منهن پڪٽيءَ ڪان نه وججي. چوڻي

372.ننگ جون پاڙون، دوزخ ۾. چوڻي

373.ادي چاڙهي، ابي چاڙهي، مون نه چاڙهي، ڪنهن نه چاڙهي. پهاڪو

374.بيڙيءَ تي چاڙهي ڦرهوڪيڻ. اصطلاح

ٻئي کي لالچ ڏئي، موت جي حوالي ڪرڻ

375.فقيرن پويان، ڪئين ڪتا پيا پؤنڪن. پهاڪو

376.نيم حڪيم، خطره جان.چوڻي

اڻ پورو حڪيم، جان جي لاءِ خطرو آهي. چو جو ڪيس مرض جي چڱيءَ طرح ڄاڻ نٿي ٿئي. ضروري ناهي ته رڳو نيم حڪيم مرض جي سڃاڻپ نه تو ڪري سگهي. ڪڏهن ڪڏهن وڏا وڏا حڪيم ۽ سرجن به غلطيون ڪري

سگهن ٿا.
هڏين جا ﻫ ماهر يعني آرٿوپيڊڪ سرجن، واندڪائيءَ واري وقت ۾ اسپتال جي ٻاهران ويٺا هئا ﺗﻪ پري کان هڪ همراهه منڊ ڪائيندو نظر آين.
”منهنجي خيال ۾ گوڏي جي هڏي ڀڄي پئي اٿس.“ هڪ سرجن پئي کي چيو.
ٻئي سگار جو ڊگهو ڪش هڻي، وڏي عالماڻي انداز ۾ چيو: ”نه! منهنجي خيال ۾سندس مرئي جي هڏي ڀڄي پئي آهي.“
جڏهن اهو همراهه ويجهو پهتن ته پڇيائونس: ”تنهنجي گوڏي جي هڏي ڀڄي پئي آهي يا مرئي جي؟“
”سائين منهنجا!“ همراهه سندن ڳالهه تي پهرين کليو ۽ پوءِ حقيقت کان آگاهه ڪندي چيائين: ”منهنجي ته رڳو چمپل ڇڄي پئي آهي. موچيءَ کان ڳنڍرائڻ لاءِ پيرن ۾ گهليون پيو وڃان.“
377.اهي ٻيلائي ٻيا، جن ۾ ڪائيون ڪم جون. پهاڪو
378.وڃ ڪلي آهر ڪڍندي آهي. پهاڪو
هرڪو ماڻهو پنهنجي حيثيت سارو هلي ٿو
379.ڳن پراوا ٿيا ته واليون ﺑﻪ پرايون ٿيون. پهاڪو
380.ڪني آڱر وڍي ٻلي. پهاڪو
خراب شيءِ توڙي ڪٽي پنهنجي هجي، منجهانئس جلد جان خلاصي ڪرائڻ سٺي ڳالهه آهي.
381.ڪوٺو سڪو ۽ ڪريل ٻار، ٽڪاٽي جي حوالي. پهاڪو
382.گهٽين زالين گهر نه هلي، گهٽين ڏاندين هَرُ نه هلي. پهاڪو
383.نخرو ﺑﻪ عمر سارو نهي ٿو. چوٽي
لنڊن جي ڪنهن دڪان ۾، هڪ پوڙهي انگريزياڻي دڪاندار کان رڳو پڇ پڇ ڪري رهي هئي. دڪاندار منجهانئس سخت بيزار ٿي رهيو هو، پر هيءَ نوان نوان نخرا ڪري رهي هئي. آخرڪار ڪيس لومڙيءَ جو ڪوٽ وٺيو ۽ دڪاندار سُڪَ جو ساهه کنيو. پئسا ڏيئي هاڻ هلڻ واري هئي ته وري ڪا ڳالهه ياد آيس ۽ دڪاندار کان پڇيائين: ”ڀلا هي ڪوٽ مينهن ۾ پُسي خراب ﺗﻪ نه ٿي ويندو؟“
”مئڊم!“ دڪاندار جيڪو پهرين ئي هن مان تنگ اچي چڪو هو، تنهن بيزاريءَ مان چيس: ”توهان ڪڏهن لومڙيءَ کي برسات ۾ ڇتي ڪٽي هلندي ڏٺو آهي؟“
384.ڪتا ڀؤنڪندا رهندا، فقير رمندو رهندو. چوٽي
هيئن ﺑﻪ چوٽي آهي: پاڻي بهتا ڀلا، ساڌو رمتا ڀلا. ٻي چوٽي آهي: قلندرن پويان، ڪئين ڪتا.
385.بخش بيبي ٻلي، ڪئو لُنڊو ئي ڀلو. پهاڪو
386.هاٿيءَ جا ڏند: ڪائڻ جا هڪڙا، ڏيکارڻ جا ٻيا. پهاڪو
387.جنهن کيت ڪانياڻي ڇڏي، تنهنجو ريج پاڻيءَ سان ڇا. پهاڪو
388.ڪير واري ڳئونءَ جون، لتون ﺑﻪ سهجن. پهاڪو
ڪم واري ماڻهوءَ جا نخرا ﺑﻪ سهڻا پون ٿا
389.ڪتو ڪتي کي نه سهي. پهاڪو
390. فقير فقير کي نه سهي. پهاڪو
391.جيسوءَ کي تيسو. چوٽي
ڪنهن ڏنگي ماڻهوءَ کي، اهڙوئي ڏنگو ملي وڃي ته ان لاءِ مٿيون پهاڪو استعمال ڪيو وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن حاضر-جواب لاءِ ﺑﻪ چئي سگهجي ٿو. دنيا ۾ ڪيترائي حاضر-جواب مشهور آهن. خليفو هارون رشيد ﺑﻪ انهن مان هڪ هو.

هڪ دفعي خليفي هارون رشيد ڪان ڪنهن پڇيو: ”توهان ڪڏهن ڪنهن جي ڳالهه ٻڌي دنگ رهجي ويا؟“
پاڻ وراڻيائون: ”هائو! ٽي دفعا ائين ٿيو جو آئون بہ لاجواب ٿي ويس. هڪ دفعي هڪ عورت جو پٽ مري ويو ۽ هوءَ روئڻ لڳي. مون ڪيس چيو: تون مونکي ئي پنهنجو پٽ سمجهہ! نہ روءِ. جواب ڏنائين: ”آئون اُن پٽ لاءِ چو نہ روئان جنهنجي بدلي ۾ وقت جو خليفو منهنجو پٽ ٿيو آهي“.
ٻئي دفعي مصر ۾ ڪنهن ماڻهوءَ موسىٰ ٿيڻ جي دعوىٰ ڪئي. مون ڪيس سڏائي چيو: ”موسىٰ وٽ الله جا ڏنل ڪيترائي معجزا هئا. جيڪڏهن تون موسىٰ آهين تہ ڪو ڪرشمو ڏيکار.“ جواب ڏنائين: ”موسىٰ تہ ان وقت معجزو ڏيکاريو هو، جڏهن فرعون خدائيءَ جي دعوىٰ ڪئي هئي. تون بہ اها دعوىٰ ڪر تہ آئون معجزو ڏيکاريانءِ“.
ٽئين دفعي ماڻهو گورنر جي غفلت ۽ ڪاهليءَ جي دانهن ڪٺي آيا. چيومانِ: ”اهو شخص تہ تمام گهڻو شريف ۽ ايماندار آهي“. جواب ڏنائون: ”پوءِ پنهنجي جاءِ تي هن کي ڪٺي خليفي طور وهار. جيئن سڀني کي فائدو ٿئي.

392.گپ جو ڪِلو، سڏائين ڏِلو. پهاڪو
393.گدرو گدري کي ڏسي، رنگ بدلائيندو آهي. پهاڪو
394.ڪتو، ڪڙم جو ويري. پهاڪو
395.جتي ٻينو، اتي ڇتو. ورجيس

چوڻي آهي: سراءِ جو ڪتو: جاتي ٻينو، اتي ڪتو.

396.ڪتي کي موت ڪٺي، مسيت ڏي ڀڄي. پهاڪو
397.گونگي جو اشارو، گونگو سمجهي. پهاڪو
398.ٿورا، لاهي نہ سگهجن تہ ڳائجن ضرور. چوڻي

ڪنهن جو وڙ نہ وڃائجي. ڪو مهرباني ڪري تہ ان جو ٿورائتو ضرور ٿجي. چاهي اهو مائٽ مٽ هجي يا ڏاريو. ڪي ماڻهو چاهيندا آهن تہ سندن ٿورا لاٿا تہ ڇا پر ڳاتا بہ نہ وڃن.
هڪ عرب نوجوان، ٽي سال لنڊن ۾ ڪنهن انگريز استاد وٽ انگريزي سکڻ بعد، پنهنجي وطن موٽي رهيو هو. استاد ڪان موڪلائڻ وقت، غلط سلط انگريزيءَ ۾ سندس شڪريو ادا ڪندي، چيائين: ”استاد محترم! توهان جنهن محنت ۽ ڌيان سان مونکي انگريزي پڙهائي آهي، ان جو آئون شڪر گذار آهيان. مهرباني ڪري ٻڌايو تہ توهان جا اهي ٿورا آئون ڪيئن لاهيان؟“
”تون هن طرح سان لاهي سگهين ٿو.“ استاد چيس: ”جڏهن وطن پهچين تہ مهرباني ڪري ڪنهن کي بہ اهو نہ ٻڌائجانءِ تہ توکي انگريزي مون پڙهائي آهي“.

399.ڪتو ڇا ڄاڻي، ڪٽڪ جي مانيءَ مان. پهاڪو
400.ڪوئلن جي دلاليءَ ۾: هٿ بہ ڪارا تہ منهن بہ ڪارو. پهاڪو

دنيا ۾ ڪي ڪم، واپار توڙي نوڪريون، اهڙيون ٿين ٿيون جن کان پاسو ڪجي تہ بهتر. جو جو ماڻهو انهن ۾، نہ دين جو رهي ٿو، نہ دنيا جو.

401.گهاٽي جو ڏاند ۽ ڪاسائيءَ جو ڪتو، جاتي ٻينو، تاتي ڇتو. پهاڪو
402.ڳڙ هميشہ مٺو ئي مٺو. ليمون هميشہ کٽو ئي کٽو. چوڻي
403.پرائي مال تي، ٽوپي نراڙ تي. ورجيس
404.شادي: تعدي. چوڻي

ڪي ائين بہ چوندا آهن: شاديءَ بعد، آزادي هليو وڃي. ماڻهو جڻ قيدبند ۾ ڦاسيو پوي.
هڪ همراهہ پنهنجي زال مان سخت بيزار ٿي ڪيس خون ڪرڻ وارو هو تہ وڪيل دوست روڪيندي چيس: ”متان زال کي ماريو اٿئي. ويهہ سال ٽيپ اچي ويندءِ!“ پو ۾ ارادو لاهي ڇڏيائين.

ويهن سالن گذرڻ پڄاڻان، پراڻا ڏينهن ياد ڪري ۽ موجوده وقت کي سوچي، ٿڌو ساهه کڻي چيائين: ”ڪاش! وڪيل جي ڳالهه نه مڃان ها! اڄ بنهي قيدن مان آزاد هجان ها!“

405.سڪٽيءَ کي ڄائو پٽ، چميون ڏيئي ڪڍيائينس ساهه. پهاڪو

406.سخي، سرنهن ۽ چٽو، جيئن پيلِ تيئن پلو ٿئي. چوڻي

407. مٽيون ڏيندي لوڪ کي، چري پاڻ ٿياس. چوڻي

408.صبر جو ڦل مٺو ٿئي ٿو. چوڻي

واقعي صبر جو ڦل مٺو ٿئي ٿو؟ يا بزدليءَ سببان ماڻهن ان قسم جا بهانا ناهيا آهن. پر نه! ڪجهه نه آهي. تڏهن نه شاهه لطيف چيو آهي:

”صبر جنين جو سير، تير نه گسي تن ڪان.“

409.اڄ جو ڪم، سڀان تي نه ڇڏجي. چوڻي

اڄ جو ڪم سڀان تي ڇڏڻ ۾ جيڪا راحت آهي، ان جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. ڪنهن چيو: ”اهو غلط آهي ته اڄ جو ڪم سڀان تي نه ڇڏجي. صحيح هيءُ آهي ته: اڄ جو ڪم پرهين تي ڇڏجي.“ هنديءَ واري چيو آهي:

ڪال ڪرو سو ڪرو آڄ، جو آڄ ڪرو سو ابي،
ابي نه ڪر سڪي اگر، تو ڪر نه سڪو گي ڪبي.

410.اهو سون ئي گهوريو، جو ڪن ڇني. پهاڪو

411.ڏاچي هٽي ڏهه توڏو هٽي تيرهن. پهاڪو

412.جي نه وڙهندا، سي مرندا. چوڻي

انگريزيءَ ۾ هڪ شعر آهي:

“For he who fights and run away,
may live to fight another day,
can never rise and fight again.”

413.ساڏن سان سنمڪ، پئنچن سان پورو. ورجيس

414.اٽي تي چٽي. چوڻي

سست ماڻهوءَ جو، رڳو کائڻ تي سندرو. جيئن اڙدوءَ ۾ چوڻيءَ آهي: ”نه ڪام ڪا نه ڪاج ڪا، دشمن اناج ڪا.“

415.سرديءَ سالم نه رهان، گرميءَ ٿيان مَر گداز. ورجيس

416.بني ۽ وني، مُئي مارائي نه ڇڏبي آهي. چوڻي

اسان وٽ ڌرتي ۽ عورت جو وڏو مقام آهي. سنڌي مسلمانن اڳيان ڌرتي جوءِ آهي. ڪٿي ڪٿي ماءُ به سمجهيو وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو چوڻ ۾ ايندو آهي ته: بنيون ۽ ونيون، جوءِ ۽ جُوءِ، زن ۽ زمين جن وڃائي سي غيرتمند نه آهن. اهي تاثرات اسان جون قديم روايتون آهن. مڙسن جي انهيءَ مڙسيءَ کي زنده رکڻ لاءِ اسان جي شاعرن چيو آهي:

”جوءِ ۽ جوءِ، مرد نه ڇڏين ميندرا“ شاهه
”ڪند ڪپائين، جوءِ نه ڇڏين جُوءِ.“ شيخ اياز

417.ڪير جو ڪير، پاٽيءَ جو پاٽي. پهاڪو

418.حياء لاءِ اکيون ضروري آهن. چوڻي

419.نوڙ ۾ سوئو ٽنبڻ تي به چرير ٿئي ٿي. پهاڪو

420.مروان موت: ملوڪان شڪار. پهاڪو

421.آئي ٽانڊي ڪاڻ: ٿي ويني بور چياٽي. ورجيس

422.ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي الهيار. پهاڪو

سچو پهاڪو هن ريت آهي:

ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي الهيار،
ڪٽ رهيو ڪوهيار، ڪتي تي ڪٽي هتڙا

423.آئون به رئيس، تون به رئيس: گڏهه ڪير هڪليندو؟ پهاڪو

424.بک بچڙو تول، داناءَ ديوانا ڪري. چوڻي

پنهنجي ملڪ کان لڏي، آسٽريليا آيل ٻه سک، بيروزگار ڦري رهيا هئا. اڃا ڪين ڪتي به ڪا نوڪري يا اجهو نه پئي مليو. اتي هڪ ڏينهن هڪڙي، ٻئي کي ڏنو ته فرسٽ ڪلاس مرسيڊيز ڪار ۾ پيو گهمي.

”اڙي هي ڇا! ڪالهه تائين ته تو وٽ ٽڪو به ڪيسي ۾ نه هو. هيءَ ڪار ڪٿان آنديءِ؟“ اچرج مان پڇيائينس.

”بس ڳالهه نه پڇ! ڪالهه هڪ سهٽي چوڪري ملي وئي. ڪار ۾ ويهاري هڪ باغيچي ۾ وٺي هلي. اتي پنهنجا سڀ ڪپڙا لاهي، چيائين: ”ٻڌاءِ! ڇا کپيئي ته اهو توکي ڏيان؟“

آئون سندس ان آفر تي ڪار ڪٽي آيس.

”اڙي بيوقوف ڪنهن جاءِ جا!“ ٽوڪيندي چيائينس: ”هن جڏهن توکي چيو ته جيڪي وٽئي سو گهر ته هوند سندس ڪپڙا به ڪٽي اچين ها! وڪٽي به ويلا مانيءَ جا ته ڪائون ها.“

425.اوجهه نه چڏي اوجهري، توڙي ڏوبي منجهه درياهه. پهاڪو

426.پاڙين مٿان پٽ، ڪانگن ڪيرائي. چوڻي

427.ڪنهنجا پٽر به هلڪا، ڪنهن جو گل به ڳهايو وڃي. چوڻي

428.ڪن جو روئڻ به راحت، ڪن جو کلڻ به خواري. چوڻي

429.مَرڪندا ماري، جڏا جياري. چوڻي

هيئن به آهي: رب تعاليٰ، جڏا جياري، مَرڪندا ماري.

430.ڳجهن جي پٽن سان، ڪڏهن ڪي ڍڳا مئا؟ پهاڪو

431.اڳياڙي ان جي سرهي، جنهن جي پڇاڙي سرهي. چوڻي

432.سيوهاڻي چريو، ته به پٽر گهر ڏي ڊوئي. پهاڪو

433.سمنڊ جو پاڻي کڄڻ سهنجو، انسان جو پاڻي کڄڻ اهنجو. چوڻي

434.پاڻي ولوڙڻ مان ڇا هٿ حاصل. پهاڪو

435.ٻليءَ کي خواب ۾، ڇيچڙا. پهاڪو

هر وقت رڳو پنهنجي من پسند شيءِ جو سوچڻ. هونءَ به جنهن لاءِ گهڻي چاهت هوندي آهي، ڌيان هر وقت ان ڏانهن ئي رهي ٿو.

ڪنهن نادان، مجنونءَ کان پڇيو: ”خلافت تي حق ڪنهنجو هو؟ امام حسين جو يا يزيد جو؟“

”جي دل ۾ نه ڪريو ته حق ليلا جو هو.“ مجنونءَ پنهنجي ڌن ۾ رهندي وراڻيس.

اهڙيءَ طرح سَسئيءَ کي به پنهونءَ سان سچو عشق هو. تڏهن ته اٿندي وهندي، پنهونءَ کي ياد ٿي ڪيائين. بقول شاهه لطيف جي.

”ستي جاڳائي سسئي، اچي عزرائيل،
پئي ڊوڙائي دليل: پنهونءَ ماڻهو موڪليو.“

436.سامي سدائين پاڻي ۾ پنو رهي. چوڻي

پاڻي ۾ پنو رهڻ: رضا تي راضي رهڻ

437.جيڪي الله جي توهه پيا تڳندا آهن، تن جا ٻيڙا، پاڻهي پيا ڪناري لڳندا آهن. چوڻي

438.ڇُڪ ڪري چوٽيءَ واري، نڪر پڇي نُوڙهيءَ تي. ورجيس

هڪڙي جي ڏوهه جي سزا ٻئي کي ڏني وڃي
439.ٿوري گرهين، گهٽو ڪاڄي. پهاڪو
440.اياڻو چوي، سياڻو ويچاري / ويچائي. چوڻي
441.پاڻ نه پَلي پوپري، ڏوجهان متيان ڏيوي. پهاڪو
442.پنڌ ۾ بار، سور ۾ سور. چوڻي
هڪ پنڌ ۾ ٻيو بار، تڪليف مٿان تڪليف. هنديءَ ۾ هيئن به چوڻي آهي:
ڪير ۾ ڪنڊ، نور ۾ نور،
جواني ۾ مايا، پور ۾ پور،
پنڌ ۾ بار، سور ۾ سور.
443.بيماري ايندي آ گهوڙي جيان، ويندي آ جونءِ جيان. چوڻي
مُصيبت گهوڙي وانگر تڪڙي ايندي آهي، جونءِ وانگر آهستي ويندي آهي.
444.واڻيو ۾ سيارو، ڪسر نه ڇڏين. چوڻي
445.خوشيءَ جهڙي خوراڪ ناهي، ڳڻتيءَ جهڙو ڳارو ناهي. چوڻي
بشرطيڪ صحيح معنيٰ ۾ خوشي هجي. رڳو ٻاهر جا ٺهڪ انسان جي اندر کي سکي نٿا رکيو سگهن.
هڪ فليٽ مان هر وقت ٺهڪن جا آواز آيا ٿي. هرڪو يقين سان چئي پئي سگهيو ته هيءُ ئي دنيا جا خوش قسمت زال مڙس آهن، جيڪي ڪڏهن به وڙهن نٿا. هڪ اخباري رپورٽر سندن انٽرويو وٺڻ لاءِ پهتوءِ پڇيائين: ”توهان جي هن ڪامياب ۽ ڪل خوشيءَ واري زندگيءَ جو راز ڇا آهي.؟“
”جڏهن زال جو ويلڻ مون کي لڳي ٿو ته هوءِ خوشيءَ مان ٺهڪ ڏئي ٿي.“ مڙس جواب ۾ ٻڌايس: ”جڏهن گسيو وڃي ته آئون ٺهڪ ڏيان ٿو.“
446.گهر ۾ ڏڪ هجي ته ٻُهر ٻاهر نه ڪيجي. پهاڪو
447.تار وڄڻ سان سُر سمجهي وڃڻ کپي. چوڻي
ڳالهه کي منڍ کان ئي سمجهي وڃجي
448.تر ڪان اڳ، ٻَرُ ڪانڻ. اصطلاح
نفعي کان اڳ، موڙي ڪانڻ
449.ٽاٽ جو لنگوٽو ۽ نواب سان ياري. ان ڪان وڏيڪ ٻي کهڙي خواري. چوڻي
450.نانارڪي ٻليءَ کي نڌ جي گورين جي کهڙي گهرج. پهاڪو
ناناري جي پاليل ٻلي، جيڪا سڄو ڏينهن نڪاءَ ٻڌي ٿي، ان کي هلڪي ڦلڪي گوڙ جي ڇا پرواهه؟
451.جتي ڏسي پاٽ، اتي ڳائي ساري رات. جتي ڏسي ٿالهي، اتي هٽ ڪٽي خالي. ورجيس
پاٽ: وڏو ٿالهه ڪاڌي جو وڏو سامان. ٿالهي: ٿورو ڪاڌو
452.ڪڏهن درياه ٽپيو وڃي، ڪڏهن پاٽيءَ پاٽ ۾ ٻڏيو پوي. ورجيس
انسان ويچارو ڪڏهن ته درياهه به لتاڙيو وڃي، ڪڏهن ڪنارن تي به ٻڏيو وڃي
453.پڙهي پارسي وڪڻي تيل، ڏسو قدرت جو کيل. پهاڪو
454.شينهن جي ڏاڙهي، کهڙو حجام ڪوڙيندو. پهاڪو
455.ڇُهڙن جون وڻيون، ڇهڙا ڪٽندا. چوڻي
456.جيڪو ڏاڍو، سو ڳابو. چوڻي
457.ڏاڍي جي لٺ کي: ٻه مٿا. پهاڪو
458.سڱٽي هجي ساڻ: ڳڏهه گوهي نه ڪري. پهاڪو

459.نئين ڪنوار نو ڏينهن، چڪي تاٽي تيرهن ڏينهن، نہ مڃي تہ بہ هفتا، ماري ڪٽي مهينو. چوڻي
460.چور کي چوي چوري ڪر، ساڌ کي چتاءُ: اڃئي پيو. ورجيس
461.اندن اڳيان روئڻ، اکين جو زيان. پهاڪو
462.ٻٽي تہ ٻٽي، نہ تہ دال ماني گهٽي. چوڻي
463.ڦاٽي تہ ڦٽڪڻ کهڙو. چوڻي
464.جُڙيءَ کي جس. چوڻي
465.ڪتي ڪوريجن جي، رهي راهوجين، ٻهي باهوجين، ٽڪر ڪائي ڪوسن جا. پهاڪو
466.اَٺَ آنا اُٺ جا، ٻارهن آنا ڪٽاٽي، ڪري پئي کوهہ ۾ تہ ڏيڊ رپيو چڪاٽي. پهاڪو
467.ڪسيري جي ڪتي، ٽڪي جا ڪائي نان. پهاڪو
ڪڏهن ڪڏهن ڪا شيءِ ظاهري طرح سستي لڳندي آهي پر ان تي خرچ پڪو وڏو اچي ويندو آهي. ڪسيرو ٽڪيءِ پئسي کان بہ گهٽ قيمت وارو سڪو آهي.
هڪ همراهہ ڦٽيل حالت ۾ ڪنجهندو ڊاڪٽر وٽ پهتو ۽ چيائينس: ”ڊاڪٽر صاحب! منهنجن زخمن جي پٽي ڪر ۽ ڪا سٺي دوا ڏي! آئون زخمي ٿي پيو آهيان.“
ڊاڪٽر چيس: ”فڪر نہ ڪر! هينئر ئي علاج ٿو ڪريانءِ.“
”ڊاڪٽر صاحب!“ همراهہ پڇيس: ”خرچ ڪيترو ايندو؟“
”ويهہ رپيا پٽيءَ جا ۽ ٽيهن رپين جي دوا ٿيندي!“ ڊاڪٽرجوڙ هٽندي ٻڌايس: ”فقط پنجاهہ رپيا خرچ ايندو.“
”اها ڳالهہ آهي تہ پوءِ علاج جي ضرورت ناهي. آئون ائين صحيح ٿي ويندس.“ همراهہ جواز پيش ڪندي چيس:
”اهو سودو ويتر مهنگو پوندو.“
”سودو ۽ مهنگو!.......ڇا مطلب؟“ ڊاڪٽر تعجب مان پڇيس.
”ان ڪري جو زخمي ڪرڻ کان اڳ، منهنجي زال مون کان ويهہ رپيا گهري رهي هئي.........“ هن ٻڌايو.
468.پير ميرو، تہ بہ پنج سيرو. چوڻي
469.قيد جو قيدي ڇٽي وڃي، قرب جو قيدي نہ ڇٽي. چوڻي
470.عمر جي جاڻ هجي تہ ڏند جو پٽي ڏسجن. پهاڪو
ائين بہ چئبو آهي: جنهن جي جر جو وقف هججي، تنهن جا ڏند ڇا پٽي ڏسجن.
471.تيل سهانگو هجي ها تہ گدڙ بہ چوٽيون مکين ها. پهاڪو
تيل سهانگو هو تہ هوند گدڙن بہ ڳل مکيا. انگريزيءَ ۾ چوندا آهن:

- If Wishes were horses beggers would rise.

472.جنهن ڏٽيءَ تي پاڙي، تنهن سوير چاڙهي. چوڻي
سنگاپور ۾ شنڪر امپوريم جو مالڪ هرڪشن پوجواڻي، مون کي سڀ کان گهڻا پهاڪا ٻڌائيندو هو. مٿيون پهاڪو سندس دلپسند پهاڪو هو، جيڪو هر وقت سندس زبان تي رهيو ٿي
473.پڳي سان ئي پير، جيسين رتو راس ٿئي. پهاڪو
جيسين سڄو ملئي، تيسين پڳل سڳل مان ئي پورت ڪر. هيئن بہ چئبو آهي: پڳي سان ئي پير، جيسين رِتو راس ٿئي. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي: پراڻا بوٽ تيسين نہ اڇلاءِ، جيسين نوان ملني.
474.انڌو هاٿي، لشڪر جو زيان. پهاڪو
475.ٻجڙو ڪتو، ڏٽي پُٽائي. پهاڪو
476.ٻُڌيءَ تي اعتبار نہ ڪجي، ڏٺيءَ تہ اڌ اعتبار ڪجي. چوڻي
شڪ يا بدگماني ڪرڻ، اخلاقي توڙي مذهبي خيال کان خراب شيءِ آهي. انسان کي ٻين جا عيب ڏِکڻ ڪپن ۽ بنا ڏٺي ۽ بنا پڪ ڪرڻ جي، ڪنهن لاءِ بہ غلط راءِ قائم نہ ڪرڻ ڪپي.

حضرت حسن بصري رحہ هڪ ڏينهن دجلہ نديءَ جو ڪنارو ڏئي وڃي رهيو هو تہ هڪ حبشي مرد کي ڏٺائين، جنهن جي پر ۾ هڪ عورت ليٽي پئي هئي. هو بوتل مان پاڻ بہ پي رهيو هو تہ ان عورت کي بہ پياري رهيو هو. حضرت حسن بصري رحہ جي دل ۾ خيال آيو: "هن ماڻهوءَ کان تہ آئون سٺو آهيان، جو ائين نٿو ڪريان. هيءُ هڪ حبشي، ٻيو عورت سان گڏ شراب پي رهيو آهي."

انهن ئي خيالن ۾ هو تہ سامان سان ڀريل هڪ ٻيڙي هن جي اڳيان، درياهہ ۾ چڪر کائي ٻڏي وئي. ان ۾ ڏهہ ماڻهو سوار هئا ۽ ڏهن جا ڏهہ ئي غوطا کائڻ لڳا. انهي حبشيءَ اهو منظر ڏٺو تہ يڪدم اتي ٻينو ۽ درياهہ ۾ ٽپ ڏيئي، هڪ ٻئي پويان نو ماڻهو بچائي ورتائين. "مهرباني ڪري باقي هڪڙي کي تہ تون بچائي ڏيکار!" حضرت حسن بصري کي مخاطب ٿي چيائين: "اي مسلمانن جا امام! شڪ ڪرڻ سٺي ڳالهہ ناهي. هيءَ عورت منهنجي ماءُ آهي ۽ هن بوتل ۾ پاڻي آهي."

حضرت حسن بصري، حبشيءَ جي قدمن تي ڪِري پيو ۽ کانئس معافي ورتائين.

477.پاڙي ۾ مسواڙ جو، قانون ڪونہ ٿئي. چوڻي

478.پير پلو، ڪن ويساهہ پلو. چوڻي

پير کي، ماڻهن ماڻهن منجهہ وينل اعتماد ڪٽي ٿو.

479.ڏر تي، گدڙ بہ شينهن. چوڻي

480.ڦِٽڻ بجو ڪجِ، پر گيهہ ڏرو ڏجِ. ورجيس

481.ڦاڙهو جتي ڪائي، اتي اوجهہ ڏئي. چوڻي

482.توڙي وڃي روم، تہ بہ ڊوڊي مٿان ٽوم. چوڻي

483.قاضي ڄاڻي، قيام ڄاڻي. چوڻي

484.سچ لٽي ڪان پوءِ، دير ڪانهي، ڦُرئي ڪان پوءِ، پؤ/اوير ڪانهي. چوڻي

485.ڪِوليءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ، قدرت وارو پهچائي ٿو. چوڻي

ڪِولي: ماڪوڙي، تمام ٿورو کائي ٿي ۽ هاٿي تمام گهڻو. ٿورو يا گهڻو، هر هڪ کي رب پاڪ رزق پهچائي ٿو. هڪ دفعي حضرت عيسىٰ عليہ السلام هڪ ماڪوڙيءَ کان پڇيو: "تون سڄي سال ۾ ڪيترو کائين ٿي؟" ماڪوڙيءَ عرض ڪيو: "اي پيغمبر خدا جا! آئون سال ۾ فقط بہ ڪٽا کاوان ٿي."

"فقط بہ ڪٽا......!" حضرت عيسىٰ عليہ السلام حيرت مان چيو ۽ کيس جهلي هڪ شيشيءَ ۾ بند ڪيائين. ساڻس گڏ بہ ڪٽا اناج جا بہ رکي ڇڏيائين. سال گذرڻ بعد، شيشيءَ کي کولي ڏٺائين تہ ڏاڍي حيرت لڳس. ماڪوڙيءَ ٻن بدران فقط هڪ داڻو کاڌو هو. سندس پڇڻ تي، ماڪوڙيءَ بيان ڪيو:

"اي پيغمبر خدا جا! پهرين آئون خدا تي ايمان رکي، سندس ذات تي ڀروسو ڪندي، سال ۾ بہ داڻا کائيندي هيس. هاڻ جيئن تہ آئون هڪ انسان جي هٿ وس آهيان، سو ڪهڙي خبر تہ مونکي سال کان پوءِ ڇڏي يا ٻن سالن بعد. انڪري مون هڪ داڻو ٻئي سال لاءِ رکي ڇڏيو."

حضرت عيسىٰ عليہ اسلام ماڪوڙيءَ جي ڳالهہ ٻڌي الله جي دربار مان دعا گهري: "منهنجا مولا! ڏينهن قيامت تائين انسان کي رزق تون ئي پهچائجانءِ. جيڪڏهن هيءَ ذميواري تو ڪنهن انسان کي ڏني تہ ماڻهو بک مري ويندا."

486.ڪٽيو ڪائي فقير، ڏک جهلي پولي. پهاڪو

ڪرتب ڏيکارڻ لاءِ مار پولڙيءَ کي ملي ٿي. تماشبين جيڪي پئسا ڏين ٿا سي فقير ڪٽي ٿو.

487.مُنهن بہ پنهنجو، موچڙو بہ پنهنجو. ورجيس

488.پرائي آس: ڪني جي لاس. چوڻي

489.جيسين ڊائو مٿو ڪنهي، تيسين بڪئي جو وڃي سِرُ. چوڻي

ائين به چئبو آهي: جيسين سکيو ڪٽي ساهه، تيسين بڪئي جو وجي ارواح. يا جيسين ڊائو پيٽ ڪنهي، تيسين بڪر بک مري.

490.ترِ جي ڳتي، سؤ چوٽون ڪائي. پهاڪو

معمولي غلطي به، ڪڏهن وڏي تڪليف ۾ وجهيو ڇڏي. پير جي ترڪڻ کان زبان جو ترڪڻ هيٺي مصيبت آٽي تو. ائين به چوندا آهن: اول سوچجي، پوءِ ڳالهائجي.

”توهان جيڪي به ڪائو، سو ڏيان سان ڪائو.“ زبان، ڏندن سان شڪايت ڪندي چيو: ”ائين نه ٿئي جو مرچ توهان چباڙيو تڪليف مون کي ڪٽڻي پوي“.

”مائي! تون به خدا جي واسطي! هر ڪنهن سان سٺي نموني ڳالهائيندي ڪر.“ ڏندن، توڪيندي وراڻيس: ”ائين نه ٿئي جو غلطي تون ڪرين ۽ سزا اسان کي ڀوڳڻي پوي. ڪنهنجي نونشي لڳڻ سان، ڀٽيهي ئي ٻاهر هجي.“

491.نونٽ لڳي، ساهيڙپ ڀڳي. پهاڪو

492.جڳ مڙيوئي جوا بازي، ڪن ڪٽي ڪن هارائي. چوڻي

493.سَنُ ڳولي، سَن کي. چوڻي

جيسي، جيسيءَ کي ڳولهي. هر هڪ پنهنجي هم عمر کي ڳولي، ياري دوستي رکي تو. جيئن انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي ته:

- Birds of same feather, fly together.

494.نياڳي مگڻهار کي، گهور مهل تورو لڳي. پهاڪو

495.جت ۽ ڦت، ٻڌو پلو. چوڻي

496.پڇٽا: نه منجهٽا. چوڻي

پڇڻ وارو، ڪڏهن به نٿو ٿلجي. پوءِ چاهي رستي ۽ راهه جي ڳالهه هجي يا علم ادب جي. سياڻن جو چوڻ آهي: ٻار ۾ ننڍي هوندي کان پڇڻ جي عادت وجهجي ته جيئن سندس ڄاڻ يا نالیج / معلومات وڌي. معلومات به تڏهن وڌندي جڏهن ڪيس صحيح جواب ملندو. ان جي برعڪس، ماءُ پيءُ يا استاد پاڻ ئي ڏڏ هوندو ته ٻئي کي ڇا نالیج مهيا ڪندو؟

هڪ ٻار پنهنجي پيءُ کان پڇيو: ”بابا! مينهن ڪيئن تو پوي؟“

”پٽ! مون کي خبر ناهي.“

”يلا بابا! راڪيٽ چنڊ تي ڪيئن تو پهچي؟“

”پٽ! مون کي خبر ناهي.“

”يلا بابا........ چگو ٿهيو........ ڪونه تو پڇان.“

”پُڇُ. پٽ! پڇ!. نه پڇندين ته نالیج ڪيئن وڌندئي.“

497.سينڊ ۾ مارئي ڳائڻ. اصطلاح

ڊڪيل لڪيل لفظن ۾ ڪنهن ڳالهه جو اظهار ڪرڻ

498.سيڪا ٻکري، پنهنجي پائي ٽنگبي. پهاڪو

499.ٻانهي ٿي ڪمائجي، بيبي ٿي ڪائجي. چوڻي

موچي ٿي ڪمائجي، بادشاهه ٿي ڪائجي. جيئن انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي:

- Serve like a slave, Live like a lord.

500.ٻڌي بيڙيءَ جون، هريڙون به پليون. پهاڪو

اٿهوند کان وري به ڪجهه هئڻ ڀلو. جيئن اڙدو ۾ چوڻي آهي: ڀاڳتي چور کي، لنگوٽ هي سهي.

501.ننڊ، موت جي ڀيڻ. چوڻي

ننڊ موت جي ڀيڻ آهي يا ڀاڄائي پر ننڊ اندر، انسان مئن برابر ٿيو وجي.

سخت سرديءَ جي موسم هئي. ماڻهو گهرن ۾ آرام سان ستا پيا هئا. هڪ بادشاهه ڪنهن ضروري ڪم سان ٻاهر نڪتو. هڪ فقير تنور/ڪوري آڏو ستل نظر آيس. ههڙي سيءَ ۾ فقير کي ائين ٻاهر سمهندو ڏسي، بادشاهه کي تعجب لڳو. ڪم جي مصروفيت ۾ ڪانئس، فقير جي ٻاهر سمهڻ واري ڳالهه وسري وئي. صبح ٿيو ته ڪيس فقير جي ڳالهه ياد آئي. نوڪر موڪلي، ڪيس گهرايائين. فقير، حاضر ٿيو ته پڇيائينس:

”رات سيءَ ۾ توکي تنور پرسان ستل ڏٺم. ٻڌاءِ ته ههڙي سيءَ ۾ تو رات ڪيئن گذاري؟“

”بادشاهه سلامت!“ فقير ٻنا ڊپ ڊاءِ جي جواب ڏنس: ”اڌ رات تو وانگر گذاريم ۽ اڌ رات توکان بهتر.“

554. نچڻ بيني تہ گهونگهٽ ڪهڙو. پهاڪو37
555. نخرو بہ عمر سارو نهي ٿو. چوڻي383
556. نقل لاءِ بہ عقل ڪپي. چوڻي505
557. نڪي پاراتن ۾، نڪي منجهہ دعا. چوڻي108
558. نَرُ، ٽيئي ڪم. چوڻي595
559. نندہ موت جي پيڻ. چوڻي501
560. نندِيا ڪوئاہ وڏن جا ڪن ٽا ڪترين. پهاڪو511
561. ننگ ۾ وڙ، چني نہ چنجن. چوڻي273
562. ننگ جون پاڙون، دوزخ ۾. چوڻي372
563. نہ پاروٿو بچي، نہ ڪتو ئي در تي اچي. پهاڪو345
564. نہ خراب گهٽيءَ ۾ وڃجي، نہ ئي ڪتو ڪائي. پهاڪو334
565. نہ دشمن ڪي پوءِ، نہ سڄڻ ڪي آسرو. ورجيس249
566. نہ ڪَتي، نہ ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍي. ورجيس170
567. نہ ڪنهن جي ڪتي ڪي هٿ لائجي، نہ پنهنجو پَٽُ پٽائجي. پهاڪو29
568. نُهن سان ڇڄي تہ ڪاتي نہ وجهجي. پهاڪو105
569. نود ۾ سوئو ٽنبڻ تي بہ چرپر ٿئي ٿي. پهاڪو419
570. نوريئڙي جي دعوت: بہ بير. پهاڪو181

571. نوڪرن اڳيان چاڪر،چاڪرن اڳيان چُوڪر، چوڪرن اڳيان چي: ”چل ڪشتہ ء زن.“ پھاڪو513
572. نون ميھارن مينھون ڏاريون، ڪتا لاھي، دونھيون ٻاريون. پھاڪو45
573. نيچ نوڪري، اتم کيتي، وڻندڙ واپار. چوڻي114
574. نير جو ٽِڪو لھي وڃي، ڳلا جو ٽِڪو نہ لھي. چوڻي292
575. نيم حڪيم، خطره جان.چوڻي376
576. نئن بہ تکي، ڳُڙ بہ منو. پھاڪو121
577. نئين ڪنوار نو ڏينھن، چڪي ٽاٽي تيرھن ڏينھن، نہ مجي تہ بہ ھفتا، ماري ڪٽي مھينو. چوڻي459
578. ھاٿي ڏٻرو، تڏھن بہ سوا لک جو. پھاڪو520
579. ھاٿيءَ جا ڏند: کائڻ جا ھڪڙا، ڏيکارڻ جا ٻيا. پھاڪو386
580. ھاٿيءَ جو بار ڪٽندو ھاٿي، نہ گڏھ، نہ گڏھ جو ساٿي. پھاڪو226
581. ھارئي ڪان، پيتو پلو. پھاڪو147
582. ھٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڪاتي. ورجيس61
583. ھٿ سان ھاجون ڪري، پيرن سان ڪڏون ڪٽي. ورجيس267
584. ھٿ ڪنگڻ کي آرسي کھڙي؟ پھاڪو201
585. ھٿ کان ٻاھر، واٽيو ٽڪو بہ نہ لھي. پھاڪو613
586. ھٿيءَ مان ھٿ يا ھٿي ئي ڇٽ. ورجيس560
587. ھجتي: لعنتي. چوڻي326
588. ھرٽي اڳي نچٽي، ويتر پيس گھنڊٽي. پھاڪو290
589. ھڙ سڪٽي، لوڏ گھٽي. ورجيس260
590. ھڪ ٽنگئي جي ملڪ ۾ وڃجي، ٻي ٽنگ ورائي ڪلھي تي رکجي. پھاڪو51
591. ھڪ ڏينھن عيد، ٻئي ڏينھن غيد، ٽئين ڏينھن، ساڳي ماني ساڳ سان. چوڻي314
592. ھڪ رعايت قاضيءَ جي: سؤ شھادتون. چوڻي228
593. ھڪ شينھن جو شڪار، سؤ لومڙيون ٽيون ڪائين. پھاڪو229
594. ھڪ وٽي نہ، ٻيو جتيءَ سوڏو جھول ۾. ورجيس195
595. ھڪ ويني ھئي رني، ٻيو پيڪان آيس چني. ورجيس203
596. ھگ سھانگي تہ بہ ڪا ٻاٿ ۾ گھوربي. پھاڪو261
597. ھنجن سان حرص ڪري، اڏاٽي چڙي، چٽو ھوس ڇھنب ۾، سو بہ پيس ڪري. پھاڪو197
598. ھنڌ ڏسي، ھاسي ڪجي. چوڻي266
599. ھنر واري جو ھنر ڪپي، ٻي ھنر جي جِند. چوڻي198
600. ھو سوڙ پاند نہ ڏين، ھيءَ وڃ ۾ سمھندي. ورجيس257
601. ھوند تي ھونگر آ. پھاڪو597
602. ھيريءَ سندي ھير، ٽنگ پڳي نہ لھي. پھاڪو232
603. ھيسيل ٻلي، ڪوئن ڪان ڪن ڪترائي.پھاڪو531
604. وات اڌ حڪيم آھي. پھاڪو/چوڻي295
605. واتئون خرار ڪاڇن، نڪئون ڪٺو بہ نہ ڪاڇي. پھاڪو93
606. وار ڪترڻ سان، مُڙدو ھلڪو نہ ٿيندو. پھاڪو351
607. واڱڻ چيو بصر کي: ادا ڪُني ۾ ملنداسين.89
608. واڱڻ ڪِن کي وائي، ڪن کي بادي. پھاڪو34
609. واٽيو ۽ سيارو، ڪسر نہ ڇڏين. چوڻي444
610. واٽيو ڳُڙ کائي، لوڪان لڪي. پھاڪو353
611. واٽئي جي ڪاھ، پٽڪي تي. چوڻي71

612. ونو تہ ٽر، نہ تہ بر. چوٽي611
613. وَڇ ڪير ڏئي تہ مينهن چو ڏارجي. پهاڪو242
614. وڇ ڪلي آهر ڪڏندي آهي. پهاڪو378
615. وڏو ٿئي جڏو تہ ننڍن تي ڪهڙي ميار. چوٽي79
616. وڙهن سپاهي، نالو صوبيدار جو. پهاڪو619
617. وڙهن گهوٽ ڪنوار، مار پوي وڪيلن تي. پهاڪو225
618. وسي تہ بہ ڏٻري گسي، نہ وسي تہ بہ ڏٻري گسي. پهاڪو175
619. وعدو ڪجي تہ پاڙجي. چوٽي504
620. وفاداري، وڙ ڪتي جو. چوٽي220
621. ونڊ ورهاءِ، ايمان پاءِ. چوٽي149
622. ونڊي ورهائي کاءُ، سک پاءِ. چوٽي627
623. وٽجن ٻير، ڪائجن ڊاکون، تن گهرن جون، ڪهڙيون ساکون. پهاڪو247
624. وهندي، پير ٻوڙ بہ چڱي. ٻيٺي، تارِ بہ خراب. پهاڪو289
625. وَهو ڍڳي تي مارَ. پهاڪو616
626. وينيون نہ مڱجن ۽ مڱيون نہ پرڻجن تہ جڳ ڪيئن هلندو. چوٽي259
627. ويري هڪڙو بہ گهڻو، سڄڻ سؤ بہ ٿورا. چوٽي57
628. ويلو نہ وقت، ليلان چڙهي تخت. پهاڪو276
629. ويهي ويهي مڙس ڪري، سا وَهي چو وڃائي. چوٽي25
630. ويئي سڱن ڪاڻ، ڪن بہ ڪپائي آئي. ورجيس297
631. ياد جنين کي يار، سي ياد هميشہ يار کي. چوٽي291

# هر فن مولا _ الطاف

(رني آهي گهوٽ سان، ڪتاب تان ڪنيل)

الطاف شيخ جي ڇپيل ڪتابن جو تعداد هاٿي خيرن سان پنجاهه جي ويجهو اچي پهتو آهي. ڪنهن به ٻوليءَ جي ليکڪ لاءِ ان کان وڌيڪ خوشيءَ ۽ فخر جي ٻي ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي ته هو ايترين سارين تصنيفن جو مالڪ هجي ۽ پڙهندڙ سندس هر نئين تصنيف ڪي هٿو هٿ کڻي وڃن. نه رڳو ايترو بلڪ انهن ڪتابن جا ڇاپا مستقل طور پيهر مارڪيٽ ۾ ايندا رهن. منهنجي خيال ۾ ڪوبه ناميارو ليکڪ ان کان وڌي ڪنهن به اعزاز جي تمنا ڪري ئي نٿو سگهي. نوجوانن کان وٺي ٻڍن تائين، شاگردن کان وٺندي ڏنتوڙين ۽ واپارين تائين، الطاف جو نالو ئي بهترين تفريح، ڄاڻ ۽ تربيت جي ضمانت آهي. سندس سادين سودين لکڻين جو جادو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهليل آهي. سندس هر نئين تجربي جو انتظار نه صرف پڙهندڙن کي رهي ٿو، بلڪ پبلشر به ڏينهن ڳڻيندي گذاريندا آهن.

ايتري ساري مقبوليت، ساراهه ۽ عقيدت جي باوجود، الطاف اڄ به اهوئي ساڳيو سادو، شريف، گهٽ-ڳالهائو، شرميلو ۽ ابوجهه انسان آهي، جيڪو ٻه ڏهائيون اڳ هو. هن ڪڏهن به پنهنجي مقبوليت کي ڪاميابي جي ڏاڪڻ طور استعمال نه ڪيو آهي. وڏي واڪ پنهنجي ادبي حيثيت جي دعويٰ نه ڪئي آهي. انعام اڪرام توڙي اعزاز جي تمنا نه ڪئي آهي. سيلاني آهي. پنهنجا مشاهدا ڪاغذ تي اتاريندو، ٻئي سفر تي روانو ٿيو وڃي. پنتي موٽي نهارڻ سکيو ئي ناهي. اسان جي ادب ۾، جتي پنهنجي منهن ميان منو ٿيڻ جو رواج تمام سينيئر ليکڪن وٽ آهي، اتي الطاف جي حيثيت ۽ قدوقامت هڪ راڪاس جيڏي ضرور آهي، پر سندس عجز ۽ انڪساريءَ کيس پاڻ کان ڏهين پتي گهٽ لکندڙن آڏو به حجاب ۽ احترام وچان ڪنڌ جهڪائي جهيڻي آواز ۾ مختصر جملا ڳالهائڻ ئي سيکاريو آهي. ادبي تڪبر، پاڻ پڏائڻ ۽ صدارتي ڪرسيون تاڙڻ هن جي فطرت ۾ شامل ناهي. تقرير ڪرڻ هن جي وس جي ڳالهه ناهي. اڪيلو ڪنهن به تقريب ۾ ويندي شرمائيندو آهي. جاهل جي ٻتاڪن تي دل ئي دل ۾ ڪلندو ضرور هوندو، پر ٻڌندس ايڏي غور سان جو لڳندو ته ڪائنس به ڪجهه پرائي رهيو آهي. انهن سيني خوبين جي پياري مالڪ، نهايت ئي خاموشيءَ سان سنڌي ادب کي اهو ڪجهه ڏنو آهي، جو جيڪڏهن ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ لکيو وڃي ها ته الطاف جيڪر ڪيترن ئي، سرڪاري توڙي غير سرڪاري، اعزازن جو مالڪ هجي ها. ڪانه ڪا يونيورسٽي سندس خدمتن جي عيوض، کيس ڊاڪٽريٽ جي ڊگري عطا ڪري چڪي هجي ها ۽ حڪومت کيس سندس صلاحيتن، قابليت توڙي تجربي جي آڌار تي مناسب منصب تي فائز ڪري چڪي هجي ها. ڪائنس گهٽ محنتي، گهٽ قابل ۽ گهٽ لڳن وارا ليکڪ Promotion _ Self ۽ پي آر جي آڌار تي يا ته اعليٰ عهدن تي پهتل آهن، يا وري ڪنهن نه ڪنهن بهاني پلاٽ، پرمٽ ۽ پيمينٽ وٺيو پنهنجي مالي توڙي ادبي شهنشاهيت قائم رکيو وينا آهن. اهڙي ماحول ۾، ايتري نا قدريءَ جي باوجود، مون الطاف کي ڪڏهن به شڪايت ڪندي نه ٻڌو آهي ۽ نه وري ڪڏهن سندس پيشانيءَ تي ڪو گهنج ئي ڏٺو اٿم. هُو ڪم ۽ چاهيندڙن جي محبت کان ايترو ته مطمئن آهي جو، صلي جي پرواهه ڪئي بغير، ماٺ ميٺ ۾ ڪتابن مٿان ڪتاب گهڙيندو ٿو وڃي. اڃا جوان آهي؛ اها رفتار رهيس ته ايندڙ چند سالن ۾ سَوَ کي ڏڪ هڻندو. خدا ڪري ائين ٿئي؛ ۽ جي ائين ئي ٿيو ته پوءِ اهو ڪارنامو جديد سنڌي ادب ۾ سنگ ميل جي حيثيت حاصل ڪري وٺندو، جنهن تائين پڄڻ لاءِ ڪنهن ٻئي الطاف جي ضرورت پوندي.

هيءُ ڪتاب سفرنامن کان ٿورو هٽي، محاورن، چوڻين ۽ پهاڪن تي ٻڌل ضرور آهي، پر ليکڪ پنهنجي سمونڊ، ساحل ۽ سڙهه واري خلش کان آجو ٿي نه سگهيو آهي. پرڏيهه جي خوشبوءِ هر سٽ ۽ هر صفحي تي موجود آهي. سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون به اهي گڏ ڪيا اٿس، جيڪي ٻيوطن سنڌين کان، ڏيساور ۾ ٻڌا اٿس. مَلئي، چيني ۽ جپاني محاورا پڻ، اهي جيڪي اسان جي قومي مزاج سان نهڪي ٿا اچن. چڏي ڪوڏي به نٿو. جيڪي مليس ٿو سو ميڙي چوندي امانت سمجهي، نهايت ئي ايمانداريءَ سان اچي ٿو ديس واسين جي جهول ۾ وجهي. ڪهاڻيون هجن، چرچا يوڳ هجن، توڙي انگ اکر هجن، جيڪي جتان مليس ٿو، وجي ٿو گڏ ڪندو. ٻيو ته نهيو، پر شاگردن جي لاءِ ولايتي

ڪاليجن، يونيورسٽين ۾ بين تعليمي ادارن جي واقفيت، انهن ۾ داخلا وٺڻ جا طريقا ۽ ڪورس جا تفصيل پڻ جمع ڪري، ڪتي نه ڪتي سوڙهه سنگهوڙ ۾ جڳهه بنائي، ڇپائي ڇڏيا اٿس ته جيئن اڻ سُونهن کي ٿوري گهٽي واٽ نظر اچي. ترجما ڪيا اٿس ته جيئن پنهنجي ۽ ٻاهرئين ادب جي رفتار ۽ معيار کي پيٽي سگهجي. انهن مڙني خوبين کيس نه رڳو ماڻهن ۾ محبوب بنايو آهي، پر ڳڌو ڳڌ محنت، جاکوڙ ۽ جدوجهد جي علامت پڻ بنجي پيو آهي. ڪوبه نئون ليکڪ، سندس ڪوشش ۽ ڪاوش مان سبق حاصل ڪري سگهي ٿو. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪوبه جهونو اديب جڏهن قلم وهائي ٿڪجي پوي، ته الطاف جي پورهئي ڏانهن نهاري، منجهانئس اتساهه حاصل ڪري سگهي ٿو.

چوٽيون ۽ پهاڪا، هر قوم جي تواريخ، ثقافت ۽ روايتن جو عڪس هوندا آهن. منجهانئن ماضيءَ جو اولڙو پوندو آهي ۽ مستقبل جو تصور اپرندو آهي. هر چوٽيءَ پويان ڪانه ڪا ڪهاڻي پوشيده هوندي آهي ۽ هر محاورو تواريخ جي ڪنهن نه ڪنهن واقعي جي علامت هوندو آهي. اظهار جا اهي ذريعا عوامي سوچ، مزاج، ذهني لاڙن، نفسياتي جهڪاءَ ۽ تواريخي پس منظر جا مظهر هوندا آهن. نه راتو رات جڙيا آهن ۽ نه شاهي ايوانن ۾ نپيا آهن. عام ماڻهوءَ جي سوچ جو نچوڙ آهن. ان ڪري صدين کان زنده آهن ۽ ٻوليءَ جي زنده رهڻ تائين حياتي ماڻيندا.

تحقيقي ذهن رکندڙ عالمن کي گهرجي ته اهڙن علمي گوهرن جا پڻ ٻٽياد ڳولڻ لاءِ ميدان ۾ اچن. ائين ڪرڻ سان وڃايل تواريخي ڪڙيون ملنديون، نفسياتي اوٽاين تان پردو ڪڄندو ۽ آئيندي قومي ذهني صحت سڌارڻ ۾ مدد ملندي.

اها حقيقت آهي ته هن صنف تي ڪجهه ڪتاب اڳ ۾ ڇپيا آهن، پر عوامي ذخيرو ايڏو ته گهڻو ۽ وسيع آهي جو باقاعدي، منظم طريقي سان ريسرچ ڪرڻ کان سواءِ مڪمل تسلي ٿيڻ ممڪن ناهي. ان ڪم ۾ مشڪلاتون به گهڻيون آهن. مختلف علائقن ۾ ساڳئي پهاڪي کي مختلف انداز ۾ ادا ڪيو ويندو آهي. قومن، ذاتين، قبيلن ۽ ماڳن وغيره متعلق پهاڪا پڻ متضاد عصبي لاڙا رکن ٿا. ان کان سواءِ تمام وڏو ذخيرو پهاڪن ۽ چوٽين جو، ورهاڱي وقت هندستان ڏانهن لڏي ويل هندو پاڻ سان ڳڏ ڪنيو ويا. اُن جي اهميت ان ڪري پڻ محسوس ٿئي ٿي جو سماج، مذهب ۽ ثقافت جي اها ايڪائي هڪ خاص ۽ جدا ذهني لاڙي جي مالڪ هئي، جنهنجي اظهار جو ذريعو پڻ ڪجهه قدر مختلف نوعيت جو هُئو. سندن سوچ شهري، پيشو نوڪري يا وڻج واپار، سماج گهٽي پاڳي آزاد، تعليم سرس ۽ سياسي سجاڳي سَجيهه هئي. انڪري اهي سپ شيون سندن گفتگو توڙي Expression مان مختلف انداز سان جهلڪنديون هيون. الطاف سڄي دنيا گهمي ڏٺي آهي ۽ گهٽيئي گهمرا گهمي ڏٺي آهي. ڪيس اڪيچار موقعا مليا آهن ته هُو اهڙن سنڌي خاندانن سان گهلي ملي ڳالهائي، جيڪي ورهاڱي کان اڳ يا پوءِ، سنڌ ڇڏي وڃي پرڏيهه ۾ آباد ٿيا. ڪانئن ٻوليءَ جي اها چاشني چکي، جيڪا هاڻي شايد نه سنڌ ۾ رهي آهي ۽ نه وري هند ۾. اهو ڪم ڏکيو آهي ۽ الطاف جي مزاج مطابق پڻ ناهي. پر هن هڪ انوکي انداز ۾ شروعات ڪئي آهي. بنا عالماڻي معتبرائيءَ جي، هن درويش جيڪي ۽ جيئن ٻڌو آهي، سو لکي وڃي پار پيو آهي. باقي ڪم ان ميدان جي ڪهنه مشق کيڏاڙين مٿان ڇڏيو اٿس ته هُو ڪينءَ ٿا ويهي اڳيون پويون ٻوٽيون پٽي، لفظن ۽ جملن کي پاڻ ۾ پيٽي، هڪ جامع، معياري ۽ مڪمل ڪتاب عام کي آڇين. هُن عام راهه تان هٽي، هڪ ٻي به نواڻ پيدا ڪئي آهي. محاورن ۽ چوٽين جي معنئ ۽ مطلب سمجهائڻ خاطر ٽوٽڪا، پوڳ يا واقعا تفصيل سان ڏنا اٿس، جيڪي پنهنجي دلچسپيءَ سبب ڪتاب جي جان بنجي ويا آهن. اهڙو پيرايو صرف الطاف ئي اختيار ڪري سگهي ٿو. سنجيده محقق کي شايد اها حرڪت اُکري لڳي. پوءِ به الطاف ڪتي نه سنجيده هجڻ جي دعوئ ڪئي آهي ۽ نه وري محقق هئڻ جي. هُن ته پنهنجي طرفان مڪمل ڪتاب ڏيڻ جي مالڪيءَ تان پڻ هٿ ڪنيو آهي. چيومانس: "توري محنت ڪري، هن موضوع تي ٻيا ڪتاب پڙهي، ماڻهن سان ملي، ڪجهه وڌيڪ مواد حاصل ڪري، جيڪر هڪ مڪمل ڇاڻيٽي ڏين ها ته بهتر."

چيائين: "اهو ڪم منهنجو ناهي. پلي ته ٻيا وڃي ان تي وڌيڪ ڪم ڪن. مون کي جيڪو مواد سفر دوران هٿ آيو، اهو پنهنجي انداز ۾ ڪٺي ڇپايو اٿم. وڌيڪ جيڪو ڪم جنهن کي سونهين، سو ڪري."

مون کي الطاف جي خلوص تي يقين آهي. هن پنهنجي طرفان، معمولي ئي سهي، هڪ وڌيڪ سوکڙي سنڌي پڙهندڙن کي ڏني آهي. سمونڊ ۾ هڪ ڦڙي جو اضافو ڪيو آهي. سندس اهي ئي وَڙَ، ڪيس وڏو انسان بنائڻ لاءِ ڪافي

آهن. خدا ڪيس وڏي ڄمار ڏئي ته جيئن هُو پنهنجي ٻوليءَ ۽ ديس واسين جي وڏيڪ خدمت ڪري سگهي. اسان سيني جون دعائون هميشه ساڻس گڏ رهنديون.

**قمر شهباز**
23 اپريل، 1995
**ڪراچي**

# مهاڳ/ پيش لفظ

(رني آهي گهوٽ سان، ڪتاب تان ڪنيل)

الطاف شيخ جي مهانتا صرف ان ڪري نہ آهي تہ هو عام زندگيءَ ۾ نهايت صاف گو ۽ کرو ماڻهو آهي. يا هن اڌ دنيا جي معلومات اسان تائين پهچائي آهي، بلڪ هو ان لحاظ کان بہ وڏو ماڻهو آهي، جو هن پنهنجي لکڻين ذريعي لکين پڙهندڙ پيدا ڪيا آهن. مون ڪيترن دوستن کي ڏٺو آهي، جن کي چڱي معلومات وارو ڪتاب هٿ ۾ ڪٽندي ئي برو چڙهي ويندو آهي، پر جڏهن اُهي الطاف شيخ جو ڪو سفرنامو ڏسڻ ڪاڻ ويندا آهن تہ پڙهي پوري ڪرڻ کان اڳ، موتائي ڏيڻ جو نالو ئي نہ وندا آهن. ڪتاب جتان بہ شروع ڪيائون، ان کي اڌ ۾ ڇڏي، مهڙ کان پڙهڻ لڳندا آهن. اهڙي نموني منجهن پڙهڻ جي هيرَ پئجيو وڃي.

الطاف شيخ دنيا جي جنهن بہ ڪنڊ ۾ ويو آهي، اتان ڪانہ ڪا وٿ وندي آيو آهي. هن دنيا جي هر وٿ کي ”اُلٽي اک“ سان ڏٺو آهي. جنهن ۾ ڪيس سنڌ ۽ سنڌ سان واسطو رکندڙ شيون نظر آيون آهن. ڪيس بينڪاڪ گهمندي، بوبڪ نظر آيو آهي تہ سئزرلينڊ ۾ بہ سيوهڻ جا سير ڪندو رهيو آهي. جتي بہ ڪيس اعليٰ انساني قدر، اوچي ڳاٺ نظر آيا آهن، اُتي هن سنڌ کي ياد ڪيو آهي تہ ڪاش اُهي گڻ اسان جي ماڻهن ۾ هجن تہ هوند اسان بہ اج انهيءَ پَدَ تي هجون ها. اُها دنيا جي ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن جو هن ذڪر نہ ڪيو آهي! جديد ترين موٽر گاڏين کان وٺي، ڪاغذن جي ٽڪرن کي سليقي سان اچلائڻ تي هن لکيو آهي. ماڻهن جا ڪهڙا گڻ يا اوگڻ آهن، جيڪي ڪانئس اوجهل رهيا آهن.

الطاف شيخ لکيو آهي، خوب لکيو آهي. اهو نہ ڏسندي تہ ان ۾ گرامر جون غلطيون آهن، يا محاوري جا مونجهارا، پر هن لکيو آهي. سچائيءَ سان، همت سان، صرف هڪ جذبي خاطر تہ اِهي ڳالهيون اسان وٽ هجن، اسان جا نوجوان ايتري محنت ۽ لڳاءُ سان ڪم ڪن، جو جرمني، جپان، سنگاپور ۽ سئزرلينڊ واري ترقي سنڌ جو مقدر بڻجي. ڪاش! اسان جا ماڻهو دنيا جي نئين رنگ ۽ ڍنگ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن، هو بہ اهي طريقا اختيار ڪن، جن سان دنيا جي ٻين ماڻهن ترقي ڪئي آهي. شل! اسان جا ماڻهو پراڻين ريتن ۽ رسمن کي ڇڏي، بدليل دنيا جو رنگ ۽ ڍنگ اختيار ڪن.

”الطاف شيخ ڪوڙيون ڳالهيون لکي، ماڻهن کي پنيلائي ٿو.“ مون کي اهي لفظ، هڪ اهڙي ماڻهوءَ چيا، جيڪو ڪجهہ وقت اڳ جهازي نوڪري ڪري چڪو هو. ”مان انهيءَ جو فيصلو نٿو ڪري سگهان، جو مان پاڪستان کان ٻاهر ڪونہ ويو آهيان.“ مون ڪيس وراڻيو. دل ۾ سوچيم: ”اهو بہ ممڪن آهي جيئن چوندا آهن: فقير فقير کي نہ سهي. شيون سڀ ساڳيون، اک اک جو قير هجي. هن ويچاري کي اُهي شيون ائين نظر نہ ايندي هجن، جيئن الطاف شيخ صاحب پَسيون آهن، چاڪاڻ تہ،

Beauty lies in the eyes of the beholder.

ليليٰ تہ رنگ جي ڪاري هئي پر مجنونءَ کي موهي وڌائين. ساڳيو فليٽ ٻچڙن جو اجهو تي سگهي ٿو تہ يارن جي عياشيءَ جو اڏو بہ. اڌ ڀريل گلاس، ڪن کي اڌ خالي نظر اچي ٿو تہ ڪن کي اڌ ڀريل. پر جيڪڏهن ڪنهن مصلحت خاطر، الطاف شيخ صاحب مبالغي کان ڪم ورتو آهي تہ فارسي واري جي چواڻي: دروغ مصلحت آميز، بہ از راستي فتنہ انگيز.

هن کان اڳ، الطاف شيخ رڳو سفرناما لکيا آهن. پوءِ الائي ڪيئن هن صنف طرف ڌيان پيو اٿس. ”پهاڪا ۽ چوڻيون“ لوڪ ادب جو نهايت اهم حصو آهن. جيڪي ڪنهن قوم جو گڏيل ورثو ٿين ٿا. انهن جي مطالعي مان محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ ان قوم جو سماجي شعور ڪهڙي پد تي آهي. زماني جي لاهين چاڙهين کي هو ڪيئن ٿا ڏسن. مختلف عملن ڏانهن سندن رويو ڪهڙو آهي. هو عام زندگيءَ ۾ ڪهڙي عمل کي گهٽ سمجهن ٿا ۽ ڪهڙي ڪم کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿا. جيئن هڪ جپاني چوٽي آهي: ”مهمان کي چڙٻ پلي ڏيو، پر ڪيس ٻک نہ ماريو.“ فارسيءَ جي چوٽي آهي: ”بخدمت مَنِہ دست بر پاءِ من، مُرا نان ده و ڪفش برسر بزن.“ معنيٰ خدمت سان منهنجي پيرن

تي هٽ نہ رک، مون کي ماني ڏي ۽ پلي پادر مٿي تي هڻ. ان لاءِ سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي: ”پيٽ پر، پني لڏ“، يا ”پلي بک پرم جي شال نہ وڃي شان.“ يا ڪي ايئن چون: ”مانيءَ ڪاڻ مانُ، نہ وڃائجي“. هر قوم جا پنهنجا سماجي رويا ٿين ٿا. انهن جي اپياس جو بهترين ذريعو ان قوم جا پهاڪا ۽ چوٽيون آهن. پهاڪا اجتماعي شعور جو نچوڙ هوندا آهن، جيڪي صدين پڇاڻان نهندا آهن. پهاڪا ڏور، بيت يا عام شاعريءَ وانگر ڪونہ ٺاهبا آهن. اُهي مختلف سُڇيتن جي سوچ مان گذري، پاڻ مرادو عمل ۾ ايندا آهن. ها، البت ايئن بہ ٿيو آهي تہ ڪچهريءَ ۾ ڪن گوهرن گفتا چيا، جن ۾ ايتري تہ گهرائي ۽ مشاهداتي سگهہ هئي، جو جن ٻڌا، انهن جي هِينئين ۾ هُري ويا ۽ آهستي آهستي لوڪ پَڏاريا ۽ عام ٿي ويا. اسان وٽ اهڙا مثال بہ آهن، جو ڪن شاعرن جون سٽون پهاڪن طور استعمال ٿيون آهن.

جيئن شاهہ ڪريم جون هي سٽون:

”هٿ ڪم ڪارڏي، دل يار ڏي.“
”منڊي ماڪوڙي ڪوهہ ۾ پئي ڪچي اُبَ“
”سيئي سيل ٿيام، پڙهيام جي پاڻ لاءِ“
”پاٽي سب ڪا پري، ڪا پورهيي لاءِ ڪا يار لاءِ“

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جون سٽون:

”جو وڙ جُڙي جن سين، سي ئي سو وڙ ڪن،“
”محبتي ميڙي ڳوٺ ٻڌجي هڪڙو“
”ڪا ڪانہ ويئي، هوت پڇڻ هٿ تي“

شيخ اياز چواڻي:

”ڏوڙ ٻنان ڏوليا، ناهي ساجهہ سونهن جي“

سٽون تہ سوين، پر هر سٽ پهاڪو نٿي بڻجي. پهاڪي لاءِ ضروري آهي تہ ان ۾ ڪا حڪمت هجي، ڪو اونهو اسرار هجي، ڪو نصيحت ڀريو نڪتو هجي. انهن لفظن ۾ اهڙي گهرائي هجي، جو هڪوار دل مڃي تہ چوندڙ سچ ٿو چئي. واقعي زماني ۾ ائين پيو ٿئي. جيئن:

”جنهن جو بد بنياد، تنهنجو ميوو منو نہ ٿئي“
”پوءِ ڏائي ڪان قرض نہ ڪٽجي، توڙي لک لُٽائي“
”جن جي گنديءَ ۾ داڻا، تن جا چريا بہ سياڻا“

سنڌي پهاڪا، پنهنجي سٽاءَ ۾ وزن رکن ٿا. پلي اهي هڪ سٽ تي مبني چو نہ هجن، پر انهن ۾ ردم هوندو، لئي هوندي، چوڻ ۾ سهنجائي هوندي. ڪي پهاڪا تہ مورڳو بيتن جيان ٿين، پر سولائيءَ خاطر انهن جا اڳيان يا پويان بند استعمال ٿين ٿا. جيئن عام پهاڪو آهي: ”پلي بک پرم جي، شال نہ وڃي شان.“ ان جي ٻي سٽ آهي: ”الله ڏئي ايمان، گوڏا ڏئي گذارجي.“ يا جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي: ”جنهن جو بد بنياد، تنهنجو ميوو منو نہ ٿئي“. اهو پهاڪو اصل ۾ هن ريت آهي:

ڪوڻ ڪي پاٽيءَ جان، پيڙي پياريم ڪماند،
نڪو زهر زمين ۾، نڪو ڏرپاند،
ڪمائي ڪم ذات سان، وڃي ٿي وڙواند،
جنهن جو بد بنياد، تنهنجو ميوو منو نہ ٿئي.

(ڪُوڻ _ اَڪُ)

يا هڪ ٻيو پهاڪو ڏيندا آهن تہ:

”لاهي ويهہ لنگها، آريجن مان آسرو“

اهو سچو پهاڪو هن ريت آهي.

”لاهي لنگها ويهه، آريجن مان آسرو،
پــني پرائو ڏيهه، اچي ڪاءِ آريجن ۾.“

(آريجا_ هڪ ذات ۽ تعلقي ڏوڪري جو مشهور شهر)

سنڌي پهاڪا، گهڻي قدر تجنيس حرفي تي ٻڌل هوندا آهن. انهن جو خيال ڪرڻ گهرجي. ڪنهن کي به اهو حق نٿو پهچي ته هو پهاڪن سان هٿ چراند ڪري ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق انهن ۾ ڦير گهير ڪري، مثال ڪو چوي ته:

”سپ ڪو پاڻ کي سير تو سمجهي ۽ پاءُ ڪو ڪونه سڏائي“

هاڻي جڏهن سير جو رواج ختم ٿي ويو آهي، ان جاءِ تي ڪلو ”Kilo“ وجهون ته ايئن هرگز روا نه آهي.

پهاڪن کان پوءِ چوڻين جو درجو آهي. انهن ۾ به ڪانهِ ڪا سمجهه پري ڳالهه سمايل هوندي آهي. ڪونه ڪو نصيحت پريو نُڪتو هوندو آهي. چوڻين ۾ ايتري گهرائي ڪانهِ هوندي آهي، جيتري پهاڪن ۾. اسان کي بهرحال چوڻين ۽ پهاڪن ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ ڪلهه انهن شين جو رواج ختم ٿيندو پيو وڃي. هن ڪم دوران مون ڪافي دوستن کان پهاڪا پڇيا، هنن نهڪر ۾ جواب ڏنو. گهڻن دوستن، جيڪي وڏا اديب به ليکيا وڃن ٿا، انهن چيو ته هنن اهي پهاڪا ٻڌا به ڪين آهن. سو پائيئان ٿو ته هن ڪتاب وسيلي هڪ نئين لهر ايندي ۽ ماڻهو پهاڪن ۽ چوڻين طرف راغب ٿيندا.

چوڻيون ڪن خِطن ۽ علائقن تائين به محدود ٿين ٿيون، ته ڪن ۾ وري مڪاني محاوري جو اثر نظر اچي ٿو، جيئن هن چوڻيءَ جو مثال آهي:

”ڪاٺيءَ جي ڪاچ ۾ نيڪٽ به گهٽا“

سکر ۽ خيرپور واري علائقن ۾ وري چون:

”ڪاٺيءَ جي ڪاچ ۾ چيڏڪ به گهٽا“

ڪاڪي ڪيول رام پنهنجي ڪتاب ”گل شڪر“ ۾، جيڪو 1869ع ڌاران تيار ٿيو ۽ 1905ع ڌاري شايع ٿيو، مٿين چوڻي هن ريت لکي آهي:

”ڪاٺيءَ جي وهانو ۾ سنگهٽ به گهٽا“

بهرحال جيئن ته اسان جو تحقيق طرف توجهه گهٽ آهي، ان ڪري پهاڪا ۽ چوڻيون، عام استعمال مان ختم ٿيندا پيا وڃن. اڃا به ڳوٺن ۾ انهن جو وهنوار آهي، باقي شهري زندگيءَ ۾ ته ڳولئي نٿا لبن. اڃا به وري اڙدو يا ٻين ٻولين جا پهاڪا استعمال هيٺ اچن ٿا، جن کي اسان جا معتبر ماڻهو ”ڪهاوت“ ڪري پيش ڪندا آهن، ڇڻ ڪين خبر ئي نه آهي ته سنڌ ۾ ”پهاڪو“ يا ”چوڻي“ به ڪا شيءِ آهن.

اڳ، اديب ۽ ادارا، انهن ڳالهين طرفن توجهه ڏيندا هئا، ۽ سال به سال پهاڪن ۽ چوڻين تي نوان ڪتاب پيش ڪندا هئا. جيئن ڪاڪي پيرو مل پهاڪن تي به ڪتاب تيار ڪيا: ”گلقند“ (1926ع) ۾ سنڌي پهاڪن سان ميل ڪائيندڙ هندي پهاڪا ۽ چوڻيون ڏنيون اٿائين. جڏهن ته ”پهاڪن جي پيڙهه“ ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جي اصليت آندي اٿائين. اهڙيءَ طرح ڪاڪي ڪيولرام سلامت راءِ ”گلشڪر“ ۾ سنڌي پهاڪن سان گڏ فارسيءَ جا پهاڪا ۽ ڪن هنڌن تي هنديءَ جا مثال ڏنا آهن. مرزا قليچ بيگ به انهيءَ صنف تي قلم ڪنيو ۽ 1926ع ۾ ”پهاڪن جي حڪمت“ تيار ڪري ڇڏيائين، جنهن ۾ سنڌي، هندي، عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ جا مثال ڏنل آهن. اهڙي ڪوشش اسان جي نامور محقق، لغت ۽ لوڪ ادب جي مهاڄاڻو مرحوم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب به ڪئي ۽ وڏي جستجو ۽ جاکوڙ کان پوءِ ”پهاڪن جي پاڙ“ ڪتاب تيار ڪيائين. جيڪو هن پاڻ 1966ع ۾ شايع ڪيو. ان کي سنڌي ادبي بورڊ 1989ع ۾ ٻيهر نه شايع ڪيو، پر سندس عالمانه ”مهاڳ“ ختم ڪري ڇڏيو. اهو آهي تحقيقي ڪتابن جو قدر.

1988ع ڌاري محترم سائين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هڪ خط لکي، مون کي ڪوٺ ڏني ته سنڌي ادبي بورڊ پاران ”لوڪ ادب رٿا“ جو ٻائيتاليهون يا ٽيئيتاليهون، پهاڪن بابت ڪتاب جو، اڳين شايع شده مختلف ڪتابن کي پيٽي،

معياري متن تيار ڪيان. ان لاءِ پاڻ مهرباني ڪري هڪ خاڪو به تيار ڪيائون، جنهن تي اڪتفا به ڪئيسين. پر جڏهن معاوضي وغيره جون ڳالهيون نڪتيون ته سائين جن مانڊڙي ڪري ويا. اسان به خاموش تي وياسين. خبر ناهي اهو ڪم الائي ڪاٿي پهتو!

هاڻي جڏهن محترم الطاف شيخ صاحب هي ڪم ڏنو ته مون ڪيس عرض ڪيو: "پهاڪن جي ٻولي معياري نه آهي. ڪافي شيون اڳ پوءِ تي ويون آهن. ان ڪان علاوه انهن جي ترتيب، نه ته موضوع وار آهي ۽ نه وري الفابيٽ مطابق آهي، جنهن ڪري ڳولڻ ۾ ڪافي ڏکيائي ٿئي ٿي. بهتر ٿيندو ته مختلف ڪتابن ڪي پيٽي، ڪو موچارو ڪتاب تيار ڪجي. ٻيو ته گهٽ پهاڪن ۽ چوٽين ۾ مثال / وضاحتون ڏنل نه آهن. ان لاءِ به سوچ ويچار ڪجي. پر پاڻ ٻڌايائين ته ڪيس جلدي آهي. اهو تحقيقي ڪم 97 _ 1996ع ۾ ڪٽنداسين. وٽس ٻيا به ڪجهه پهاڪا ۽ چوٽيون آهن، جن ڪي پيٽي اتارٽو آهي. بهرحال، هن ڪتاب ۾ سردست جيڪي پهاڪا ياد آيا، اُهي نيڪ ڪيا اٿم. ٻوليءَ ۾ به ضروري هنڌن تي اصلاح ڪئي اٿم. جڏهن ته اڃا به ڪافي گنجائش موجود آهي.

هن ڪتاب ۾، الطاف چئن اهم قومن جا، جيڪي دنيا ۾ پنهنجي ثقافت سان سڄاتيون وڃن ٿيون، پهاڪا ۽ چوٽيون ڏنيون آهن. انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ياڳو سوايو آهي. شايد الطاف محسوس ڪيو هجي ته اڄ جيڪا ٻولي اخبارن توڙي ڪتابن ۾ ڪتب آندي وڃي ٿي اُها پهاڪن / چوٽين ۽ محاورن ڪان سواءِ آهي. اڄ سنڌي ٻولي جو اهو رنگ نه رهيو آهي. جسي ۽ ٻُسي پئي لڳي. پهاڪن / چوٽين سان نه رڳو ٻولي رونقدار ۽ وٽندڙ ٿئي ٿي، پر ڳالهه جو مايو به وڌي وڃي ٿو. ٻڌندڙ فوري طور تي متوجهه ٿين ٿا ۽ چوڻ وارو پنهنجو مطلب مختصر لفظن ۾ اثرائتي انداز ۾ چئي وڃي ٿو.

هن ڪتاب ۾ سنڌيءَ سان گڏ ملئي، چيني ۽ جاپاني پهاڪا ۽ چوٽيون ڏنيون ويون آهن، جيڪي انهن قومن جي سماجي شعور جو عڪس آهن. ساڳئي وقت الطاف پنهنجي وسيع مشاهدي ۽ مطالعي جي آڌار تي ڏاڍا نهڪندڙ مثال به ڏيندو ويو آهي، جن ڪتاب ڪي دلچسپ بڻايو آهي. سبق آموز ڳالهين سان گڏ وٽندڙ ۽ ڪلائيندڙ ٽوٽڪا ۽ لطيفا به شامل ڪيا اٿس. جيڪي ڳالهيون ٻين قومن جون وٽيون اٿس، انهن جي تعريف ڪئي اٿائين ۽ وس پڄندي انهن جا مثال سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳولهيا اٿائين. جيڪي ڳالهيون اڄ جي دؤر جي لحاظ ڪان مناسب نه آهن پر روايت پسند جپان ۾ رائج آهن، ته انهن جي نفي ڪئي اٿائين. اهڙيءَ طرح سماجي ريتن، روايتن ۽ مثالن جي اثرائتي نموني ۾ پيٽ ڪندو ويو آهي. اها پيٽ / مطالعو سوشالاجي جي شاگردن لاءِ ڪارآمد ثابت ٿي سگهي ٿو.

الطاف، جيئن ته دنيا ڏٺي آهي، وڻ وڻ جي ڪاٺيءَ سان مليو آهي ۽ ننگر ننگر يا گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو اٿائين، ان ڪري سندس مشاهداتي پرک انتهائي معياري آهي. هن ڪتاب ۾ پهاڪن جي چوند، جيڪو سندس لاشعوري عمل آهي، پڙهندڙن جي مطالعي / معلومات ۾ بيحد اضافو ڪري ٿي. سوچن جا نوان گوشا اپرن ٿا ۽ ڪجهه ڪرڻ لاءِ اتساهه پيدا ٿئي ٿو. منهنجي خيال ۾ ڪنهن ڪامياب تحرير ۾ اهي گڻ ئي ڪافي آهن.

الطاف شيخ، لاشڪ، اسان جو قومي سرمايو آهي. خدا ڪيس وڏي حياتي ڏئي. جُڳ جُڳ جيئي ۽ جَڳ ڏسي پسي ۽ سنڌ واسين ڪي معلومات پهچائيندو رهي. سوچيندڙن لاءِ نوان گس گهڙيندو رهي.

آفتاب ابڙو

پهرين اپريل 1995ع

# پيش لفظ

(رُني آهي گهوٽ سان، ڪتاب تان ڪنيل)

ڪنهن ڪتاب جو مهاڳ / پيش لفظ يا تعارف لکڻ جي به هڪ عجيب روايت آهي. ڪيترن عالمن جو چوڻ آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ڪتاب پاڻ ڪجهه نه هوندو آهي پر ان ڪي مهاڳ اهم بڻائيندو آهي. ڪيترن جو خيال آهي: مهاڳ جو مقصد پڙهندڙ کي ڪتاب پڙهڻ لاءِ اتساهه ڏيارڻ هوندو آهي. يا وري ليکڪ، ڪنهن وڏي عالم يا نقاد کان پنهنجي ڪم جي باري ۾ مهاڳ جي صورت ۾ سَند وٺندو آهي. سنڌيءَ ۾ مختلف ڪتابن جي لکيل مهاڳن يا تعارفن کي وڏي اهميت حاصل آهي. شيخ اياز جي ڪتابن تي ابراهيم جويي ۽ رشيد ڀٽيءَ جا مهاڳ، جيڪي نه رڳو سندس ڪم ۽ ذات جو مڪمل ۽ سگهارو تعارف آهن پر جنهن دور ۾ اها شاعري ۽ ٻيون لکڻيون سِرجيون، تن جو پڻ سياسي، سماجي ۽ ادبي تحريڪن جي حوالي سان احاطو ڪندڙ آهن. اهڙيءَ طرح لوڪ ادب اسڪيم جي ڇپيل مختلف ڪتابن تي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا لکيل تعارف، لوڪ ادب جي مختلف صنفن بابت ڄاڻ ۽ فڪر جو اهم خزانو آهي.

پير حسام الدين راشدي، درازا ۾ سچل ڪانفرنس تي ڪيل هڪ تقرير ۾ چيو هو: شاهه لطيف ان ڪري وڏو شاعر ٿي پنهنجي عوام ۾ ايري آيو جو ڪيس گربخشاڻيءَ جهڙو شارح مليو. جڏهن ته شاهه جي پيٽ ۾ سچل جي گهٽ مقبول هجڻ جو سبب، ڪيس گربخشاڻيءَ جي معيار جو شارح نه ملڻ آهي.

علمي طرح مونکي ان راءِ سان اختلاف رهيو آهي ته، اصل ليکڪ يا شاعر جو ڪم ڪنهن به طرح، ڪنهن نقاد، شارح، مهاڳ يا تعارف لکندڙ جو محتاج ڪونه هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ديڳڙيءَ ۾ ڪجهه هوندو ئي ڪونه ته نقاد، شارح يا تعارف ڪرائيندڙ ڇا ڪري سگهندو. تنهن ڪري تنقيد / تشريح ۽ تعارف اصل ڪم کي پڙهندڙ تائين پهچائڻ جو صرف هڪ ذريعو آهي. باقي اصل ڪم ته ڪتاب جي اندر موجود آهي، جيڪو عوام يا ادبي تاريخ ۾ پنهنجو مقام پاڻ پيدا ڪندو.

الطاف شيخ جي هن ڪتاب، چيني ٻولين جي پهاڪن ۽ چوڻين جي ڳٽڪي، "رُني آهي گهوٽ سان........" جو مهاڳ لکڻ، پنهنجي لاءِ هڪ اعزاز سمجهان ٿو. هي مهاڳ جا ڪجهه صفحا لکندي، نه ته مان ليکڪ کي متعارف ڪرائي رهيو آهيان، نه ئي ڪتاب يا ڪتاب ۾ موجود مواد کي. ان يقين سان ته، ليکڪ پنهنجي پڙهندڙن ۾ ايترو ته ڄاتل سڃاتل، مقبول ۽ پيارو آهي جو ڪيترا ته منهنجي وچ ۾ اچڻ ئي برداشت نه ڪندا.

جيتريقدر ڪتاب جي مواد جو تعلق آهي، ان ۾ چيني جيئڻ ڄاڻندڙ، ترقي پذير سماجن جي طبقاتي طور طريقن، فطري لاڙن، اخلاقي ۽ سماجي قدرن کان علاوه نفسياتي رجحانن ۽ روين جي ننڍڙين سٽن ۽ جملن يعني پهاڪن ۽ چوڻين ۾ عڪاسي ٿيل آهي. جن کي الطاف نه رڳو چونڊي گڏ ڪيو آهي، پر انهن ۾ موجود معنائن کي سنڌي سماج جي حوالي سان پڙهندڙن کي روشناس ڪرايو آهي. پوءِ منهنجو ڪم ڪهڙو ٿيو؟ بس، ايترو ئي ته مان هڪ پياري ماڻهوءَ ۽ ليکڪ جي اهم ڪتاب جو مهاڳ لکي رهيو آهيان. جنهن جو پهرئين ڪتاب کان ئي پڙهندڙ رهيو آهيان ۽ زندگيءَ جو پهريون غير ملڪي سفر، سندس ڪتاب جي پڙهڻ جي اثر ڪري ئي ڪيو هوم. ان مقصد سان ته موٽي اچي مان به سفرنامو لکندس. اڄ جڏهن ڪيترائي ملڪ گهمي، انهن ۾ ڪُجهه عرصو رهي، اتان جي ماڻهن، انهن جي روين ۽ روايتن بابت گهڻو ڪجهه ڄاڻي چڪو آهيان. ڪيترائي دلچسپ، رنگين، ڏک ۽ راحت ڏيندڙ واقعا به زندگيءَ جي گذريل ڏينهن تي پنهنجا اثر ڇڏي چڪا آهن. پر اڃا تائين سفرنامي لکڻ جي همٿ ساري ڪونه سگهيو آهيان. اهو ته الطاف کي جس آهي جو ايڏي وڏي معلومات جو خزانو، ترتيب سان، سنڌي ماڻهن ڏانهن منتقل ڪري رهيو آهي.

انساني سماج ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو عظيم ٿين ٿا. پهريان اهي، جيڪي پيءُ ڏاڏي جي ڪمن، اعمالن ۽ اخلاقن ڪري مشهوري ماڻين ٿا ۽ پوءِ پاڻ به وڏا ڪم ڪري وڃن ٿا. ٻيا اهي، جيڪي عظيم ڪم ڪري عظمت کي رسي وڃن ٿا. ٽيان اهي، جن کي دوست ۽ خليفا يا پبلڪ رليشن عظيم بڻائي ٿي. الطاف شيخ، عظمت جي ٻئي نمبر واري قسم ۾ اچي ٿو. هن عظيم ڪم ڪري، ماڻهن کي، پنهنجي ويجهائي وارن ماڻهن کي، پنهنجي ٻولي ڄاڻندڙ ماڻهن

کي تعليم ڏئي، هن انفرميشن ٽيڪنالاجي جي دور ۾ گهٽي ۾ گهٽي جاڻ منتقل ڪئي آهي. جاڻ سان گڏ ٻوليءَ ۾ نوان اصطلاح گهڙي انهن کي واهپي ۾ آڻي، ٻوليءَ کي جديد گهرجون پوريون ڪرڻ جي اهل بڻائڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي. اهو ڪم بغير ساهي پٽڻ جي، لڳاتار ٽيهن سالن کان، ذهني ۽ فڪري سچائيءَ سان، بغير ڪنهن لالچ يا لوڀ ۽ تعريف جي محتاجيءَ جي، ڪري رهيو آهي.

ٻاراڻي ڪلاس ۾ هڪ سبق پڙهيو هئوسين: هڪ جهاز سمنڊ ۾ ٻڏي رهيو هو. جهاز جا مڙيئي مسافر ۽ عملي جا ماڻهو پريشانيءَ وچان هيڏي هوڏي ڊوڙي رهيا هئا. انهن ۾ موجود هڪ ماڻهو، پنهنجي ڪرسيءَ تي آرام سان وينو هڪ ڪتاب پڙهي رهيو هو. پريشان ماڻهن مان ڪنهن پڇيس: ”جهاز ٻڏي رهيو آهي ۽ تون هتي وينو آرام سان ڪتاب پڙهي رهيو آهين؟“ جنهن جي موٽ ۾ چيائينس: ”جهاز ٻڏي رهيو آهي ته آئون ڇا ٿو ڪري سگهان؟ هروڀرو پريشان ٿي پنهنجو وقت ڇو وڃايان. جهاز ٻڏي ويو ته آئون به ٻين سان گڏ ٻڏي ويندس ۽ جيڪڏهن بچي ويس ته ڪتاب جي مطالعي مان حاصل ڪيل علم اڳتي زندگيءَ ۾ ڪم ايندو!“ الطاف جو لاڳيتو لکڻ به جهاز جي ان مسافر وانگر آهي، جيڪو وقت وڃائڻ نٿو چاهي ۽ مليل وقت جي هر پل کي هن جهاد، جاڻ ڏيڻ جي علمي جهاد، لاءِ وقف ڪري چڪو آهي. جنهن کي هن نفسانفسي واري سماج ۾ ڪابه مشڪل روڪي نٿي سگهي ۽ ڪوبه ڪم، هن ڪم کان وڌيڪ اهم نٿو لڳي.

سنڌيءَ ۾ مرزا قليچ بيگ ۽ شيخ اياز ڪان پوءِ الطاف شيخ ئي آهي، جنهن نه صرف گهڻو لکيو آهي پر سندس هر ڪتابَ، نوان پڙهندڙ پيدا ڪيا آهن. گهڻي لکڻ جي حوالي سان ٿي سگهي ٿو ته ٻيا به ڪي ليکڪ هجن، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي لکي ڪتابن جو انگ وڌائيندا هجن. باقي پڙهندڙن تائين رسائي جيڪا مٿين ليکڪن کي پنهنجي دور ۾ رهي آهي، اها ٻين کي گهٽ نصيب ٿي آهي.

هي موجوده دور جو سندباد ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ابن بطوط ۽ مارڪو پولو آهي، جنهن ڪولمبس وانگر پل آمريڪا جهڙو ڏورانهون ملڪ ڳولهي نه لڌو هجي پر سنڌين جي دل جو اهڙو حصو ڳولڻ ۾ ضرور ڪامياب ويو آهي جنهن تي سندس حڪمراني آهي. اها حڪمراني ڪنهن تخت ۽ تاج جي محتاج ڪونه آهي. اها محبتن ۽ احساسن جي حڪومت آهي. جيڪي محبتون هن ليکڪ کي مليون آهن، ڪيترا اهڙين محبتن لاءِ تمنائون ڪندا هوندا.

الطاف مئرين انجنيئر، تعليم دان، دانشور، سفرناما لکندڙ ۽ هڪ تخليق ڪار کان علاوه فوٽو گرافر به آهي. فوٽو گرافيءَ جي ان شوق هن کي ٻاهرين ۽ سطحي تصور ڏسڻ کان علاوه تصوير ۽ منظر جي اندر ليئو پائي لکل منظر ڏسڻ جي قوت پڻ ڏني آهي. پڙهندڙ جي اڳيان، منظر جا مڙئي رُخ کولي رکي ٿو ۽ اندر جي اک ۽ دل جي اونهائيءَ سان، ڏسڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هو جڏهن ڪنهن نظاري جي منظرڪشي توڙي روين جي روشنيءَ ۾ ڪردار نگاري ڪري ٿو ته ائين پاسندو آهي ته اهو منظر پڙهندڙ جي اڳيان آهي ۽ ذڪر ڪيل ڪردار سان سندس واسطو پئجي رهيو آهي.

جهاز ۾ چڙهي، سفر دوران جهاز ۾ اندر ۽ ٻاهر گڏ ڪم ڪندڙ اسٽاف توڙي سمنڊ کان ٻاهر پهچڻ تي مقامي ماڻهن سان سنڌ جي ماڻهن کي اهڙي طرح واقف ڪرايو آهي جو سفرناما پڙهندڙ هر سنڌي انهن ڪردارن سان نه صرف پاڻ کي واقف ۽ لاڳاپيل سمجهي ٿو پر الطاف جي دوستن کي دوست، سنو رويو رکندڙن کي سنو ۽ مخالفن کي پنهنجو مخالف سمجهي ٿو. الطاف جنهن سچائيءَ سان پنهنجي ڪلاس فيلوز يا گڏ ڪم ڪندڙن ۽ واسطي ۾ ايندڙ ڪردارن سان پڙهندڙن کي شناسائي ڏئي ٿو ته پڙهندڙن کي انهن ڪردارن سان هڪ قسم جي اُنسيت پيدا ٿي پوندي آهي.

الطاف جي سفرنامن، سنڌي پڙهندڙن ۾ پهريون ڀيرو سفر ڪرڻ ۽ دنيا ڏسڻ جو اُتساهه پيدا ڪيو. مان ڪيترن اهڙن سنڌي پڙهندڙن کي ذاتي طرح سڃاڻان جن سنگاپور، ملائيشيا، ٿائيلينڊ ۽ جپان وغيره ڏانهن سفر الطاف جي سفرنامن پڙهڻ کان پوءِ ڪيو.انهن مان جن پنهنجي سفر دوران اهي مزا نه ماڻيا ۽ بوريت جو شڪار ٿيا، انهن الطاف کي ڏوهي ڄاڻايو ته وڏاءُ ڪري اُتساهه ۽ شوق ٿو پيدا ڪري. جن الطاف جي ٻڌايل حقيقتن توڙي پيش ايندڙ واقعن

ڪان وڏيڪ ڏنو ۽ گهميو، تن چيو تہ گهڻو الطاف ڪان رهجي ويو آهي يا وري ڪن اخلاقي، سياسي ۽ سماجي مجبورين ڪري لکڻ ڪان لنوائي ويو آهي. هن پنهنجي سفرنامن ۾، پيش ايندڙ واقعن ۽ جاڻ ڪي معصومانہ ۽ باجهاري انداز سان نهايت سؤلو ۽ دلڪش ڪري پيش ڪيو آهي. سندس ٻولي ۽ لکڻ جو طريقو سادو، پُر لطف ۽ عام فهم آهي. جنهن مان پڙهندڙ ڪي تفريح سان گڏ تمام گهڻي معلومات بہ ڏئي ٿو. هر شيءِ ڪي ائين ئي بيان ڪري ٿو جيئن اها آهي يا وري جيئن هو ڏسي ٿو.

الطاف شيخ جي سفرنامن پڙهڻ سان سڀ ڪان اهم ڳالهہ اها پاسندي آهي تہ ليکڪ پنهنجي مطالعي ۽ جاڻ جي رعب رکڻ بدران پنهنجي پڙهندڙ ڪي معلومات ڏئي ايديو ڪيٽ ڪرڻ چاهي ٿو. جنهن شيءِ جي ڪيس جاڻ نہ آهي ان جو اظهار ڪري ٿو. ائين ڪرڻ سان هو چين جي ان چوٽيءَ ڪي پنهنجي لکڻين ۾ ثابت ڪري ٿو تہ، "جيڪو پنهنجي اڻ ڄاڻائي قبول ڪري ٿو، اهو هڪ دفعو ظاهر ٿئي ٿو. پر اهو جيڪو پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ ڪي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو اهو هر وقت ظاهر ٿيندو رهي ٿو." چين جي اها چوٽي اسان جي سماج ۾ اسان جي چوڌاري موجود اهڙن ڪردان لاءِ پڻ هڪ آئينو آهي. جيڪي پنهنجي نااهليت ۽ بي علميءَ ڪي مڃڻ بدران مختلف حيلن بهانن سان لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا ۽ هميشہ خوار ٿين ٿا.

مغرب جا ماڻهو سفر جا ڪوڏيا ۽ موڪلون ٻين ملڪن ۾ گذارڻ ڪي وڏي اهميت ڏيندا آهن. ڪيترا تہ سال جا ڏهہ مهينا گڏهہ وانگر ان ڪري ڪمائيندا آهن تہ باقي ٻہ مهينا دنيا جي ڪنهن حصي جو سفر ڪرڻ لاءِ ثمر ڪنو ڪري سگهن. ان ڪري ان دنيا ۾ سفرنامہ (Travelogue) ٻئي سموري ادب ڪان گهڻو پڙهيا ويندا آهن. اسان جا ماڻهو مغرب جي ابتڙ پرسان واري ڳوٺ ۾ وڃڻ ڪي پرديس پيا پاسندا آهن ۽ پرديسي سڏائيندا آهن. اهو الطاف جو ڪمال آهي تہ سفرنامن ڪي اهڙو تہ مقبول بنايو اٿئين جو هڪ سروي مطابق دعوىٰ سان چئي سگهجي ٿو تہ اڄ سنڌ ۾، ٻئي سموري ادب جي ڀيٽ ۾ سفرناما وڏيڪ پڙهيا وڃن ٿا، ۽ اهو سمورو ڪريڊٽ الطاف شيخ اڪيلي جي سِرَ تي آهي.

الطاف اهي سفرنامہ سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌين لاءِ لکيا آهن پر سندس سفرنامن جي ڏاڪ ۽ مڃتا انهن ملڪن ۽ علائقن ۾ بہ اوتري آهي، جيتري سنڌ ۾ جو ڪيس ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو آهي.

شيخ اياز جي هڪ مشاهدي تہ "سنڌ ڪان ٻاهر سنڌ ڪي موهن جي دڙي ۾ ڊاڪٽر بني بخش بلوچ جي لوڪ ادب تي ڪيل ڪم جي ڪري سڃاتو وڃي ٿو، " جيڪڏهن اهو اضافو ڪجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سنڌ ڪي الطاف شيخ جي سفرنامن ڪري بہ سڃاتو وڃي ٿو. الطاف سنڌين لاءِ اهو ڪم ڪيو آهي جيڪو يورپين، خاص ڪري انگريزن ۽ عربن ارڙهين ۽ اڻوهين صديءَ ۾ مختلف ملڪن جا سفر ڪري پنهنجي ماڻهن ڪي انهن ماڻهن ٻولين، رسمن، روايتن ۽ ادب متعلق معلومات ڏيڻ سان گڏ، پنهنجي ٻوليءَ جي ادب ڪي بہ مالا مال ڪيو.

الطاف جو هيءُ ڪتاب، سنڌي، ملئي، چيني ۽ جپاني پهاڪن ۽ چوڻين جو مجموعو (Anthology) آهي. پهاڪي مان اصل مراد آهي ڏاهپ جو قول، نصيحت جو نڪتو، مقولو، سياڻپ جو سخن، ڪنهن واقعي جو ٿورن لفظن ۾ اشارو جيڪو ڪنهن ڪي مثال طور ٻڌايو وڃي. گهڻي سوچ ويچار ۽ ڳڻ ڳوت ڪان پوءِ ڪو پهيل مسئلو، جيڪو پوءِ ڪنهن سماجي گروهہ فيصلي يا راءِ طور قبول ڪيو هجي. اڳئين جُڳ ۾ ڪنهن ڏاهي ڪو پيچيدو مسئلو پهي، ان جو ڪو آسان حل ٻڌايو هجي ۽ اهو ساڳي ٻولي واپرائيندڙ سماج ۾ قبول ڪيو ويو هجي ۽ هر ڪنهن جي وات اچي پهاڪو بڻيو هجي. مثال طور، "صبر جنين ساڻ، تير نہ ڪُسي تن جو" يا "لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نہ وهي". اهڙي طرح ڪنهن ڏکئي وقت ڪنهن مشڪل مسئلي ڪي حل ڪرڻ لاءِ چئن چڱن ويهي، گڏيل راءِ سان ڪو فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ساڳئي قسم جي مامري ڪي حل ڪرڻ لاءِ اهو "پهاڪو" تي ڪم آيو. تنهن ڪري پهاڪي جي معنىٰ آهي؛ ڳڻيل ڳوتيل ڳالهہ، سوچيل سمجهيل نڪتو ۽ توريل تڪيل فيصلو يا مڃيل اصول. اهڙو قاعدو يا قانون جنهن ۾ جامع لفظن ۾ ڪا مصلحت، حڪمت، ڏاهپ ڪا نصيحت ۽ هدايت هجي.

The Wisdom of many and the wit of the one

پينگوئن ڊڪشنري آف پراوربس مطابق پهاڪي جي تشريح هيئن بہ ڪري سگهجي ٿي: ننڍو پر جامع ٻول، جيڪو ياد ڪرڻ ۾ سولو هجي، جنهن ۾ صلاح، خبرداري، اڳڪٿي يا تجزياتي مشاهدو بيان ڪيل هجي.

پهاڪا آڳاٽي زماني کان دنيا جي اڪثر قومن، گروهن ۽ قبيلن ۾ رائج رهيا آهن. قديم هند، چين، روم، يونان عرب، ترڪ ۽ ايران سميت مشرق ۽ مغرب جي ترقي يافته، ترقي پذير توڙي پوئتي پيل سماجي گروهن ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون سندن ذهني اوسر، نفسياتي رجحانن ۽ طبعي لاڙن جا ڀرپور اهڃاڻ آهن. پهاڪا انسانذات جي ڏاهپ ۽ ظرافت جا عجيب اظهار آهن. جن ذريعي هر گروهه پنهنجي ملڪ ۽ ماحول، پنهنجي سماجي ۽ فطري لاڙن ۽ ٻوليءَ جي وسعت، لفظي سٽاءَ ۽ معنوي نزاڪت مطابق صدين جا تجربا نروار ڪري ٿو. پهاڪا، ٻوليءَ ۾ انساني جيوت جي آتم ڪهاڻي آهن. هي قومن جي زباني يعني اڻ لکيل تاريخ آهن. ڪنهن به قوم جي سچي سماجي تاريخ يعني علمي، ادبي ثقافتي، نفسياتي اوسر، ڪمال ۽ زوال، حرفت ۽ هنر، رنج ۽ راحت، رسم ۽ رواج، مجسلي رنگ ۽ ڍنگ، انساني سڀاءَ ۽ رويا معلوم ڪرڻ لاءِ ان قوم جي لوڪ ادب جو سائنسي اڀياس وڏي مدد ڏئي ٿو. لوڪ ادب جي اهم صنف پهاڪا وري اهڙي اڀياس لاءِ جيڪو مواد مهيا ڪن ٿا، اهو معاشري جون سچايون اهڙي ته چٽائيءَ سان پيش ڪري ٿو جو مستند تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ بنياد ملي پوي ٿو.

پهاڪا ظاهر ۾ ته هڪ ئي سماج ۽ ان ۾ رهندڙ مختلف گروهن جي سوچ ۽ فڪر جو اظهار نظر ايندا آهن. پر اصل ۾ اهي ان سماج جي اڳ جي تاريخ يعني ٻاهران آيل ماڻهن جي اچي آباد ٿيڻ، مختلف تباهين يا جنگين جي نتيجن ۾ پيدا ٿيل حالتن ۾ اُسرندڙ فڪر ۽ مسلسل جدوجهد جو اظهار به هوندا آهن.

پهاڪا لوڪ ڏاهپ جا اهڃاڻ آهن. جيڪي اخلاقي به ٿي سگهن ٿا ۽ ضروري ناهي ته اهي اهڙي سچائيءَ تي ٻڌل هجن، جيڪا هر ڪنهن لاءِ قابل قبول هجي. مثال طور: ”جٽ ۽ ڦٽ، ٻڌو چڱو“ سان ڪيترائي سهمت نه هوندا. هي ڏاهپ جا اهي نسخا آهن، جيڪي هڪ نسل جي فڪر ۽ ويچار کي بغير ناهه نوهه جي ٻين تائين پهچائين ٿا.

چئن مختلف سماجن مان چونڊيل هي پهاڪا ۽ چوڻيون رڳو هڪ مرڪب مجموعو ڪونه آهن پر چئن ملڪن جي عوام جي سماجي تاريخ انهن ۾ لِڪل آهي. جنهن ذريعي عوام جي ذهني سوچ ۽ ارتقا کان علاوه سندن ثقافت ۽ نفسياتي لاڙن جي سُڌ پڻ پڙهندڙ کي ملندي. چئني سماجن ۾ استعمال ٿيندڙ پهاڪا ۽ چوڻيون الڳ الڳ ڀاڱن ۾ ڏئي هر هڪ پهاڪي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت ڏنل آهي. انهن مختلف ملڪن جا پهاڪا هڪ هنڌ ڏسي شايد ڪي پڙهندڙ ۽ عالم اها تقاضا ڪن ته انهن جو پيٽا اڀياس ڏنو وڃي ها. پر جدا جدا قسم جي سماجن ۽ انهن جي الڳ جوڙ جڪ جي ڪري انهن روين جي سوچ جي اظهار لاءِ جيڪڏهن هڪجهڙا پهاڪا ميسر آهن ته انهن جي پيٽ مثالن سان ڪئي وئي آهي.

هن مجموعي ۾ وڏو حصو سنڌي پهاڪن جو آهي. سنڌي زبان جي مختلف پهاڪن، اصطلاحن ۽ چوڻين کي وقت به وقت گڏ ڪري ڇاپيو پئي ويو آهي. جنهن جي هر دؤر ۾ الڳ الڳ اهميت ۽ ڪارڻ رهيو آهي. 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معياري صورتخطي مقرر ٿيڻ کان پوءِ ضرورت ٿي ته گهٽي ۾ گهٽا ڪتاب شايع ٿين. سنڌيءَ ۾ ڪتابن لکڻ تي انعام به رکيا ويا. پهاڪن جي اهميت ۽ ننڍڙي جملي ۾ وڏي ڳالهه سمايل واري سوچ کي نظر ۾ رکندي پهاڪا گڏ ڪيا ويا ته وري انگريز عملدارن کي سنڌيءَ سان واهپي ۾ ۽ وڌيڪ ويجهو آڻڻ لاءِ سنڌي پهاڪا گڏ ڪري انهن جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ پڻ ڏني وئي. ڪن عالمن وري اسڪولي شاگردن جي سماجي شعور ۽ ٻوليءَ جي سمجهه ۾ واڌ آڻڻ لاءِ انهن کي جوڙي سمجهاڻيون ڏنيون. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ گڏ ڪيل پهاڪن ۾ وري پهاڪن جو تاريخي پس منظر، انهن ۾ لِڪل سماجي ۽ تاريخي واقعن جي سمجهاڻيءَ کان علاوه، پهاڪن جي بنياد لهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

سنڌ کان علاوه ڀارت ۾ به ڪيترا سنڌي اديب، پهاڪا گڏ ڪري ڇپائي رهيا آهن. انهن تائين دسترس نه هجڻ ڪري چئي نٿو سگهجي ته انهن پهاڪن کي گڏ ڪري ڇپائڻ جو مقصد ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته اها ڳالهه روشن سج وانگر چٽي ۽ سگهاري آهي ته اهو سمورو علمي ڪم ٻوليءَ ۽ ان جي لوڪ ادب جي خزاني ۾ واڌاري کان علاوه سماجي اوسر ۽ ٿيندڙ تبديلين کي سمجهڻ ۾ وڏو مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. اڳ جا جمع ڪيل پهاڪا، هڪ خاص سماج ۾ اُسريل هئا. اڄ جڏهن ٻوليءَ کي اهو ساڳيو سماج ميسر نه آهي ته ڪيترائي اڳ جا پهاڪا، پنهنجي اصل

سمجهاڻي ۽ مفهوم وڃائي ويندا آهن. ان جي بدران نئين سماج ۾ نوان پهاڪا اُسري رهيا آهن ۽ پراڻا پهاڪا نئين تبديل ٿيندڙ سماج جي گهرجن مطابق تبديل ٿي رهيا آهن.

الطاف جي گڏ ڪيل پهاڪن جو هي ڳٽڪو، ٻوليءَ جي ايندڙ محقق ڪي پڻ اڄ جي استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ ۾ اڳ جا رائج پهاڪا، هن دور جي ٻوليءَ جي روايتن کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. الطاف ڪوشش ڪري هر پهاڪي جي معنىٰ ۽ سمجهاڻي ڏيڻ کان علاوه استعمال ڪرڻ جي مقصد جي اپٽار ڪئي آهي. جنهن سان ٻولي ۽ ان جي واهپي واري سماج سان گهٽ واسطو رکندڙ ماڻهوءَ کي پڻ پهاڪو سمجهڻ ۽ پنهنجي مرضيءَ ۽ ضرورت مطابق استعمال ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

پهاڪا هڪ سيني کان ٻئي سيني تائين ۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين هلندا، موجوده روپ ۾ پهتا آهن. تنهن ڪري لفظن ۾ ٿوري ڦير ڦار ضرور آئي هوندي. ٿي سگهي ٿو ته ڪي پڙهندڙ اهو محسوس ڪن ته اهو پهاڪو ائين نه، هيئن هجڻ گهرجي. مثال طور: ڪتاب ۾ آيل پهريون پهاڪو:

"مئو مري نه نٿو، مئي کان سواءِ سري نه نٿي"

ڪنهن وري اهو پهاڪو هيئن ٻڌو هجي ته،

"مئو نه ٿو مري، نڪو ٿو منجو ڇڏي"

انهن ٻنهي پهاڪن ۾ نه صرف لفظن جو فرق آهي، پر مفهوم ۽ مقصد به ڌار ڌار آهي. هڪ ٻيو پهاڪو آهي:

"مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانه، ڳانءِ کي چوي: هل ڙي پڇ ڪاري!"

ڪو ٻيو وري هيئن چوي ته:

"مينهن پنهنجي ڪارنهن نه ڏسي، ڳئونءَ کي چوي: هل ڙي پڇ ڪاري!"

هن پهاڪي ۾ رڳو لفظن جي ڦير ڦار آهي. ڳانءِ لفظ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌي هندو ڳئونءَ لاءِ استعمال ڪندا هئا. هاڻي جڏهن سنڌي هندو موجوده سنڌي سماج ۾ هڪ ننڍڙي ۽ بي اثر ٽورائي ۾ آهن، تڏهن اهڙي قسم جا لفظ به استعمال ۾ ڪونه رهيا آهن ۽ تمام گهڻا سنڌي ماڻهو ڳانءِ لفظ استعمال تا ڪن ۽ ٿي سگهي ٿو ته ان جي معنىٰ به نه سمجهندا هجن. اهڙيءَ طرح ڪنهن عمل تي پڇتاءُ ڪندي ڪو چوي: "ادا! مون ڳانءِ ڪاڻي!" ته شايد ئي ڪو ان ۾ لڪل مقصد سمجهي سگهي. ڇو جو اهڙي قسم جا اصطلاح يعني "ڳانءِ ڪاٺڻ" اڄ جي سنڌي سماج ۾ گهٽ استعمال ۾ آهن.

گهڻا سنڌي پهاڪا نج سنڌيءَ ۾ هجڻ ڪري، اڄ جي سنڌيءَ کي، جنهن جي ٻوليءَ تي ٻين ڌارين لاڳاپي ۾ ايندڙ ٻولين جو اثر آهي، سمجهڻ شايد ڏکيا ٿين. الطاف کي ان ڳالهه جو احساس آهي، تنهن ڪري نه رڳو پهاڪي جي سؤلي سنڌيءَ ۾ سمجهاڻي ڏني اٿائين پر جتي ضرورت محسوس ڪئي اٿائين، اتي جو استعمال ۽ وڌيڪ سمجهاڻيءَ لاءِ ساڳي معنىٰ وارو ٻيو پهاڪو به ڏنو اٿائين. مثال طور:

"خالي چڙو، وڃي گهڻو"

جي سمجهاڻي ڏئي ٻيو پهاڪو به ڏنو اٿائين: "سڪٽي ڪُني گهڻو اپامي." يا وري "ڪيتي، سِر سيتي" جي سمجهاڻيءَ ۾ اهو ڏيڻ ته: "ٻنيءَ لاءِ سنو پاڻ، زميندار جي جُتيءَ جي مٽي آهي."

بهر حال جتي به ضرورت محسوس ڪئي اٿائين يا ڪو ٻيو اهڙي معنىٰ ۽ مفهوم وارو پهاڪو سُجهي آيو اٿس ته اهو به سمجهاڻيءَ خاطر ڏنو اٿائين ته ڪٿي ٻين ٻولين ۽ سماجن ۾ استعمال ٿيندڙ ساڳي معنىٰ وارا پهاڪا ۽ چوڻيون به ڏنيون اٿائين.

مثال طور: "اُماڙ ڏنل ڪتي، تارا ڏسي رُوڙي" جي سمجهاڻيءَ ۾ اردو ۽ جپاني سماج مان پهاڪا ڏنا اٿائين. اهڙيءَ طرح هن مجموعي ۾ متي ذڪر ڪيل چئن ٻولين کان علاوه، انگريزي، روسي، ٿائي ۽ اردوءَ جي ڪيترن پهاڪن کان به روشناس ڪرايو اٿائين.

سنڌ کان علاوه ٻين ٽن ايشيائي ملڪن جي پهاڪن کان سنڌين کي روشناس ڪرائڻ وارو الطاف جو ڪم نهايت

ساراهه جوڳو آهي. الطاف، جيڪو اڳ مختلف ملڪن جا، اتان جي ترقي ۽ ماڻهن جي رسم رواج ۽ قاعدن قانونن کان سنڌي پڙهندڙن کي واقف ڪندو رهيو آهي، سو هاڻي انهن مان ڪن سماجن جا پهاڪا ۽ چوڻيون چونڊ ڪري، سنڌي ماڻهوءَ کي انهن سماجن جي نفسياتي رجحانن ۽ فطري لاڙن کان پڻ واقف ڪيو آهي. پهاڪن ۽ چوڻين ذريعي ڏنل ان معلومات مان لڳي ٿو ته، اهي ٿئي سماج، سماجي روين ۽ عقيدن ۾ سنڌي سماج سان ڪافي مشابهت رکن ٿا. مثال طور: عورت بابت پهاڪا، ويساهه ۽ چوڻيون ظاهر ڪن ٿيون ته انهن سماجن ۾ به سنڌي سماج وانگر، عورت جي حيثيت ٻئي درجي واري آهي. هن مجموعي ۾ گهڻي ۾ گهڻا پهاڪا، عورت بابت ڏنل آهن، جيڪي گهڻو ڪري عورت جي خلاف آهن.

هن باشعور، انصاف پسند ۽ ترقي پسند سوچ جي ماڻهوءَ وانگر، الطاف به عورتن بابت تسليم ٿيل ۽ رائج پهاڪن کي ناانصافي ۽ نا برابريءَ تي ٻڌل سمجهي ٿو. ان جي ڪارٽن جو جائزو وٺندي چئي ڏئي ٿو: "جڏهن دنيا ۾ اديب، اخبار نويس، پرنٽر، پبلشر گهڻا مرد حضرات هوندا، پوءِ ظاهر آهي ته، اهڙي ڳالهه عورت لاءِ ئي چئي ويندي. مثال لاءِ "عورت کي عقل ڏاڍي ڪڙيءَ ۾ ٿئي ٿو!" ڏنو اٿائين. پر وري ڪٿي يورپ جي موڊ ۾ آهي ته عورت بابت لطيفا ٻڌائيندي به هٻڪيو ڪونه آهي. جيئن عورت جي راز دل ۾ نه رکڻ واري عادت جو ذڪر ڪندي، چيني پهاڪن واري ياڳي ۾ هڪ گفتگو جو ذڪر ڪري ٿو:

ڪنهن پڇيو: "ڪميونيڪيشن يعني نياپو پهچائڻ جو سڀ کان تکو طريقو ڪهڙو آهي؟ ٽيليفون، ٽيليفڪيس يا ٽيليويزن؟"

"نه، انهن مڙني کان وڌيڪ: ٽيل _ اي _ وومن (Tell a woman) آهي."

گڏيل ۽ هڪ جهڙن موضوعن کان علاوه هر سماج جي پنهنجي الڳ سڃاڻپ پڻ پهاڪن ذريعي ٿئي ٿي. جيئن ملئي پهاڪن ۽ چوڻين مان ظاهر ٿئي ٿو ته ملئي سماج ۾ جانور، مڇيون، جيت جڻيا، ڏيڏر، واڳون ۽ نانگ بلائون، ڏينيو ۽ ڪوريئڙو نهايت اهم آهن. ڪيترائي پهاڪا انهن جي ذڪر ۽ عادتن جي مشاهدي تي ٻڌل آهن. مينهن، ساوڪ ۽ چراگاهه به هن سماج ۾ وڏي اهميت رکن ٿا ۽ عام جام آهن. چيني سماج ۾ وري وقت جي اهميت کان علاوه سفر ڪرڻ جي اهميت آهي، جو "هڪ هفتو ٻاهر رهڻ کي گهر ۾ هزار هفتا رهڻ تي فوقيت آهي." اهڙي طرح هي پهاڪو: "سون جو انچ، وقت جو هڪ انچ به نٿو خريد ڪري سگهي." واضح ڪري ٿو ته چيني سماج ۾ وقت جي اهميت، دنيا جي ڪيترن سماجن کان وڌيڪ آهي. جيئن انگريز سماج ۾ مڃيل چوڻي آهي ۽ اسان وٽ به اڄ ڪلهه مشهور ٿي رهي آهي ته:

"وقت دولت آهي، ضايع نه ڪيو."

Time is money, don't waste it

ساڳئي نموني چپان جي مشيني ۽ پيچ پچان واري سماج جي هن هڪڙي مثال مان ئي ثابتي ملي ٿي. جڏهن الطاف هڪ بوڪ اسٽال تان شاعريءَ جو ڪتاب وٺندڙ ڇوڪريءَ سان گفتگو ڪئي.

"شادي شده آهيو؟" مون پڇيومانس

"نه!" هن وراڻيو.

"پڪ توهان جو آئيڊيل مڙس شاعر هوندو."

"باهه ڏيان شاعر کي، ان کان ته ڪنهن رازي، وادي، ڪنڀار يا لوهار سان شادي ڪرڻ پسند ڪنديس، ها البت شاعري پسند اٿم."

ڪيترا سياح، چيني، ملئي توڙي جپاني سماجن کي هڪ ئي سماج جون شاخون چون ٿا. ان سلسلي ۾ هو ماڻهن جي طبعي بناوت، کائڻ، پيئڻ ۽ پچائڻ جي طور طريقن، توڙي هڪجهڙي موسم کي مثال ٻڌائين ٿا. بهرحال انهن سماجن کان علاوه سامي لوڪن جي سماج ۾ به پهاڪن، اصطلاحن ۽ چوڻين کي وڏي اهميت حاصل آهي. يهودين ۽ عربن ۾ ته اڄ سوڌو خاص احتياط ۽ اهتمام سان پهاڪا جوڙيا ويندا آهن. انهن جي استعمال ڪندڙن کي عزت، مان ۽ بزرگي واري حيثيت ڏني ويندي آهي. عرب ۽ اسرائيل جا فلالا جست (Philologists) توڙي جديد مشرقي تهذيب ۽ لوڪ ادب جا ماهر (Orientalist and folklorists) پهاڪن کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن جون سمجهاڻيون ڏيڻ ۾ مصروف رهيا آهن.

پهاڪا تاريخ جي ٿلهن ڪتابن مان هٿ ڪونه ايندا آهن. ڇو جوانهن جو جنم ڪتابن ۾ نه، پر عوام جي دلين ۾ ٿيندو آهي. اهي دليون ڦولهي پهاڪا گڏ ڪرڻ، ڪنهن جوهري ۽ وينجهار جو ڪم آهي. الطاف بيشڪ اهو وينجهار آهي، جنهن ڪيترا اهڙا پهاڪا هن ڪتاب ۾ آندا آهن، جيڪي اڳ جي ڪتابن ۾ آيل ڪونه آهن. هي الطاف جو وڏو ۽ اهم پورهيو آهي ۽ پورهيو ڪوبه اجايو ڪونه ويندو آهي. الطاف جو هي پورهيو گهٽن ڪي اتساهه ڏياريندو ۽ هن ڪان پوءِ ان سلسلي جو وڏو ڪم ٿيندو. جنهن ۾ اڳ ڇپيل ۽ بين نون پهاڪن ڪي عوام جي سينن مان ڪڍي، هڪ هنڌ گڏ ڪري علمي ۽ سماجي تشريحون ڏيئي، تاريخي واقعن سان پيٽي پيش ڪيو ويندو ۽ الطاف جو هيءُ پورهيو اهڙيءَ طرح صاب پوندو ۽ پنهنجو ملهه ماڻيندو.

هي ڪتاب پنهنجو ملهه پاڻ مقرر ڪندو. تعريف، واکاڻ يا وياڪيا ڪرڻ، شايد اهڙي قسم جي ڪتاب تي، ڪو خاص اثر نه وجهي.

قاسم ٻگهيو

سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

26 مارچ 1995ع